# تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول

مترجم

ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

# تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول

مصنف
ڊاڪٽر عبدالستار دلوي

مترجم
ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ
2016ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر 253
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول

مصنف: ڊاڪٽر عبدالستار دلوي (اردو)
مترجم: ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي
ڇاپو: پهريون: 2006ع، ٻيو 2016ع
تعداد: 1000
قيمت: 150/= روپيا

**Catalogue Reference**
Matlani Dr. Baldav
Tahqeeq jo Fun ain un ja Usool
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-076-0

**TAHQEEQ JO FUN AIN UN JA USOOL**
Author: Abdul Sattar Dalvi
Translation: Dr. Baldev Matlani
Edition: 1st 2006, 2nd 2016
Quantity: 1000
Price: Rs.150/=
Composed by: Parsa Rizvi
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sarfraz Rajar, Chairman, Sindhi Language Authority
National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000,
Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Pakeeza printers, Hyderabad, Sindh
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب، سرفراز راڄڙ، چيئرمئن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد، مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر طرفان | | 5 |
| مهاڳ | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 7 |
| ٻه اکر | ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي | 18 |
| باب پهريون: | تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول | 21 |
| باب ٻيو: | تحقيق جا قسم | 23 |
| باب ٽيون: | محقق ۽ رهنما | 33 |
| باب چوٿون: | تحقيقي عمل جا مرحلا | 42 |
| باب پنجون: | تحقيق جو طريقه ڪار | 52 |
| باب ڇهون: | لائبرريءَ جو استعمال | 54 |
| باب ستون: | علائقائي تحقيق جو ڪم | 61 |
| باب اٺون: | مواد جي حاصلات جا طريقا | 66 |
| باب نائون: | لوڪ ادب جي تحقيق | 70 |
| باب ڏهون: | ادبي تحقيق جو جائزو | 74 |
| باب يارهون: | مقالي جي پيشڪش | 78 |
| باب ٻارهون: | مقالي جا مختلف جزا ۽ روپ ريکا | 84 |
| باب تيرهون: | تحرير جي لحاظ کان مقالي جي روپ ريکا | 93 |
| باب چوڏهون: | مقالي جو اندازِ تحرير | 97 |
| ببليوگرافي | | 100 |

# ناشر طرفان

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڊاڪٽر عبدالستار دلويءَ جي لکيل ۽ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول' جو ٻيو ڇاپو ڇپائيندي، اٿارٽي نهايت خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. هيءُ ڪتاب ڇاڪاڻ ته تحقيق جي سمورن پهلوئن جو احاطو ڪري ٿو، ان ڪري سنڌي ادب ۾ ايم.اي، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ڪندڙ شاگردن لاءِ ڄڻ ته نصابي ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو. چند سالن ۾ هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ختم ٿي ويو ۽ اڄ هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

ڪوشش آهي ته اسان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن توڙي محققن لاءِ اهڙا ڪتاب تيار ڪرائي، شايع ڪرايون، جيڪي ساڳئي وقت انهن لاءِ نصابي ڪتاب جو درجو رکندا هجن. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي لکيل 'سنڌي ادب جي تاريخ' (ٽي جلد) ۽ محترم ظفر عباسيءَ جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون' جو ٻيو ڇاپو پڻ تياريءَ هيٺ آهي.

هن ٻئي ڇاپي ۾ ڪن ڏکين لفظن کي مروج سنڌيءَ ۾ ڏنو ويو آهي ته جيئن سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿئي. اميد آهي ته اڳ جيان هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو به سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن توڙي محققن لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

16 مئي، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

سرفراز راڄڙ
چيئرمئن

# مهاڳ

دنيا ۾ ڪي اهڙا انسان به موجود آهن، جن کي ڏٺي بنا، مٿن عاشق ٿي وڃبو آهي. لطيف سائينءَ ڪهڙو نه سٺو فرمايو آهي ته:

ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين!

ڪن ملڪن ۾، ڪن ماڻهن سان، ڪين ڏٺي بنا، منهنجي محبت آهي. انهن مُلڪن مان ڀارت ۾ پروفيسر ڊي. ڪي. منشاراماڻي، ڊاڪٽر پرسي گدواڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي ۽ ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ جا نالا وٺندي، مون کي روحاني سڪون ٿو نصيب ٿئي، جن مان ڪن سان خط ڪتاب يا پيار ۽ محبت وارن پترن جي ڏي وٺ ٿي آهي يا ٿيندي رهي آهي. هڪ نالو ٻيو به ذهن تي تري آيو اٿم، اهو دوست پروفيسر گنگارام "گرگ" آهي، جيڪو ڀارت جو هڪ وڏو عالم آهي. هن دوست سان تمام پراڻي دوستي رهي آهي، پر هڪ ٻئي سان ڪڏهن به مليا نه آهيون. آءٌ ڀاءُ هيري ٺڪر تي سندن تحقيق، قاضي قادن جي ڇپجي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ کيس ڏٺي بنا، مٿس عاشق ٿي پيس. ڊسمبر 1983ع ۾ تامل ناڊو رياست جي آنملائي نگر (بستيءَ) جي آنملائي يونيورسٽيءَ ۾ Association of Indian Universities طرفان ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ واپس جڏهن دهلي پهتس، تڏهن هڪ ڏينهن سڄو دهليءَ ۾ هوس. مون ڀهرين ته هيري جي تلاش ڪئي. ريڊيو اسٽيشن تي ويس پر هيرو هٿ نه آيو پوءِ دهليءَ جي ادبي ادارن، بازارن، شاهي سڙڪن، هوٽلن، لال قلعي ۽ بادشاهي مسجد جي زيارت ڪانپوءِ ٻاهر نڪري، سامهونءَ واري بازار ۾ هيري کي ڳولڻ لڳس. پر هيرو ڪنهن کاڻ جي تري ۾، ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪل هو سو مون جهڙي ماڻهوءَ کي ڪٿان ٿو هٿ اچي؟ هوائن کان پڇيم. جيڪي چوطرف پئي لڳيون، پر ڪامياب نه ٿيس. جهاز جي اُڏامڻ ۾ اجا به ڪلاڪ هئا. سک ٽئڪسي ڊرائيور، جنهن اهي سڀ هنڌ مون کي گهمايا هئا، تنهن به پنهنجي ليکي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه حاصل نه ٿيو. نيٺ سندس نالي هڪ پريم پتر لکيم، جنهن ۾ ساڻس منهنجي محبت جو احوال، ملڻ جي سڪ ۽ تڙپ جو احوال اوريو هئم. اهڙيءَ طرح ٻيو دوست، جنهن سان ڪافي ادبي

جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مسز سنيهلتا ديشمک صاحبہ جھڙن صرافن وٽ قبول پيا ۽ بقول مرشد لطيف:

محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهايو!

تاريخ 3 جون 1997ع تي لاڙڪاڻي مان ہ نوجوان ڊاڪٽر متلاڻي صاحب طرفان موڪليل ڪتاب ۽ اُن سان گڏ سنڌس خط ڪٺي آيا. آءٌ تڪڙو هوس، ڇو تہ مون کي لطيف آباد ۾ ڪنهن ميٽنگ ۾ پهچڻو هو. مون کي لفافو ڏيڻ کان پوءِ اُن نوجوان مون کان پڇيو تہ "سائين آءٌ جواب وٺڻ ڪڏهن اچان؟" مون کيس هڪ هفتي کان پوءِ اچڻ لاءِ چيو ۽ آءٌ انهن کي ڇڏي هليو ويس. رات جو ٻارهين بجي موٽي اچڻ کانپوءِ جڏهن لفافو کولي ڏٺم تہ اُن ۾ ڊاڪٽر متلاڻيءَ جو خط "سچل جون واديون" ڪتاب ۽ ٽيون سنڌس اڻ ڇپيل ڪتاب "تحقيق جو فن ۽ اُن جا اصول" جو نسخو موجود هو. ڊاڪٽر متلاڻيءَ جي ترجمو ڪيل نسخي تي، هن ڪتاب جي اصل مصنف، ڊاڪٽر عبدالستار دلويءَ جو نالو پڙهي، مون کي ڊاڪٽر دلويءَ سان 1963ع ۾ ، لنڊن يونيورسٽيءَ جي SOAS ۾ گذاريل زمانو ياد اچي ويو. دلوي صاحب انهن ڏينهن ۾ لنڊن يونيورسٽي ۾ .Ph.D ڪرڻ لاءِ آيو هو ۽ آءٌ 'علم لسانيات ۽ صوتيات' ۾ ايم. اي جو پروگرام پورو ڪري، امتحان ڏيئي فارغ ٿي چڪو هوس ۽ پاڻيءَ جي جهاز جي ٽڪيٽ جو انتظار ڪري رهيو هوس. ان وقت دلوي صاحب مون کان پنج يا ست ڪن سال ننڍو ٿي لڳو ۽ آءٌ 32 سالن جو هوس، دلوي صاحب ۽ آءٌ رلڻ پنڻ جي بدران SOAS جي لائبريءَ، سينيٽ هال واري لائبرريءَ يا برٽش ميوزيم واري لائبرري ۾ وقت گذاريندا هئاسين. هي نوجوان ڏاڍو ذهين، محنتي ۽ مخلص ٿي لڳو.

آءٌ جولاءِ 1963ع ۾ پاڪستان موٽي آيس. اُن کان پوءِ منهنجي ۽ دلوي صاحب جي وري ملاقات ڪانہ ٿي هئي، البت هو اُن ساڳئي ڪاليج (اسماعيل يوسف ڪاليج جوڳيشوري، ممبئي) ۾ اردو زبان ۽ ادب جو پروفيسر هو جتي منهنجو ياءُ، منهنجو دوست ۽ منهنجو عزيز پروفيسر ڊي. ڪي. منشاراماڻي فارسي زبان ۽ ادب جو پروفيسر هو انهيءَ ساڳئي ڪاليج

۾ ڪنهن زماني ۾ ورهاڱي کان اڳ دنيا جو مشهور عالم ڊاڪٽر دائود پوٽو عربي زبان جو اُستاد ٿي رهيو.

ڊاڪٽر مٿلاڻيءَ پنهنجي خط مؤرخہ 20 مئي 1997ع ۾ لکيو هو تہ:

"پوڄيہ سائين! هيٺئر وري هڪ ٻيو عرض ڪري رهيو آهيان. اسان جي ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف ممبئيءَ طرفان هن خاڪسار جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'تحقيق جو فن ۽ اُن جا اصول'، شايع ٿي رهيو آهي، جو اصل ۾ ڊاڪٽر عبدالستار دلوي، هيڊ شعبہ اردو، يونيورسٽي آف ممبئي، جن جو لکيل آهي."

اڳتي لکن ٿا:

"سائين، جيتري قدر مون کي علم آهي تہ هتي ڀارت ۾ هيل تائين Research Methodology تي سنڌيءَ ۾ ڪو بہ ڪتاب نڪتل ڪونہ آهي. جڏهن تہ ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي شاگردن کي اهڙي ڪتاب جي ضرورت رهندي آهي. ايم. فل ۾ تہ اهو هڪ پيپر ڪري پڙهائيندا آهيون، اُن لاءِ محققن کي تحقيق جي طريقہ ڪار جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ هي ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. مون کي پنهنجي ڪم علميءَ جي پوري ڄاڻ آهي، اُن هوندي بہ حجت رکي. اوهان کي پنهنجي ڪتاب جو قلمي نسخو موڪلي رهيو آهيان. جيڪڏهن اوهان صاحب ان مذڪوره ڪتاب لاءِ 'بہ اکر' لکي موڪليندا تہ پڪ آهي تہ هن ڪتاب جي معيار ۾ بي انتها اضافو اچي ويندو. ان سان گڏوگڏ آءٌ پڻ اوهان جو بيحد مشڪور رهندس."

ڊاڪٽر مٿلاڻي صاحب، مون فقير لاءِ جيڪي ساراهہ جا لفظ لکيا آهن، تن لاءِ آءٌ سندس تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. حقيقت هيءَ آهي تہ جيئن فارسي زبان ۾ چيو اٿن:

"من آنم کہ مي دانم"

بهرحال ڊاڪٽر مٿلاڻي صاحب جي حڪم جي تعميل ڪندي منهنجي ڪشڪول ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، سو پيش ڪريان ٿو: يعني 'حال حبيبان پيش پريان'.

ڊاڪٽر مٿلاڻي صاحب، ڊاڪٽر عبدالستار دلويءَ جي ڪتاب جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، نہ فقط سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت ڪئي آهي، پر ان سان گڏ ڀارت ۾ اردو زبان ۽ ادب جي ماهرن وٽ سنڌي زبان جي وسعت ۽ ان جي ادب جي صلاحيتن، اهميت ۽ علميت کي ميرايو آهي.

پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ آءٌ عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ پاڪستان ۾ سنڌي زبان تہ خير، پر خود اردو زبان ۾ بہ هن موضوع تي ڪو گهڻو مواد ڪو نہ ٿو ملي. سنڌيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي پروفيسر ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ صاحب جو لکيل ڪتاب، بعنوان: 'تحقيق جو فن' سنڌ يونيورسٽيءَ جي پاڪستان اسٽڊي سينٽر طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو پر حقيقت هيءَ آهي تہ اهو ڪتاب بہ اهڙي رهنمائي نٿو ڪري، جهڙي رهنمائي ڊاڪٽر مٿلاڻيءَ واري ڪتاب مان ملي سگهي ٿي.

منهنجي شروع کان وٺي اها خواهش هوندي هئي تہ تحقيق جي فن ۽ اُن جي اصولن تي ڪو معياري ۽ معلوماتي ڪتاب لکجي يا ڇپائجي. اُن سلسلي ۾ يونيسڪو طرفان ڇپايل ڪتاب ۽ ٻيو مواد مون هٿ بہ ڪيو هو ۽ خواهش هئم تہ سنڌالاجيءَ طرفان اهڙو مواد ڇپائي پڌرو ڪجي، جنهن مان ايم. فل ۽ پي. ايچ. ڊيءَ جي شاگردن کان سواءِ ٻين محققن کي بہ تحقيق جي فن ۽ اصولن جي باري ۾ رهنمائي ملي سگهي. مون انهيءَ موضوع تي ڪتاب لکڻ لاءِ سنڌي زبان ۽ ادب جي ماهر ۽ نقاد ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي صاحب کي تيار بہ ڪيو هو. ڊاڪٽر ٻوهيي ان سلسلي ۾ پهرين تنقيد جي فن ۽ اصولن تي ڪتاب لکي ڏنو جيڪو سنڌالاجيءَ طرفان ڇپايو ويو.

آگسٽ 1983ع ۾ مون کي علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو لهٰذا آءٌ اسلام آباد هليو ويس ۽ ٻوهيي صاحب کي ڏنل پروجيڪٽ اڳتي وڌي نہ سگهيو حالانڪ مون کان پوءِ سنڌالاجيءَ جون واڳون هڪ لائق فرد جي حوالي هيون. اُن جي باوجود منهنجو شوق جاري رهيو ڇاڪاڻ تہ هاڻ تہ هر پروجيڪٽ کي منظور ڪرڻ منهنجي وس ۾ هو. ڪجھ عرصي کان پوءِ جڏهن اوپن يونيورسٽي طرفان ايم. اي ۽ ايم. فل جي رٿا عمل ۾ آندي وئي، تڏهن Academic Planning & Course Production جي بيورو جي ائڊوائيزري ڪميٽي طرفان Research

Methodology جي سکيا لاءِ هڪ پيپر ڪورس ۾ شامل ڪيو ويو. علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ طرفان هن ڪورس لاءِ ڪتاب لکرايا ويا ۽ مطالعاتي رهنما طور هيٺيان ڪتاب تيار ڪرائي ڇپايا ويا:

(1) اصول تحقيق

(2) تحقيق ڪي اصول و مبادي

(3) اطلاق تحقيق

(4) تحقيق نگاري

اهي چار ئي ڪتاب، اوپن يونيورسٽيءَ جي استادن کان سواءِ پاڪستان جي ٻين تعليمي ۽ تحقيقي ادارن جي ماهرن جي مدد سان تيار ڪرايا ويا هئا، جيڪي هر لحاظ کان معياري آهن.

مارچ 1997ع ۾ منهنجي نياڻيءَ ڊاڪٽر نور افروز خواجہ کي 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر' جي عنوان تي سندس لکيل مقالي تي سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان سنڌي ادب ۾ پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري ڏني وئي. ان مقالي ۾ بہ ڊاڪٽر نور افروز خواجہ مقدمي ۾ تحقيق جي اصولن، تحقيق جي فن ۽ تحقيق جي قسمن جي باري ۾ وضاحت سان سمجهايو آهي، محترمہ هن ڏس ۾ جيڪا وات ورتي آهي ۽ جيڪي اصول اختيار ڪيا اٿس، تن کي چڱيءَ طرح سمجهايو بہ اٿس، پر ڊاڪٽر مثلاڻيءَ بلڪل صحيح فرمايو آهي تہ "جتي سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۽ موضوعن تي ماهرن ايترو سارو مواد مهيا ڪيو آهي، اُتي 'اصول تحقيق ۽ تحقيق نگاريءَ جي فن' تي هڪ بہ ڪتاب موجود هجڻ ڪا فخر جي ڳالهہ ڪانهي. هن موضوع تي مختلف مضمونن (Disciplines) جي لحاظ کان جيترو بہ مواد مهيا ڪجي، اُهو ٿورو ليکبو. ڇاڪاڻ تہ هر مضمون جي تحقيق جا اصول ساڳيا نہ آهن. ادبيات جي موضوع تي تحقيق ڪرڻ جا اصول اهي ساڳيا نہ آهن، جيڪي اقتصاديات، سياسيات، ڪامرس جي علم تي تحقيق ڪرڻ جا اصول هوندا آهن. اهڙي طرح 'نيچرل ائنڊ ايپلائيڊ سائنسز' (Natural & Applied Sciences) جي مضمونن مان بہ هر هڪ تي تحقيق جي اصولن ۾ ضرور فرق هوندو آهي. اهي ڳالهيون سامهون رکي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڪيڊمڪ ڪائونسل (Academic Council) 95_1994ع ۾ فيصلو ڪيو (اُن وقت سنڌ

يونيورسٽيءَ جو آءٌ وائيس چانسلر هوس) تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي هر فئڪلٽيءَ اندر هر مضمون جي ايم. اي يا ايم. ايس. سي لاءِ نصاب ۾ Research Methodology جو پيپر لازمي طور پڙهايو وڃي تہ جيئن هن جديد دور ۾ ايم. فل، پي. ايڇ. ڊي يا ٻين ضرورتن لاءِ تحقيق ڪندڙن کي رهنمائي ملي سگهي.

لهٰذا ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي صاحب جو هي ڪتاب 'تحقيق جو فن ۽ اُن جا اصول' هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو نہ فقط سنڌ ۾ علم ادب، علم اللسان، لوڪ ادب ۽ ٻين علمن ۽ موضوعن تي تحقيق ڪندڙن لاءِ هڪ رهنما جي حيثيت ۾ مدد ڪندو، پر هي ڪتاب درسي ڪتاب طور، هر تعليمي ۽ تحقيقي اداري لاءِ بہ ڪارگر ثابت ٿيندو.

هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي موضوعن جي باري ڇاڻ ڇنڊ ڏني وئي آهي. مثال طور: پهرئين باب ۾ تحقيق جي وصف، تحقيق جو مقصد ۽ اُن جا ارتقائي اصول ۽ ٻئي باب ۾ تحقيق جا قسم بيان ڪيا ويا آهن. انهن مان جن قسمن تي خاص طور روشني وڌي وئي آهي، اهي هي آهن:

تجرباتي تحقيق، تاريخي تحقيق، تنظيمي تحقيق، علمي تحقيق، ادبي تحقيق ۽ تحقيق ۽ تنقيد. اڳتي هلي ادبي تحقيق جي درجي بندي ڪئي اٿس ۽ ادبي تحقيق کي هيٺين عنوان ۾ ورهايو اٿس:

(1) حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ، (2) تنقيد ويچار ۽ (3) مڪمل تحقيق. اُن کان پوءِ قابل ليکڪ، محقق ۽ رهنما جي عنوان هيٺ، محقق ۽ رهنما جون وصفون سمجهايون آهن. هن باب ۾ محقق جي صلاحيت، تحقيق جي لاءِ گهربل سهوليتون، موضوع مطابق رهنما جي چونڊ، رهنما جي صلاحيت ۽ منجهس گهربل قابليت، رهنمائيءَ لاءِ ڪي اصول، رهنمائيءَ جا مرحلا، تحقيقي عمل جا مرحلا، موضوع جي مواد جا وسيلا، پنهنجي تحقيقي وياڳ جي ڇنڊڇاڻ، موضوع جي چونڊ جي معيار، تحقيقي عمل جي نموني جي روپ ريکا، مواد جي حاصلات، مواد جا قسم، مواد جي حاصلات جا وسيلا، مواد جي درجي بندي، مواد جو جائزو، تحقيق جو طريقہ ڪار، لائبرريءَ جو استعمال، ڪارڊن تي ڪتابن جي فهرست ٺاهڻ، لائبرريءَ ۾ ڪتابن جي درجي بندي ۽ ان کان سواءِ رسالن جي باري ۾ بہ رهنمائي ڪئي اٿس.

اهڙيءَ طرح تحقيق جي سموري فني مواد گڏ ڪري ونڻ ڪان پوءِ، محقق ڪي، هن ڪتاب مان جيڪا رهنمائي ملي ٿي سا هيءَ آهي:

مواد جو اپياس ڪيئن ڪجي؟ يعني اپياس ڪرڻ جو طريقو ۽ حوالا ڪيئن گڏ ڪجن وغيره. اڳتي هلي 'علاقائي ڪم' جي عنوان هيٺ ساهتيہ جي ڪجھہ وياڳن يعني شعبن، مثال طور: لوڪ ادب، علم اللسان ۽ اهڙن بين موضوعن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪئي وئي آهي. هن سلسلي ۾ علم اللسان ۽ لوڪ ادب تي تحقيق ڪرڻ جو مثالي نمونو پيش ڪيو اٿس. مثال طور لسانيات واري موضوع تي تحقيق ڪرڻ جي سلسلي ۾ هيٺين ضمني موضوعن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ راهون گهڙيون اٿس. جهڙوڪ، انساني پهلو عوام جي تهذيب جي ڄاڻ ۽ نفسياتي پهلو وغيره. اهڙيءَ طرح هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ جي حوالي سان، محقق لاءِ ٻيون بہ ضروري هدايتون ڏنيون ويون آهن، جن ۾ مددگار ڪان مدد وٺڻ جا اصول ۽ انهن اصولن جا تفصيل، ڪتاب جي متن ۾ شامل ڪيا اٿس، جيڪي ضرورت وقت پڙهي سگهجن ٿا. ساڳيءَ طرح ٻئي موضوع يعني لوڪ ادب تي تحقيق جا رهنما اصول مثالن سان سمجهايا اٿس. انهن اصولن جا تفصيل، ڪتاب جي متن ۾ شامل آهن، جن مان مدد وٺي سگهجي ٿي.

منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ علم اللسان ۽ لوڪ ادب جي موضوع تي تحقيق ڪرڻ جا اصول، جيڪي هن ڪتاب ۾ سمجهايا ويا آهن، اهي بلڪل جديد ۽ نوان اصول آهن، جيڪي ٻين ماهرن طرفان ويجهڙائيءَ واري عرصي ۾، تحقيق جي سلسلي ۾ ڪيل رهنمائي ۽ ذاتي تجربن ڪان پوءِ گهڙيا ۽ ٺاهيا ويا آهن. منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر عبدالستار دلويءَ جهڙي قابل استاد ۽ رهنما، پنهنجن شاگردن جي ايم. فل يا پي. ايچ. ڊي جي سلسلي ۾ ڪيل رهنمائيءَ دوران انهن جي بتدريج رهنمائي ڪندي لکيا آهن، گويا هي ڪتاب هڪ تجربيڪار استاد جي رهنمائيءَ جو قل آهي، جيڪو هن لفظن جي صورت ۾ لکي، اسان جي آڏو اسان جي سڪڻ ۽ پنهنجن شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ هڪ 'رهبر' طور ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪي اهڙا اصول بہ ڏسيا ويا آهن، جيڪي فقط هڪ تجربيڪار محقق، استاد ۽ تحقيق جي ڏس ۾ رهنما ئي ڄاڻيندو آهي. مثال طور: مددگار ڪان مدد وٺڻ،

سوال نامو تيار ڪرڻ، اُن سوال نامي جي مدد سان ماڻهن کان انٽرويو وٺڻ. اهڙن انٽرويوز لاءِ ٽيپ رڪارڊرکي استعمال ڪرڻ، جنهن ڳوٺ يا جاءِ ۾ رهندڙ اطلاع ڪارن کان مدد حاصل ڪرڻي هجي تہ ان کان ان ڳوٺ يا جاءِ جي باري ۾ معلومات هٿ ڪرڻ ۽ ڳوٺ يا جاءِ جي باري ۾ اهي سڀ ڳالهيون ۽ سڀ سوال جديد تحقيق جي اصولن ۽ طريقہ ڪار جي پوئواري ڪن ٿا. انهيءَ ساري عمل کان پوءِ، تحقيقي عمل کي مقالي جي لکڻيءَ واري دائري ۾ آڻڻ، يعني گڏ ڪيل مواد کي مقالي جي صورت ۾ لکڻ وارو طريقو سمجهايو ويو آهي. ڊاڪٽر مئلاڻي صاحب بلڪل صحيح فرمايو آهي تہ:

"اڀياس ۽ مقالي ۾ هڪ سڌو سنئون سنبنڌ هوندو آهي."

هو اڳتي لکي ٿو تہ:

"مقالو اڀياس جي وسيلي جي اظهار جو هڪ ذريعو آهي، محقق ان جي وسيلي پنهنجي اڀياس جا نتيجا بين ودوانن تائين پهچائيندو آهي. اهڙي طرح هو پنهنجي عملي طريقہ تحقيق ۽ گڏ ڪيل دليلن جو نماءُ ڪندو آهي."

آءٌ ڊاڪٽر مئلاڻي صاحب جي هن ڳالهہ سان بہ اتفاق ڪريان ٿو تہ:

"مقالي جي تحرير جو مقصد تفريح ڪونہ آهي. ان خيال کان مقالو افساني يا سمورين لطيف صنفن کان الڳ ٿيو وڃي. ان جو هڪ ئي ڪم آهي، مواد، طريقہ ڪار ۽ نتيجن جي باري ۾ معلومات ۽ ڄاڻ پهچائڻ. ان جي وسيلي علم ۽ گيان جو دائرو وشال ٿئي ٿو پر ان ڳالهہ جو اهو مطلب ڪونہ آهي تہ مقالي جي تحرير جو ڪم دل کڇائيندڙ بي مزي ۽ بي جان هوندو آهي. اهو واسطيدار پاٺڪ لاءِ دلچسپ ئي هوندو آهي. پوءِ بہ لفظي صنايع بدايع ۽ النڪار پرتڪلف عبارت ۽ مقفيٰ ۽ سمجع نثر لاءِ مقالہ نگاريءَ ۾ ڪا ئي گنجائش نہ هوندي آهي."

ڊاڪٽر مئلاڻي صاحب، اڳتي ڏنل باب ۾ مقالي جي تحرير يعني مقالي لکڻ جي سلسلي ۾ جيڪي نقطا، اصول ۽ ڳالهيون ڄاڻايون آهن، اُهي هي

آهن: تحريري ڪم جي شروعات، مقالي جو مقدار، بيانات يا حقيقت جو اظهار، مقالو ۽ ان جا پڙهندڙ ۽ ادبي مقالن جون عام خاميون وغيره. اهي سڀ نقطا ۽ ڳالهيون هر تحقيق ڪندڙ يا تحقيق ڪرڻ لاءِ شوق رکندڙ ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي جي مقالي لاءِ تحقيق ڪندڙن کي ضرور پڙهڻ ۽ ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

هن ڪتاب جو آخري باب، 'مقالي جا مختلف جزا ۽ انهن جي روپ ريکا' جي عنوان سان لکيو ويو آهي. هن باب ۾ انهن نقطن کي تمام گهڻي وضاحت سان سمجهايو ويو آهي. هيءُ باب، هن لحاظ کان به هڪ اهم باب چئي سگهجي ٿو جو هن (باب) ۾ مقالي جو شروعاتي حصو جنهن ۾ سرورق، مهاڳ ۽ شڪريه نوازي يعني ٿورا مڃڻ، بابن جي ترتيب، اشارن (symbols) يا نشانين جي فهرست ۽ خاڪن يا تصويرن وغيره جي باري ۾ روشني وڌي وئي آهي. ٻئي حصي ۾ 'تحقيقي مقالو' جي عنوان هيٺ وشيه (موضوع) جي تعارف، وشيه جي مختلف بابن جي وضاحت ۽ نتيجا وغيره. ضمني عنوانن جي صورت ۾ سمجهايا ويا آهن. ٽئين ۽ آخري حصي ۾ نتيجن جي روپ ريکا، تحريري لحاظ کان مقالي جي روپ ريکا، بابن جا اندريان سرا، حاشيو صفحن جو تعداد، مددي ڪتابن جي فهرست، ضميمو فوٽ نوٽ، ڊنل اشارا ۽ ٻيو مددگار مواد، ضمني عنوانن ۽ پڇاڙي وغيره لکڻ جي باري ۾ قابل ليکڪ، محققن جي رهنمائي ڪئي آهي.

مون مٿي عرض ڪيو آهي ته هي سڄو ڪتاب، مصنف جي پنهنجي تجربي جي بنياد تي لکيل هڪ تخليق آهي. ان هوندي به هن ملڪي يا غير ملڪي ماهرن جي طرفان لکيل 19 ڪتابن تان مدد ورتي آهي. انهن ڪتابن مان ڪي پارت جي ماهرن جا لکيل آهن ته ڪي ڪتاب آمريڪا ۽ انگلئنڊ ۽ فرانس جي ودوانن جا لکيل آهن.

بهرحال هي ڪتاب هڪ نهايت ئي معياري ۽ معلوماتي ڪتاب آهي. هن جهڙو ڪو ڪتاب، برصغير جي ٻين ٻولين ۾ شايد ئي لکيو ويو هجي. هن ڪتاب جو هر لفظ، هر فقرو، هر جملو ۽ هر پئراگراف اهڙي ته آسان ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي ۽ هڪ هڪ نقطو اهڙو ته آسان طريقي سان سمجهايو ويو آهي، جو ڪتاب پڙهندي ڪٿي به اهو محسوس نٿو ٿئي ته هي ڪتاب ڪو ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي مواد تان ترجمو ڪيو ويو آهي. بلڪ هي

ڪتاب بلڪل طبعزاد يعني اصلوڪي تخليقي مواد ۽ پنهنجي تجربي جي آڌار تي تحقيق ڪيل ٿو ڀانئجي. اهڙ تہ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ صاحب جي ايمانداري ۽ سندس اخلاق آهي جو ڪتاب تي اصلوڪي مصنف جو نالو ڏنو اٿس ۽ پاڻ کي مترجم ڄاڻايو اٿس. آءٌ ڊاڪٽر مٽلاڻي صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو جنهن هيڙو بهترين ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب کي ڏنو آهي. هن ڪتاب مان شاگردن ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ڪم ڪندڙ اديبن ۽ شاعرن کان سواءِ يونيورسٽي ۽ تحقيقي توڙي علمي ۽ ادبي ادارن ۾ ايم. فل ۽ پي. ايچ. ڊي يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ تحقيق ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪم ڪندڙن کي تمام گهڻي رهنمائي ملندي هي ڪتاب 'خود سکڻ' يا (Self-Learning) واري طريقي تي لکيل مواد جون سڪون ٿو لاهي. منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب جو نالو 'فن تحقيق ۽ تحقيق معلم/رهنما' رکجي ها تہ بهتر هو.

مون کي اميد آهي تہ ڪتاب سنڌي زبان ۾ تحقيق ڪندڙن لاءِ سنڌ توڙي هند ۾ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿيندو ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ هر موضوع جي شاگردن لاءِ رهنما ثابت ٿيندو. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو هي ڪتاب سنڌ ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڪشاده دليءَ جي حوالي سان اٿارٽيءَ جي ان فيصلي جي اسين آجيان ڪريون ٿا. اٿارٽيءَ جو چيئرمئن مبارڪباد جو مستحق آهي، جنهن هيڙي ڪتاب جي ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو.

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي
**ڊاڪٽر غلام علي الانا**
سابق وائيس چانسلر
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

حيدرآباد سنڌ
6 جون، 1997ع

# ٻه اکر

سونهاري سنڌڙيءَ جي هر سنگ لحد هيٺئن تاريخ پوريل آهي، جتهن کي گمناميءَ جي غارن مان روشنيءَ ۾ آڻڻ ۽ هڪ دفعو وري اُن کي صفحهءِ اوراق جو شان بنائڻ، هڪ محقق (کوجنيڪ) جوئي ڪم آهي. هر انسان ۾ جڏهن شعوري قوتون پيدا ٿينديون آهن، تڏهن هو نه فقط پنهنجي اردگرد جي چيزن کي جاچيندو آهي، بلڪ انهن تي غور ۽ فڪر پڻ ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو انسان جي فطرت ۾ انهن چيزن کي ڏسڻ، پنهنجو ڪرڻ ۽ اُن لاءِ سوچڻ جي شڪتي (سگهه) موجود آهي، جنهن ڪري اڄ هو ترقي جون ڪيتريون ئي منزلون آسانيءَ سان طئه ڪري چڪو آهي، نه ته جيڪر زندگي هڪ هنڌ بيهجي وڃي ها ۽ انسان ان جي ڪنهن به حصي کي بدلجندو نه ڏسي ها ته دنيا ۾ تهذيب ۽ تمدن جو نالو نشان به نه هجي ها! اهو ئي سبب آهي، جو انسان زندگيءَ کي وڌ ۾ وڌ خوبصورت ۽ دلڪش بنائڻ جي ڪوشش ۾ سرگردان رهي ٿو. تحقيق (کوجنا) جي مدد سان ڀين هزارها ماڻهن جي ڪاميابين ۽ تجربن جا داستان پڌري پٽ ظاهر ٿين ٿا، جن تي نظر وجهڻ ۽ انهن ۾ ٿوري تبديلي آڻڻ سان انسان ترقيءَ جي منزل سان همڪنار ٿي سگهي ٿو. تحقيق، انساني علم ۾ اضافو آڻي، تنهن لاءِ ضروري آهي ته محقق يا کوجنيڪ اهڙن اصولن جي پيروي ڪري ۽ انهن پيچرن جو پانڌيئڙو بڻجي، جن تي اڳتي هلي هو ڪاميابيءَ جون نيون بلنديون ماڻي.

دنيا جي هر ٻولي ۽ ادب ۾ کوجنا جو وياڳ (شعبو) ايترو ته وشال آهي، جو ان ۾ هر دور ۽ هر گهڙيءَ نوان نوان مسئلا جنم وٺندا رهندا آهن، جن تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي. کهڙو به نئون ڪم پنهنجي جاءِ تي مڪمل ۽ حرف آخر نه آهي. مختلف ڪتابن، رسالن ۽ مخزنن جي اڀياس مان ان حقيقت جو انڪشاف ٿئي ٿو ته انهن ۾ ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن نه ڪنهن جاءِ تي مختلف وشين (موضوعن) ۽ مسئلن جو تضاد ٿيندو ئي رهيو آهي. اهو تضاد ئي تحقيق لاءِ دروازا کولڻ جو واهڻ (medium) بڻبو آهي.

ڪاليج ۽ يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ جيڪي شاگرد تحقيق جي ميدان ۾ قدم رکن ٿا، اتان جي فضا ۽ ماحول انهن لاءِ بلڪل اجنبي هوندو آهي. اهي تحقيق جي سيني طور طريقن ۽ اصولن کان ناواقف هوندا آهن. ان لاءِ ڪجھ يونيورسٽين ۾ تحقيق جي اصولن کي سمجھڻ لاءِ Pre-Research Course (تحقيق کان اڳ وارو ڪورس) ڪين ڪرايو ويندو آهي. ايترين سهوليتن هئڻ جي باوجود به هن ميدان ۾ داخل ٿيندڙ ڪيترن ئي نون محققن کي تحقيق جي سکيا جي ضرورت رهندي ئي آهي.

اهو مقصد سامهون رکندي، مون پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار دلوي صاحب جي اردو ڪتاب 'ادبي اور لساني تحقيق' کي 'تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول' جو عنوان ڏيئي، سنڌي ادب سان روشناس ڪرايو آهي. هن ڪتاب ۾ دنيا جي ڪيترن ئي عالم فاضل حضرات جا ويچار ڏنل آهن، جيڪي تحقيق جي ميدان ۾ روشن مُناري جيان تسليم ڪيا وڃن ٿا. ان اميد سان ته اهي سڀ شاگرد جيڪي ايم. فل توڙي پي. ايچ. ڊي ڪري رهيا آهن، سي سنڌيءَ ۾ هيءُ ڪتاب پڙهي، دنيا جي مڃيل اصولن جي آڌار تي ئي، تحقيق واري ڏکئي ميدان تي ڪنهن ستاءَ سان هڪ هڪ وک سنيالي اڳتي وڌائين ۽ پنهنجي منزل مقصود پائين.

آءٌ ٿورائتو آهيان پروفيسر ڊاڪٽر دلوي صاحب جو جن ڏاڍي خوشيءَ سان هن ڪتاب کي سنڌي روپ ڏيڻ ۽ علم دوست حضرات آڏو ڇاپي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي نه صرف اجازت ڏيڻ فرمائي، پر هن صاحب ناچيز جي ڪم جي همت افزائي ڪندي، پنهنجيءَ دعا جا چند حرف پڻ لکي ڏنا. سنڌي ادب جي اعليٰ استاد، محقق ۽ پارکو پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي زور قلم سان لکيل انتهائي عالمانه مهاڳ جي ساراهه ۾ جيترو چئجي، گهٽ آهي. سائين الانا صاحب، هن ڪتاب جي هڪ هڪ لفظ کي پنهنجي عميق نظر سان جاچي، جيڪو تفصيلي مهاڳ لکي ڏنو آهي، سو بذات خود ئي هن ڪتاب جو بهترين حصو آهي، جنهن ۾ سائين جن هن سموري ڪتاب جو سار چند صفحن ۾ ڏنو آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب جهڙن صرافن وٽ هي رنڊا روڙيل قبول پيا آهن. ناچيز لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي

خوش نصيبي! سائين الانا صاحب، مذڪوره مهاڳ ۾ پارٽ جي سنڌي ودوانن لاءِ پنهنجي محبت ۽ رغبت جو دل کولي احوال اوريو آهي. ههڙي سچي صوفيءَ جا گفتا پڙهي، دل جي اونهائين مان دعا پيئي نڪري ته ڪڏهن هيءَ مصنوعي نفرتن جون ديوارون ڀڃي پور ٿينديون ۽ هند و پاڪ جا تمام صوفي نما سنڌي مضبوط تهذيبي ۽ ثقافتي ناتا قائم ڪندي، هڪٻئي جي وڌيڪ ويجهو ايندا ۽ گڏجي پوريءَ دنيا کي امن ۽ آشتيءَ جو پيغام ڏيندا.

آخر ۾ آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن جو دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان جو هن صاحب منهنجو هيءُ ڪتاب سندس اداري طرفان سنڌ مان ڇپائي مون تي وڏو احسان ڪيو آهي.

منهنجي دعا آهي ته سنڌ جو هيءُ ادارو اڃا به وڌيڪ ترقي ڪندو ۽ دنيا ۾ پنهنجو ناماچار وڌائيندو.

بلديو بختراءِ مٽلاڻي

پروفيسر

سنڌي شعبو ممبئي يونيورسٽي

باب پهريون

# تحقيق جو فن ۽ اُن جا اصول

زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي سائنسي انداز ۾ ڪيل اڀياس کي ’تحقيق‘ چئبو آهي، جنهن جي مدد سان انساني جيون کي وڌيڪ خوبصورت بڻائي سگهجي ٿو.

**تحقيق جي وصف:** تحقيق جي مڪمل ۽ صحيح وصف بيان ڪرڻ جيتوڻيڪ مشڪل آهي، پوءِ به ايترو چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن مسئلي جي وشواس جوڳي حل ۽ صحيح نتيجن تائين پهچڻ لاءِ، تحقيق اُهو عمل آهي، جنهن ۾ هڪ با انتظام طريقو حقيقتن جي ڳولا ۽ اُنهن جي ڇنڊڇاڻ جو تفصيلوار بيان لکيل رهي ٿو.

اِن طرح اسين چئي سگهون ٿا ته:

(1) تحقيق جو تعلق ڪنهن مسئلي ۽ ان جي ڀروسي جوڳي حل جي ڳولا سان آهي.

(2) حل جي وشواس جوڳي هئڻ لاءِ هڪ خاص انداز ۾ اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي.

(3) اُن مخصوص انداز ۾ ڪيل اڀياس جي دائري اندر حقيقتن جي ڪاٽ ڪُوٽ ۽ انهن جي ترتيب اچي وڃي ٿي، جن جي نتيجي ۾ اسين ڪنهن ڀروسي جوڳي حل تائين پهچون ٿا.

(4) ڪنهن مسئلي جو حل ۽ اُهي نتيجا، ڪهڙي به قسم جي شڪ شبهي ۽ اُن جي امڪاني حد تائين رد نه ڪري سگهڻ سان ئي تحقيق جي عمل جي ڪاميابيءَ جو فيصلو ڪري سگهجي ٿو.

ان سموري ڪوشش ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت اڀياس جي طريقي جي آهي. اِهو ئي سبب آهي جو ڪيترن ئي ودوانن (عالمن) اڀياس جي طريقي کي ئي ’تحقيق‘ ڪري سڏيو آهي.

**تحقيق جو مقصد**: تحقيق جو اصل مقصد آهي فطرت يا انساني زندگيءَ جي جدا جدا مسئلن جو حل تلاش ڪرڻ. تحقيق، انساني علم ۽ سندس ڄاڻ جي دائري کي وسيع بڻائي ٿي. اڄ اسين زندگيءَ جي جن سمورين سهوليتن ۽ آسائشن جي موج ماڻي رهيا آهيون، اُهي سڀ تحقيق جي ئي بدولت اسان کي حاصل ٿيل آهن. حقيقت ۾ انساني تهذيب، تمدن ۽ سڀيتا جي ارتقائي تحقيق جي عمل سبب ممڪن ٿي سگهي آهي.

**ارتقائي اصول**: انسان ازل کان ئي مختلف شين جي هاٺوڪي حالت ۽ انهن جي وجود ۾ اچڻ واري ترقيءَ ۾ هڪ باقاعدگي محسوس پئي ڪئي آهي. اِهو قاعدو ئي هڪ بنيادي ۽ شروعاتي اُصول آهي، جنهن تي تحقيق جو عمل ٻڌل رهي ٿو. انهن فطري ۽ سماجي باقاعدگين موجب انسان پنهنجي عقل، سمجهه ۽ شعور مطابق، مليل سهوليتن کي آڏو رکندي، جدا جدا دورن ۾ ڪي اُصول ۽ قاعدا ناهيا آهن. تحقيق جو استعمال، انهن اُصولن جي ڳولا لاءِ ئي ڪيو ويندو آهي.

پيو اُصول هيءَ آهي تہ هر عمل کي هڪ نہ ٻيو سبب ٿيندو آهي. ڪو بہ ڪم اجايو يا هروڀرو ڪونہ ڪيل هوندو آهي، پر اُن لاءِ ڪو خاص مقصد هوندو آهي. اهڙيءَ طرح سچاين ۽ اُنهن جي حاصلات لاءِ ڪيل تجربن جي دليلن تي ٻڌل طريقا ئي تحقيقي عمل ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ان طرح احساس، دليل ۽ تجربي جو هڪ سلسلو وجود ۾ اچي ٿو.

باب ٻيو

## تحقيق جا قسم

**الف: تجرباتي تحقيق:** هيءَ هڪ روايتي انداز واري تحقيق آهي، جنهن کي سائنسدان پنهنجي لئبارٽريءَ اندر استعمال ڪندا آهن. محقق ڪنهن اصول جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ تجربو ڪندو آهي. تجربي جي سٽاءَ عام طور اهڙي نموني ڪئي ويندي آهي ته جيئن اُهي حالتون پوريءَ طرح محقق جي قبضي ۾ رهن، جن هيٺ ڪيس جائزو وٺڻو آهي. اُن ڪري انتهائي وگيانڪ (سائنسي) انداز وارا تجربا لئبارٽريءَ اندر ئي ڪيا ويندا آهن. ان طريقي سان چاڻ مهيا ڪري ڏيندڙ شخص يا لائبررين وغيره کي ڪيترن ئي مسئلن سان منهن ڏيڻو ڪونه ٿو پوي، جن جو لئبارٽريءَ واري جائزي دوران پيش اچڻ جو اِمڪان رهي ٿو. جيتوڻيڪ ڪجهه خاص قسم جي لئبارٽرين ۾ اِشارياتي نظام تي عمل درآمد ڪرڻ جو ڪم ٿي چڪو آهي، پر اُن جي باوجود لائبرريءَ ۾ خبر رسائيءَ جي مسئلن واري هڪ چڱي ۽ وسيع دائري ۾ تجرباتي تحقيق جي طريقن کان ڪم وٺڻ ممڪن هوندو آهي.

ڪنهن به قسم جي تجرباتي تحقيق ڪرڻ لاءِ اُن جو بنيادي جزو هڪ فرض يا قياس تي ٻڌل هوندو آهي، جو عام طور ڪنهن مڪمل نظام جي مختلف عنصرن جي وچ ۾ سنبنڌ جي باري ۾ هڪ رٿا يا اصول جي شڪل ۾ هوندو آهي. مثال طور 'جيڪڏهن ڪن مشهور ۽ معتبر تقريرن کي ڪنهن وڏي پيماني تي ڪيترائي ڀيرا دهرايو وڃي ته ائين ڪرڻ سان اُنهن تقريرن جي اُميدوارن جو تعداد گهٽ ٿي سگهي ٿو.'[1] تجربي جو مقصد صرف اِهو هوندو آهي ته واسطيدار قياس يا انومان صحيح آهي يا نه!

**ب: تاريخي تحقيق:** تجرباتي تحقيق، جنهن جو وڪاس (ترقي) وگيانڪ (سائنسي) اصولن هيٺ ٿئي ٿو اُن جي برعڪس تاريخي تحقيق مڪمل طور تي عمرانيات (Ethics) جي پيداوار آهي. اُن مان ڪجهه سکڻ جي ڪوشش

---

[1] 'How to do research': By: Nick Moore, p. 33

ڪئي ويجي ٿي. اهڙيءَ طرح هيءَ تحقيق نج بياني انداز واري ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ حالتن جو سلسليوار جائزو ورتو ويجي ٿو ۽ ڪنهن شيءِ جي وڪاس (ترقيءَ) جي هر ممڪن صورت وسيلي هڪ مڪمل عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي ٿي. اُن جو هڪ شاندار مثال هو ٿامس ڪيليءَ جي اُها تحقيق جنهن جو وشيہ (موضوع) هو: 'عظيم برطانيہ جي عوامي لائبررين جي تاريخ: 1845ع کان 1975ع تائين' (لنڊن لائبرري ائسوسيئيشن 1977). هن قسم جي تحقيق جو مقصد عام طور تي حالتن جو جائزو وٺڻ ۽ اُن جو بيان ڪرڻ هوندو آهي.

هڪ ٻئي قسم جي تاريخي تحقيق، اُصولن کي ثابت ڪرڻ لاءِ پڻ ڪئي ويندي آهي، جنهن جو طريقہ ڪار ائين ٿيندو آهي تہ شاهدين ۽ حوالن کي اهڙيءَ طرح ڪٺو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي، جو اُن مان ڪجهہ نتيجا حاصل ڪري سگهجن. اهڙن نتيجن مان اُنهن اُصولن جو صحيح يا غلط هئڻ ثابت ٿي پوندو آهي. هن قسم جي تحقيق جا سٺا مثال نسبتي طور ڪجهہ گهٽ آهن.

**تاريخي تحقيق جا فائدا ۽ نقصان:** تاريخي تحقيق جي فائدن ۽ نقصانن کي طئي ڪرڻ ڪجهہ قدر مشڪل آهي. جيتوڻيڪ ڪنهن حد تائين اِهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ 'اِها هڪ سٺي ڳالهہ آهي'. ماضيءَ ڏانهن نظر ڊوڙائڻ مان اِهو ممڪن ٿيو پوي تہ اُن ماضيءَ وارن تجربن جي روشنيءَ ۾ موجوده دور جي ڪجهہ مسئلن جو ڪو صحيح فيصلو ڪري سگهجي ٿو.

**تاريخي تحقيق کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪجهہ اِشارا:** ان سلسلي ۾ بنيادي صلاحيت، محقق ۾ تنظيمي لياقت جو هئڻ آهي. جڏهن تہ اِها ڪمي عام طور ڏٺي ويئي آهي تہ محقق پنهنجي گڏ ڪيل مواد کان بيحد متاثر ٿي ويندو آهي، ۽ اِئين ڪندي پنهنجي مقرر اِيپاس جي اصلي مقصد ۽ انهن دستاويزن جي اهميت کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي، جن جو ڌيان ڏيڻ اُن وقت انتهائي ضروري هوند آهي.

اِن سلسلي ۾ پهريون ڪم اِهو آهي تہ ان ڳالهہ جي پڪ ڪئي وڃي تہ ان جو وشيہ (موضوع) پنهنجي سيمائن (حدن) ۽ مرياداڻن جي لحاظ کان قابل

عمل آهي. وشيہ (موضوع) جي وشالتا (وسعت) ۽ تحقيق جي لنبائي ايتري هئڻ کپي، جو اُن لاءِ گڏ ڪيل مواد کي هڪ مناسب مقدار ۾ استعمال ڪري سگهجي. بظاهر اُن جو دارومدار تحقيق جي نوعيت ۽ وسعت تي ٿي هوندو آهي. پيشہ وَر لياقت يا ايم. اي. جي ڊگريءَ لاءِ لکيل ڪنهن مقالي ۾، اُن مقالي کان وڌيڪ گهرائي ۽ وشالتا (وسعت) هوندي آهي، جيڪو ايم. اي جي تعليم دوران هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ لکيل هوندو آهي. اهڙا سڀ مقالا، پنهنجي وشالتا جي لحاظ کان وڏين ڪاميابين جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ گهٽ درجي وارا هوندا آهن. جيئن ڪيليءَ جي 'عوامي لائبررين جي تاريخ' آهي، جنهن ۾ 'مددي ڪتابن جي فهرست' ۾ 438 ڪتابن جي يادداشت ڏيکاريل آهي.

تحقيقي وشيہ (موضوع) جي چوند ڪرڻ ۽ اُن کي هڪ نئون روپ ڏيڻ لاءِ بظاهر اِهو ضروري آهي تہ اُن لاءِ هٿ ڪيل مواد، اُن جي نوعيت ۽ اُن جي حاصلات جي وسيلن جو پوري طرح جائزو ورتو وڃي. ماڌيمڪ (Mediumic) وسيلن جي ڀيٽ ۾ بنيادي وسيلن تي ڪم ڪرڻ ۾ شايد ڪجهہ وڌيڪ وقت لڳي ويندو آهي. جيئن تہ پنهنجيءَ جاچ هيٺ آيل مواد تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي وقت جو مناسب حصو خرچ ڪرڻ کپي. ان لاءِ دور دراز جڳهين تان ملندڙ دستاويزن تائين پهچڻ بجاءِ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي اندر ٿيندڙ ڪم کي بہ ڪجهہ وقت ڏيڻ ضروري آهي. ان سان گڏوگڏ واسطيدار اڻ ڇپيل مواد کي بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. الڳ الڳ ماڻهن کان جاچ حاصل ڪرڻ لاءِ سوالناما (Questionnaire) موڪلڻ ۽ انهن سان شخصي طور ملڻ، ٻئي طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن. اڄڪلهہ Audio-Visual مشينن ۾ رڪارڊ ڪيل معلومات بہ جلد ئي ملي سگهندي آهي، جن ۾ اهم لائبررين جي سرپرستن سان ڪيل شخصي ملاقاتن جي تفصيلات جو ذڪر هوندو آهي.

تحقيق جي شروعاتي مرحلي ۾ ئي اِهو طئي ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ حاصل ٿيندڙ معلومات کي لکڻ يا رڪارڊ ڪرڻ لاءِ ڪهڙو بهتر طريقو اختيار ڪيو وڃي ۽ پوءِ سموري تحقيقي عمل ۾ اُن کي ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ جاءِ تي استعمال ڪيو وڃي. جيڪڏهن مواد ايترو ضروري آهي جو ان کي نظرانداز نہ ڪري سگهجي تہ اُن کي گڏ ڪرڻ ۽ محفوظ ڪرڻ لاءِ Audio-Visual جهڙا ڪارگر ۽ اثرائتا طريقا اختيار ڪرڻ ضروري ٿيو پوي.

تحقيق واري عمل دوران ڪڏهن ڪڏهن اهو ضروري هوندو آهي تہ اپياس جي اوچتن نظر آيل مسئلن سان ناهہ ڪيو وڃي ۽ پنهنجي تحقيقي عمل جي مڪمل خاڪي جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن خاص قاعدي قانون هيٺ ڪم ڪيو پيو وڃي تہ اِن ڳالهہ جو ڌيان هئڻ کپي تہ اُن سلسلي ۾ اڳ ڪيترو ڪم ٿي چڪو آهي. تحقيق لاءِ اُن جي عام طور ٿيل دائري جو جائزو وٺڻ بہ ضروري هوندو آهي. پنهنجي ڪم کي اهڙي نموني ڪرڻ جڳائي، جو تحقيق دوران اُهو پنهنجو رستو بدلائيندو رهي. ان طرح تحقيق ڪندي وقت بہ وقت درپيش ايندڙ نوَن نوَن تجربن سان پنهنجي ڪم جي تڪميل لاءِ مختلف رستا کلندا رهندا آهن.

بهرحال اِن سلسلي ۾ اهڙين حالتن پيدا ٿيڻ جو بہ امڪان رهندو آهي. مستقبل واري رٿيل ڪم لاءِ رستو ئي محدود نظر ايندو آهي. اهڙيءَ صورتحال کان بچڻ لاءِ پنهنجي رهنما (Guide) يا وشيہ (موضوع) سان واسطو رکندڙ ڪنهن ودوان (ماهر) سان صلاح مشورو ڪندو رهڻ گهرجي. جيئن تہ اهڙن ڳنڀير وشين (موضوعن) تي واسطيدار ودوانن (عالمن) جي نظر گهري ۽ اپياس ڳوڙهو هوندو آهي، ۽ اُهي محقق کي فائديمند صلاحن سان نوازي سگهن ٿا. اُن لاءِ رهنما جي چونڊ بہ هڪ لحاظ کان خصوصي اهميت جي حامل آهي.[2]

**ج: تنظيمي تحقيق:** تنظيمي تحقيق جو وڪاس (ترقي) ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي دوران ٿيو هو جنهن جو مقصد هو تہ جنگ جي ميدان جا نقشا تيار ڪندڙ فوجي، وڏي پيماني تي تنظيمي مسئلن سان منهن ڏيئي سگهن. اُن وقت کان هيءَ طريقو مختلف قسمن جي تنظيمن لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي، جنهن ۾ لائبرري ۽ اطلاع ڪار يا خبر پهچائيندڙ ادارا بہ اچي وڃن ٿا.

بنيادي طور هن تحقيقي عمل ۾ تنظيمي مسئلن لاءِ رياضيءَ جا طريقا ۽ اصول استعمال ڪيا ويندا آهن. تنظيمي تحقيق انهن عملن ۽ تعلقن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، جن هيٺ مختلف تنظيمون يا ادارا پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪم ڪندا آهن. صورتحال کي صحيح طور سمجهڻ کان پوءِ ايندڙ مرحلو اِهو هوندو آهي تہ هڪ قسم جي تنظيم ٺاهي

---

[2] 'How to do research'; by Nick Moore, pp37-39

ويندي آهي، جنهن وسيلي انهن مختلف حالتن جو جائزو ورتو ويندو آهي، جي ڪنهن تنظيم جي جدا جدا رٿائي جزن ۾ ڦير گهير ۽ تبديلي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن. اِهو سڀ ڪجهه تعميري نموني وانگر ڪانئيءَ ۽ ڪوڪي سان ڪونه ناهيو ويندو آهي، پر اُن جي تعمير ۾ عمل جي برابري ۽ مانيتا مليل (مجيل) فارمولا استعمال ڪيا ويندا آهن. هن نموني کي رياضيءَ جي برابريءَ واري هڪ لمبي سلسلي جي روپ ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. انهن برابرين کي اُن مخصوص تنظيم جي ڳڻ جو صحيح طور تي اندازو لڳائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

**د: عملي تحقيق:** جهڙيءَ طرح موليري جي هڪ ڪردار کي اِهو محسوس ٿيڻ کان پوءِ تعجب ٿيو هو ته هُو ڪيئن نه گذريل چاليهن سالن کان پنهنجيءَ اٽڪلٽائيءَ ۾ نثر ڳالهائيندو رهيو آهي. ساڳيءَ طرح لائبررين جي ڪيترن ئي سربراهن ۽ معلومات مهيا ڪندڙن کي اهو ڄاڻي واقعي ئي حيرت ٿيندي آهي ته هُو ڪيترن سالن کان عملي تحقيق جي دائري ۾ زبردست ڪم ڪندا رهيا آهن، ۽ ڪين ان ڳالهه جو ڪڏهن احساس به ڪونه ٿيو آهي ته هُو ڪو اهم ڪم سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

عام لفظن ۾ عملي تحقيق جو ڪم ڪنهن شيءِ کي قائم ڪرڻ ۽ پوءِ اُن جو رد عمل ڏسڻ لاءِ ڪيس اڳتي وڌائڻ هوندو آهي. عملي تحقيق کي به تجرباتي تحقيق جي صف ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. فرق صرف ايترو آهي ته تجرباتي تحقيق، ليباريٽريءَ اندر ٿيندي آهي ۽ عملي تحقيق، لائبرريءَ ۽ تعليمي ادارن ۾ ڪئي ويندي آهي. هڪ لحاظ کان ان جي اهميت ان ڪري به آهي، جو ڪيترين ئي حالتن ۾ ڪنهن عمل جي امڪان جو جائزو وٺڻ جي صرف اڪيلي صورت اها هوندي آهي ته اُن عمل کي اڳتي وڌايو وڃي. پهريائين اُهو عمل سرانجام ڏجي ۽ پوءِ اهو ڏٺو وڃي ته اُن جو نتيجو ڇا ٿو نڪري.

صحيح معنيٰ ۾ عملي تحقيق جو مقصد، ان کان به ڪجهه وڌيڪ هوندو آهي. ان کي عملي تحقيق تڏهن ئي چئي سگهجي ٿو جڏهن اُن رٿا يا عمل جي مقصد جو تعين لڳاتار نموني ٿيندو رهي ۽ اُن جي اندر ڪجهه مُحرڪ به موجود هجن. جي سندس مقرريءَ ۽ اپياس دوران پڙهيل مواد کي اُن تحقيقي عمل ۾ اهڙيءَ طرح رد ڪري ڇڏين، جو اُهي عمل ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾

هڪ مايہ دار چيز بڻجيو پون.

جيستائين ادب جي تخليقي عمل جو تعلق آهي، اُهو بہ عمل ۽ سبب جي اُصول کان آجو ٿي نٿو سگهي. ادبي تخليق اُهو عمل آهي، جنهن ۾ سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح رچناڪار (تخليقڪار) جي قلبي، مادي ۽ سماجي حيثيت، سبب جي صورت ۾ عمل درآمد ٿئي ٿي. رنگ روپ يا انداز بيان ۽ طرز تحرير جو عمل بہ ڪنهن نہ ڪنهن سبب کان ئي ٿيندو آهي. ادبي محقق انهن ئي باقاعدگين ۽ عمل ۽ سبب جي سلسلن جي تحقيق ڪري ٿو.

**ح: ادبي تحقيق:** ڪو وقت هو جڏهن ادب کي تحقيق جي صف ۾ شمار ڪونہ ڪيو ويندو هو. اُن جو تعلق صرف تنقيد ۽ تبصري واري عمل سان ئي هوندو هو. پوءِ جڏهن سماجي علم (Social Sciences) وجود ۾ آيا تہ اِهو محسوس ڪيو ويو تہ وگيانڪ (سائنسي) طريقن جي استعمال سان بہ هن وياڳ (شعبي) ۾ صحيح نتيجن جي حاصلات ممڪن آهي، تنهن ڪري ادب کي بہ تحقيق جي دائري ۾ شامل ڪيو ويو. ان طرح ادب بہ پنهنجي ظاهري توڙي معنوي هيئيت جي لحاظ کان هڪ قابل تحقيق وياڳ (شعبو) ثابت ٿيو. ان جي معنوي هيئيت جو تعلق نفسيات ۽ سماجي سائنس (Social Science) سان ڳنڍيو ويو ۽ ظاهري هيئيت ڀاشا وگيان يا لسانيات (Linguistics) جي دائري ۾ اچي وئي. ان طرح ادب، داخلي تحقيق جو وشيہ (موضوع) بڻجي پيو. جنهن ۾ محقق، پنهنجي تجرباتي عمل جي سيمائن (حدن) کان ٻاهر نٿو نڪري. ادب ۾ جيڪي بہ النڪار (لفظي صنعت) ۽ مانسڪ (نفسياتي) تفصيل ڏنل هوندا آهن، انهن جي ڇنڊڇاڻ ۽ هيئيت جو اڀياس محقق جو حقيقي مقصد هوندو آهي. تنهن کان سواءِ ادب ۾ خارجي تحقيق جا امڪان بہ پيدا ٿيا، جن ۾ ٻين وشين (موضوعن) ۾ نتيجا حاصل ڪيا ويندا آهن. ائين نہ صرف ادبي تحقيق جي امڪانن ۾ ئي واڌارو آيو پر ادبي تحقيق جي عمل جون سيمائون (حدون) بہ وشال ٿينديون ويون. اُن سان گڏوگڏ اِهو سوال بہ پيدا ٿيو تہ تحقيق جهڙي دماغي عمل جي وجود ۾ اچڻ سان تنقيد ۽ ادب جي وچ ۾ تعلق هئڻ بہ ممڪن آهي يا نہ! ابتدا ۾ تہ تحقيق جا حيرت انگيز نتيجا ڏسندي اديب ۽ نقاد ٻئي ڇرڪجي ويا، پر جلد ئي جڏهن اُن دماغي عمل جي افاديت ظاهر ٿيڻ لڳي تہ نقادن بہ ادب جي ميدان ۾ پنهنجي هڪ هنڌيءَ کان موڪلائي ڇڏيو.

**تحقيق ۽ تنقيد:** تنقيد جو بنيادي مقصد ڪنهن ادبي تخليق جو مڪمل ۽ تفصيلي جائزو وٺڻ هوندو آهي. اِهو عمل ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) تاثر قبول ڪرڻ، (2) ڇنڊڇاڻ، ۽ (3) قدر ۽ قيمت جو تعين يا فيصلو ڪرڻ.

تنقيد جو مقصد ڪنهن ادبي تخليق جي ليکڪ جي تخليقي صلاحيت ۽ اُن رچنا (تخليق) کي وڌيڪ پرڪشش بڻائڻ جو ڏانءُ ۽ پڙهندڙن تي ٿيڻ واري تاثر جو جائزو وٺڻ هوندو آهي.

رچنا جو عمل بہ رچناڪار (تخليقڪار) ۽ رچنا (تخليق) جي پاٺڪ (پڙهندڙ) جي باهمي سنٻنڌ تائين محدود هوندو آهي. صرف اسلوب ۽ لکڻيءَ تي تنقيدنگار جي عمل ۾ سندس شخصي دلچسپين جو بہ دخل رهي ٿو. جڏهن تہ محقق پنهنجي ذاتي دلچسپين ۾ انفرادي نقطہ نظر کان هٽي ڪري پنهنجو ڪم بلڪل بي طرفداريءَ سان ڪري ٿو. هڪ نقاد جي نگاهہ شخصي ٿئي ٿي، جڏهن تہ محقق اُن شيءِ کي موضوعاتي (Objective) نقطہ نظر سان ڏسي ٿو. محقق لازمي طور ڪنهن هڪ مسئلي کي ساڻ ڪري اڳيان وڌي ٿو جنهن جو تعلق خصوصي طور دماغ سان ٿئي ٿو. هُو اُن مسئلي جو حل تلاش ڪندي ئي مطمئن ٿئي ٿو جڏهن تہ نقاد اُن مسئلي جي ماهيت ڄاڻڻ کان پوءِ پنهنجو ڪم اُتي ئي ختم ڪري ڇڏي ٿو. محقق ۽ نقاد جي ڪم ڪرڻ جو طريقو بہ اڪثر مختلف هوندو آهي. محقق جي طريقي ۾ سچاين جي ڇنڊڇاڻ انتهائي اهم هوندي آهي. گڏ ڪيل حقيقتن جي دماغي ڇنڊڇاڻ ۽ رٽا يا ڪٽ سٽ ئي محقق کي منزل تائين پهچائين ٿيون. اُن جي برخلاف هڪ نقاد، سمورين ممڪن سچاين کي ڪٺو ڪرڻ ۽ انهن جي ڇنڊڇاڻ ضروري نٿو سمجهي. هُو گهٽو ڪري چند حقيقتن جي بنياد تي ڪنهن رچنا جي ٻاهرين خوبين جي ڇنڊڇاڻ ۾ ئي مصروف رهندو آهي. تنقيدنگار جي ڪم ڪرڻ واري طريقي ۾ سوچ ويچار کي هڪ اهم مقام حاصل هوندو آهي، جڏهن تہ محقق اُن سوچ ويچار جي نسبت حقيقت ۽ ثبوتن جي آڌار تي ڪَٽَ سَٽَ ڪندي تجرباتي انداز ۾ اُن جي ترتيب ۾ رُڌل رهندو آهي. محقق ۽ نقاد جي مقصدن ۾ بہ فرق هوندو آهي. تنقيدنگار جو مقصد، ادبي تخليق جي ظاهر ڪرڻ واري ڍنگ ۽ ٻاهرينءَ هيئيت جي خوبين جو فيصلو ڪرڻ هوندو آهي. جڏهن تہ محقق جو مقصد موجوده انساني ڄاڻ

جي ٻنڌار ۾ اضافو ڪرڻ هوندو آهي. انهن حقيقتن جي باوجود به تحقيق ۽ تنقيدنگاري ٻئي لازم ملزوم عمل آهن.

## ادبي تحقيق جي درجي بندي

عام طور ادبي تحقيق جا ٽي قسم قبول ڪيا ويندا آهن: (1) حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ، (2) تنقيدي ويچار (3) مڪمل تحقيق.

**1. حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ:** هيءَ هڪ نج موضوعاتي تحقيق آهي، جنهن هيٺ صرف نين حقيقتن جي ئي ڇنڊڇاڻ ٿي ڪئي وڃي، پر اول ئي معلوم ٿيل حقيقتن کي پڻ هڪ خصوصي ترتيب سان گڏ ڪرڻ به ان ۾ اچي وڃي ٿو. ڪا به اهم ڳالهه يا پوائنٽ ڇڏڻ نه کپي. ادب جي دائري ۾ ٿيندڙ تحقيق هيٺ هڪ خاص وشيه (موضوع) متعلق، پهرين اڄ تائين ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل معلوم ٿيل ڪتابن جي فهرست تيار ڪرڻ ضروري آهي. اهو ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ ئي تحقيق کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو.

معياري شاعرن مان ڪنهن به هڪ جي زندگيءَ متعلق حقيقتون گڏ ڪرڻ به هن قسم جي تحقيق جي دائري ۾ اچي ٿو. همعصر شاعرن توڙي ليکڪن تي پڻ اهڙو ڪم ڪري سگهجي ٿو.

ان سلسلي ۾ حقيقتون گڏ ڪرڻ لاءِ اُن مخصوص اديب يا شاعر جون رچنائون ئي وڏيڪ ڪارآمد ثابت ٿينديون آهن. انهن رچنائن مان مليل معلومات جو سهارو وٺي انتهائي احتياط ۽ خبرداريءَ سان حقيقتن جي چونڊ ۽ ڪاٽ ڪُوٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

**2. تنقيدي ويچار:** تحقيق جي دائري ۾ حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ ئي هيءُ عمل شروع ٿئي ٿو جو خود پنهنجو پاڻ ۾ به هڪ مڪمل وشيه (موضوع) ٿي سگهي ٿو. ساهتيه (ادب) جي وياڳ (شعبي) ۾ هن قسم جو تحقيقي ڪم گهٽ ٿي ڪيو وڃي ٿو. محقق جي نظر ۾ گڏ ڪيل حقيقتن بنسبت، تحقيق مواد تي غور ڪرڻ ۽ اُن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ وڌيڪ اهميت جي حامل هوندي آهي. اهڙي عمل ذريعي ئي ڪنهن اديب يا شاعر جي زندگيءَ جو صحيح عڪس وڌيڪ روشن ۽ واضح ڪري سهگجي ٿو. هڪ ڳالهه جو ڌيان رکڻ تمام ضروري آهي ته محقق کي ڪنهن قسم جي ويچارڌارا

يا اول طئہ ڪيل سوچ ويچار کان ڪنارو ڪري، اهڙي تحقيق بلڪل غير جانبداريءَ سان ڪرڻي آهي. اهڙو تحقيقي عمل صرف ڪنهن رچنا جي ئي حد تائين محدود نہ رهي سگهندو پر اُن ۾ تخليقڪار جي دور جو اڀياس ڪرڻ بہ تمام ضروري آهي. محقق کي اُها رچنا، ۽ جنهن دور ۾ اُها چئي ويئي يا لکي ويئي، اُهو تعلق بہ صاف ۽ کليل لفظن ۾ پيش ڪرڻ گهرجي؛ ڇو تہ ادب جي تخليق ۾ اُن جي واڌاري تي واسطيدار دور جون سماجي ۽ سياسي حالتون زبردست نموني اثرانداز ٿينديون آهن. ان سلسلي ۾ ذڪر هيٺ آيل دور جي ٻين همعصر اديبن ۽ شاعرن جو اڀياس ۽ اُن سان گڏ تحقيق هيٺ آيل رچنا جو توازن بہ فائديمند ٿي سگهي ٿو. پر اُهو توازن ۽ همعصر اديبن سان ڀيٽ ئي تحقيق جو اصلي مقصد نہ هئڻ گهرجي.

ڪنهن بہ هڪ رچنا ۾ تخليقڪار جي انداز فڪر توڙي سندس سوچ ويچار جو واضح صورت ۾ ملڻ ضروري نہ آهي، ڇو تہ هن جي رچنا تي الڳ الڳ النڪارن (يعني لفظي ۽ معنوي صنعتن) جهڙوڪ: تشبيهن، استعارن ۽ شاندار تحرير جو هڪ خوبصورت پردو چڙهيل رهي ٿو جنهن پردي جي اندر جهاتي پائڻ ئي محقق جو اصلي ڪم هوندو آهي. ان هوندي بہ ڪيترين حالتن ۾ مصنف جو انداز اظهار سندس سوچ ويچار کي سمجهڻ لاءِ سهايڪ (مددگار) ئي نہ، پر ڪيترين حالتن ۾ ضروري ٿيو پون. اُن ڪري محقق جو فرض آهي تہ ڪنهن بہ رچنا جي نہ صرف ٻاهرين سجاوٽ، پر اُن جي اندر سمايل اصلي معنيٰ کي سمجهي، اُن تخليقڪار جي اندازِ فڪر جو تعين يا ڪاٿو ڪري ۽ اُن جي ٻاهرين خوبصورتيءَ ۾ وچڙجي نہ وڃي!

تنقيدي ويچار تي مشتمل تحقيقي عمل جي ڪاميابي ان ڳالهہ تي مدار رکي ٿي تہ اُها پوريءَ طرح ثابتين ۽ دليلن تي ٻڌل هجي. جڏهن تحقيقي نتيجا حقيقتن سان گڏ دليلن تي ٻڌل هوندا آهن، تڏهن ئي تحقيقي عمل پنهنجي اصل ڪاميابيءَ کي پهچندو آهي. ان سلسلي ۾ جيڪي بہ ثابتيون ۽ دليل استعمال ڪيا وڃن، اُهي بلڪل چٽا ۽ واضح هئڻ گهرجن، جن کي انساني عقل يڪدم مڃڻ لاءِ تيار ٿئي، يعني اُهي دليل ڪجهہ مڃيل حقيقتن تي ٻڌل هجن. اهڙيءَ طرح حوالا ڏيڻ کان پوءِ ئي حاصل ڪيل نتيجن جو عمل اچڻ گهرجي.

3. **مڪمل تحقيق:** هن قسم جي تحقيق ۾ حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ، دليلن ۽

سمجهاڻين جو ميلاپ هوندو آهي. اُن کي هيٺينءَ طرح واضح ڪري سگهجي ٿو:
**موضوع يا مسئلو:** حقيقتن تي ٻڌل دليلن ۽ ثابتين جي مدد سان ڪيل ڪاٽ ڪُوٽ، ڇنڊڇاڻ ۽ اُنهن کي پيش ڪرڻ جو طريقو.
**حل:** هن مرحلي ۾ صرف حقيقتن کي گڏ ڪرڻ ئي ڪافي ناهي. اُن سان مسئلي جو حل ڪونہ نڪري سگهندو، ڇو تہ ڇنڊڇاڻ بہ جيڪڏهن حقيقتن تي ٻڌل ثابتين ۽ دليلن سان هڪجهڙائي نٿي ڏيکاري تہ اُها تحقيق اڻپوري آهي. اُن کي تحقيق سڏي نٿو سگهجي. مڪمل تحقيق اُن کي هرگز ڪونہ چئي سگهبو، جنهن جا نتيجا صرف حقيقتن تي ٻڌل ۽ اُن مان ئي ورتل هجن. تحقيقي وشيہ (موضوع) جي مقرريءَ کان پوءِ ئي محقق کي حقيقتن تي ٻڌل ثابتين ۽ دليلن جي ضرورت پوندي آهي. انهن حقيقتن ۽ ان سان واسطيدار ودوانن جي خيالن کي بہ گڏ ڪرڻ ضروري آهي. محقق انهن گڏ ڪيل حقيقتن جي اشارن کي سمجهندو آهي، جيڪي ممڪن نتيجن تائين پهچائيندا آهن. انهن حقيقتن ۽ اشارن جي ڇنڊڇاڻ ئي مسئلي جي حل کي ممڪن بڻائيندي آهي. ثابتين واري ڇنڊڇاڻ وسيلي وگيانڪ (سائنسي) نتيجا حاصل ٿيندا آهن. نتيجن جي حاصلات محقق کي پنهنجي عمل ۾ ڪاميابي عطا ڪري ٿي. جنهن کان پوءِ اُهي نتيجا ئي قانون ۽ اُصول بڻبا آهن. اِها ئي مڪمل تحقيق جي حاصلات آهي.
**نتيجا:** حل جي اڳواٽ طئي ٿيل قياس آرائين ۽ تحقيق دوران گڏ ڪيل مواد جي وچ ۾ جڏهن دليل بازيءَ وارو تعلق قائم ٿي پوندو آهي تہ نتيجا پنهنجو پاڻهي اُڀري سامهون اچڻ لڳندا آهن. اهڙيءَ صورت ۾ جيڪڏهن گهربل تعلق پيدا نہ ٿي سگهي تہ حل جي قياس آرائي قابلِ قبول نہ هوندي آهي. ٻيءَ صورت ۾ ثابتين وارو حل هر ڪيتر ۾ قبول ڪيو ويندو آهي ۽ اڳتي هلي اُهو هڪ اُصول ۽ قانون بڻبو آهي.

## باب ٽيون

# محقق ۽ رهنما

محقق ۽ رهنما (Guide)، ٻنهي ۾ ڪجهه خاص خوبيون هئڻ ضروري آهن. هڪ محقق لاءِ رهنما جو هجڻ نه صرف ضروري پر اٽل آهي. انهن ٻنهي جي وچ ۾ خاص تعلق هوندو آهي ۽ جڏهن ٻئي پنهنجي پنهنجي صلاحيتن جا ماهر هوندا، تڏهن ئي تحقيقي عمل جي ڪاميابي يقيني بڻبي آهي.

**محقق (ڪوجنيڪ)**: هڪ محقق ۾ هيٺين دماغي قوتن جو هئڻ ضروري آهي:

| | |
|---|---|
| (1) دليل بازيءَ جي قوت | (رچناتمڪ (تخليقي) ۽ حاصل ڪيل) |
| (2) حافظي جي قوت | (ڪتابي: مفصل ۽ دليلن تي ٻڌل) |
| (3) ڪلپنا جي قوت | (مضبوط ۽ طويل) |
| (4) ذهني سچائي | (پاڻ ڏانهن ۽ وشيه (موضوع) ڏانهن) |
| (5) دلچسپي ۽ حوصلو | (بنيادي رچناتمڪ عمل سان واسطو رکندڙ) |
| (6) تجسس | (مضبوط ۽ چست) |

ڪنهن به محقق ۾ مٿين وصفن جو هئڻ ضروري هوندو آهي. اُن ڪان سواءِ سندس لاڙو يا رجحان، آتم وشواس (خوداعتمادي) ۽ وشيه (موضوع) سان دلچسپي وغيره به اچي وڃن ٿا. ڪن عالمن جي راءِ ۾ ڪي وصفون اهڙيون به آهن، جي محقق لاءِ ضروري نه آهن. پر عام طور هر هڪ محقق ۾ نظر ڪونه ايندِيون آهن.

محقق جو فرض ۽ سندس جوابدارين کي ڏسندي، اُن جي دماغي قوتن تي زور ڏيڻ سياويڪ آهي. تجربي مان ڏٺو ويو آهي ته جڏهن به ڪو صحيح محقق پنهنجي وشيه (موضوع) تي ڪم شروع ڪندو آهي ته ڪي وصفون سندس شخصيت ۾ اڳ ئي سياويڪ طور موجود هونديون آهن ۽ باقي ڪجهه رهيل صلاحيتون وقت گذرندي ۽ اڀياس ڪندي اُن ۾ پيدا ٿي وينديون آهن. مٿين دماغي قوتن جي لمبي فهرست ڏسي، ڪنهن به محقق کي احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ نه گهرجي. انهن لياقتن جو ذڪر صرف محقق کي

مضبوط ۽ عمل پيرا ٿيڻ ۾ جوش ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي.

محقق جي ڪم جي شروعات تجسس يعني انتظاريءَ ۽ بي چينيءَ سان ٿيندي آهي. انساني زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون پيچيديون حالتون منهن ڪڍنديون آهن، جو هُو پيش ايندڙ مسئلن جي باري ۾ هڪ تجسس سان پريل ڪيفيت جو احساس ماڻي ٿو. اِها پُرتجسس ڪيفيت هڪ ذهني ڪشمڪش پيدا ڪندي آهي. اُتي ئي هڪ محقق حالتن موجب هڪ مقرر نتيجي تائين پهچڻ جو زبردست احساس ماڻيندو آهي ۽ اِها ئي ڳالهه هن لاءِ سنگهرش (ڪوشش) ۽ جدوجهد جو باعث بڻبي آهي.

هڪ محقق جي اندر ۾ تجسس کان پيدا ٿيندڙ تحريڪ جتي جذباتي طور کيس پريشان ڪري ڇڏيندي آهي، اُتي ئي سندس ذهني صلاحيت کي اُڀارڻ ۾ پڻ مدد ڪندي آهي. اُن جي نتيجي ۾ هن جي دماغي طاقت سندس سوچ ويچار، قياس آرائيءَ ۽ ڪلپنا وغيره جي مرحلن مان گذرندي، نيڪ پنهنجي مسئلي جي حل ڏانهن وڌندي رهندي آهي. ذهني نقطہ نگاه کان ڌيرج، شانتي ۽ ذهني هوش حواس کي قابو ۾ رکڻ وارو عمل ئي سندس مددگار ثابت ٿيندو آهي.

محقق کي مختلف مرحلن مان گذرندي سندس دل ۾ پنهنجي تحقيقي عمل لاءِ زبردست چاهنا پيدا ٿيندي رهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ مشڪلاتون سامهون ڏسندي ۽ وسيلن جي گهٽتائي هوندي بہ کيس پنهنجي ڪم ۾ لطف ايندو رهندو آهي. هن جي اِها چاهنا شدت اختيار ڪندي آهي تہ هُو پنهنجي ننڊ آرام بہ وساري ڇڏيندو آهي. اِن طرح تحقيقي عمل جي پوري ٿيڻ کان پوءِ محقق کي جنهن حقيقي فخر ۽ بي انتها خوشيءَ جو احساس ٿيندو اهي، اُهو تحقيق دوران بہ سندس دل ۽ دماغ تي ڇانيل رهندو آهي.

جيستائين محقق جي ذهني صلاحيتن جو تعلق آهي، اُن لاءِ وٽس زبردست دليل بازيءَ جي قوت هئڻ ضروري آهي. ڪڏهن تہ مليل وشيہ (موضوع) جي اوک ڊوک ڪندي چپي چپي تي دليل بازيءَ ذريعي ئي سوچ ويچار ڪري سگهبو آهي. اهڙي عمل لاءِ بي ڳالهہ اِها ضروري آهي تہ لڳاتار انداز ۾ غور ۽ فڪر ڪيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن سندس سوچڻ جي رفتار

سست بہ ٿي سگهندي آهي، پر وڌيڪ وقت ۾ سھوليتن جي مدنظر ڪيس سوچ ويچار ۾ پڻ مسلسل مصروف رھڻو پوندو آهي. ذھن مضبوط ۽ چست رکڻ واسطي محقق کي وشال درشٽيءَ (وسيع ذھن/وسيع نظر) وارو هئڻ ضروري آهي. محقق جو دماغ ڪنھن مھل بہ غير مشغول رهڻ نہ گهرجي. جيڪا ڳالھہ هن جي تحقيق ۾ اڀياس جو وشيہ (موضوع) هوندي آهي، اُها تحقيقي عمل جي مختلف مرحلن ۾ ضرورت موجب سندس ذهن تي مسلط رهڻ گهرجي. اُن لاءِ رچناتمڪ (تخليقي) يادگيريءَ جي طاقت جو هئڻ ضروري آهي. هن جي ڪم جي تڪميل سان گڏوگڏ سندس حافظو بہ مضبوط ٿيندو رهندو آهي.

ذهني لحاظ کان محقق کي ايماندار هئڻ گهرجي. ذهني ايمانداريءَ جو مطلب اِهو آهي تہ هُو پنهنجي وشيہ (موضوع) جو هر وقت جائزو وٺندو رهي ۽ اُن جي ڇنڊڇاڻ پڻ ڪري. دماغي اڀياس جي سلسلي ۾ ڪا تڪليف يا رنڊڪ آڏو اچي تہ اُن جي مطالعي ۾ ضرورت کان وڌيڪ وقت وڃائڻ نہ گهرجي. اهڙيءَ حالت پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ تحقيقي عمل جي سلسلي ۾ محقق جي ايمانداري قائم رهي نہ سگهندي.

دماغ جي خيال کان محقق کي تخليقي صلاحيتن جو مالڪ هئڻ ضروري آهي. هن جي رُچي (دلچسپي) صرف هڪ طرفي نہ هئڻ گهرجي، پر تخليقي صلاحيت، نئين سوچ، دل ۾ پيدا ٿيندڙ ويچار ۽ آتم وشواس جهڙا عنصر پڻ سندس ذهني قوت لاءِ ضروري آهن. محقق جي شخصيت ۾ جمالياتي احساس ۽ ذهني صلاحيتن جو ميلاپ ئي تحقيقي عمل کي ڪامياب بڻائي سگهي ٿو. هن جي دماغ ۾ پيدا ٿيندڙ تخيل يا نئين سوچ بہ بلڪل واضح هئڻ گهرجي تہ جيئن ڪن حالتن ۾ ڪي اهڙيون مشڪلاتون درپيش اچن، تہ هُو لڳاتار سوچ ويچار ڪري اُنهن تي قابو پائي سگهي.

**سھوليتون**: ذهني صلاحيتن کي پوريءَ طرح حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ جيڪڏهن محقق کي ضروري سهوليتون ميسر نہ هونديون تہ تحقيقي عمل مڪمل ٿي نہ سگهندو. اِهي سهوليتون هيٺينءَ ريت آهن:

**مالي سڪون**: محقق لاءِ هيءَ ڳالھہ تمام ضروري آهي، جنهن جي اڻ موجودگيءَ ۾ هُو پوري آتم وشواس سان پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهي نہ سگهندو. جيڪڏهن ڪيس مالي ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏڪڻو

پوندو تہ سندس تحقيقي ڪم ۾ رُخنو پئجي سگهي ٿو. ان ڪري وڏن محققن لاءِ وظيفي يا Scholarship جي بيحد ضرورت رهندي آهي.

**لائبريريءَ جي سهوليت:** لائبريري، جنهن ۾ معياري ۽ اهم ڪتاب موجود هجن، اُن جي موجودگي تحقيقي عمل لاءِ بيحد ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن لائبريريءَ ۾ محقق لاءِ ڪارائتا ڪتاب موجود هجن، تہ اُهي جلد ئي گهرائي ڪيس فراهم ڪرڻ جو انتظام ٿيڻ گهرجي. اُن کان سواءِ ڪن ناياب ڪتابن ۽ قلمي نسخن جي حاصلات لاءِ محقق کي ڪٿي ٻاهر يا ٻئي ڪنهن هنڌ وڃڻ جي بہ ضرور پئجي سگهندي آهي.

**سفر:** تحقيقي عمل دوران ڪڏهن ڪڏهن سفر ڪرڻ بہ ضروري هوندو آهي. ٻين يونيورسٽين جي مشهور ۽ معروف پروفيسرن وغيره سان صلاح ڪرڻ ۽ ڪڏهن زير تحقيق ليکڪ يا شاعر سان ملاقات ڪرڻ ۽ ڪڏهن وري ڪجهہ ناياب ڪتابن جي حاصلات لاءِ محقق کي سفر ڪرڻ جو ضرور ٿي پوندو آهي. ان لاءِ ڪيس مناسب سهوليتن جو انتظام هئڻ گهرجي. جيڪڏهن تحقيق جو وشيہ (موضوع) ڪنهن جائزي يا مخصوص علائقي سان واسطو رکندڙ آهي تہ اُن لاءِ بہ سفر ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي.

**اوزار ۽ مشينون:** ڪنهن وشيہ (موضوع) جو جائزو وٺڻ، يا ڪنهن مخصوص علائقي ۾ وڃي ڪم ڪرڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊر سخت ضروري آهي، جنهن کان سواءِ محقق کي اُن علائقائي ٻولي ۽ لوڪ ادب وغيره جو اڀياس ڪرڻ ۾ انتهائي تڪليف درپيش ايندي. قلمي نسخن جون تصويرون وٺڻ لاءِ ڪنهن نموني فوٽو اسٽيٽ جي سهوليت بہ ضروري هوندي آهي. مليل تفصيلن کي پڙهڻ لاءِ ضروري اوزارن جي موجودگي ۽ اُنهن جي استعمال لاءِ سکيا وٺڻ بہ ضروري آهي. موجوده دور ۾ ڪمپيوٽر جو استعمال پڻ ڪيترو ئي فائدو ڏئي سگهي ٿو.

**محقق هڪ مفڪر:** تحقيق جي سموري مرحلي ۾ محقق جي خيالن جي لهر هلندي ئي رهي ٿي. صرف مواد جي موجودگي ۽ حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ ئي ڪافي نہ آهي. سوچ ويچار جو هيءُ عمل وگيانڪ (سائنسي) ۽ دليلن تي ٻڌل هئڻ گهرجي. وگيانڪ انداز فڪر اهو آهي، جنهن ۾ حقيقتن سان لازمي طور تعلق قائم رهي ٿو اُن جي رُوپ ريکا ۽ ڪاٽ ڪُوٽ يا سنا. حقيقتن جي

بنياد تي ڪئي وڃي ٿي. اهڙو انداز فڪر صرف پنهنجي مخصوص وشيہ (موضوع) سان واسطيدار ٿي هئڻ گهرجي، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ محقق پنهنجي رستي تان ڀٽڪي سگهي ٿو.

اُن اندازِ فڪر کي وشيہ (موضوع) جي اڻپوري ۽ ڪمزور حل کان بچائي رکڻ گهرجي، تنهن کان سواءِ هڪ ٻئي جي اُبتڙ ڳالهين کي بہ اُن دائري ۾ نہ آڻڻ گهرجي. محقق جي سوچ ويچار جون لهرون، وشيہ (موضوع) ۽ مسئلي جي حدن اندر ئي فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿيون. اهڙي اندازِ فڪر جي بنيادي خصوصيتن ۾ وقت، مواد، غير واسطيدار جائزي، سبب ۽ سلسلي جي لمبائيءَ جي پوري ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.

**ڪمزور نتيجا:** ڪي محقق پنهنجي عمل جي جوش ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪمزور پر دلچسپ ۽ آڪرشڪ (پُرڪشش) نتيجا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ هُواهو بہ خيال نہ رکندا آهن تہ مليل گواهين مان اُن نتيجي جي پنيرائي ٿئي ٿي يا نہ: ڇو تہ اِتي ذهني عمل تي جذبات حاوي ٿيو وڃن ٿا. اُن لاءِ هڪ ڪامياب ۽ هوشيار محقق تيستائين ڪنهن نتيجي تي نہ پهچي سگهندو آهي، جيستائين سمورو ۽ مڪمل مواد حاصل نہ ٿي وڃي.

**مريادائن ۽ سيمائن (حدن) جي خلاف ورزي:** طئي ٿيل وشيہ (موضوع) ۽ مسئلي جي حدن کان ٻاهر نڪرڻ محقق جي ذهني عمل لاءِ سڀ کان وڏو خطرو آهي. محقق جي خيالن ۾ لچڪ هئڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ سيمائن (حدن) جي خلاف ورزي پنهنجو پاڻهي ٿيڻ لڳندي آهي. سوچ ويچار جي نئين رُخ ۽ اُميد جي اُبتڙ نتيجن ڏانهن بہ سندس نظر هئڻ گهرجي، بشرطيڪ اُن جو بنياد حقيقتن ۽ دليلن تي ٻڌل هُجي: ڇو تہ اڻپورين حقيقتن تي ٻڌل نتيجا يا اُصول ڪڏهن بہ پروسي جوڳا ڪين ٿي سگهندا.

**محقق هڪ جاسوس:** محقق جي نظرءِ اُن جي ڪم جو طريقو هڪ جاسوس سان هڪجهڙائي رکندو آهي. جيئن هڪ جاسوس ننڍين ننڍين پُراسرار ڳالهين کي باترتيب دليلن جي روشنيءَ ۾ پرکي ٿو تيئن محقق بہ پنهنجي تحقيق واري عمل دوران منصفانہ ۽ قابل يقين نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ ننڍين ننڍين پُراسرار اشارن ۽ نقطن کي دليلبازيءَ واري انداز ۾ گڏ ڪندو آهي.

**وشيہ (موضوع) جي چونڊ:** وشيہ (موضوع) جي چونڊ جي ذميواري خصوصي طور محقق تي ئي هوندي آهي، پر اُصوليٰ طور تي وشيہ (موضوع) جي چونڊ ۾ بہ رهنما جي صلاح ضروري سمجهي وڃي ٿي. ان جو مطلب اِهو نہ آهي تہ سڌو سنئون رهنما ئي ڪنهن وشيہ (موضوع) جي رٿ ڏئي ڇڏي اهڙو عمل محقق جي دلچسپيءَ جي خلاف بہ ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري رهنما کي صرف رهنمائيءَ جو ڪم ئي نڀائڻ گهرجي. رهنما لاءِ اِهو ضروري آهي تہ هُو محقق جي شوق ۽ اُن جي پسند کان واقف هجي، جنهن کان پوءِ ئي هو واسطيدار ميدان جي مسئلن کان کيس آگاهہ ڪري. ان سلسلي ۾ رهنما جون همدرديون محقق سان گڏ هئڻ گهرجن. آخرڪار محقق کي ئي پنهنجي پسند جي وشيہ (موضوع) جي چونڊ ڪرڻ گهرجي.

ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ رهنما، محقق جي دلچسپيءَ سان تعلق رکندڙ ڪجهہ وشين (مضمونن) جي فهرست اُن جي سامهون رکي ۽ محقق کي اُن مان ڪنهن بہ هڪ وشيہ (موضوع) جي چونڊ ڪرڻ جو موقعو ڏئي. ٻيءَ صورت ۾ رهنما، محقق کان ئي اُن جي پسنديده وشين (موضوعن) جي فرهست گهري سگهي ٿو. محقق، پنهنجي وشين مان ڪنهن بہ هڪ جي چونڊ ڪرڻ لاءِ انتهائي خبردار هوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ رهنما، محقق جي مدد ڪري سگهي ٿو ۽ اُن جي ڪنهن وشيہ (موضوع) ۾ هُو ضروري قيرقار بہ آڻي، محقق کي وشيہ (موضوع) جي چونڊ ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو. محقق لاءِ ان ڳالهہ جو ڌيان ڪرڻ ضروري آهي تہ وشيہ (موضوع) جو ميدان وڌيڪ وشال (وسيع) نہ ٿي پوي.

**تحقيق جي دائري جي مقرري:** وشيہ (موضوع) جي چونڊ کان پوءِ تحقيقي عمل جي دائري جي مقرريءَ جو مرحلو ايندو آهي، جنهن هيٺ مختلف باب مقرر ڪيا ويندا آهن. اِن موقعي تي رهنما کي گهرجي تہ:

(1) هُو محقق کي تحقيق جي دائري ۽ اُن جي ورهاست جي باري ۾ صلاح ڪرڻ جو موقعو ڏئي.

(2) اُن صلاح مصلحت جي روشنيءَ ۾ محقق پنهنجي مقالي جو خاڪو تيار ڪري.

(3) اُن خاڪي ۾ رهنما مناسب تبديلين ۽ حدبنديون ڪري ڇڏي.

**ڪم ڪرڻ جي طريقي جي مقرري:** هيءُ اُهو مرحلو آهي، جتي رهنما جي ضرورت سڀ کان وڌيڪ پوندي آهي. محقق کان اِها اُميد تہ ڪري سگهجي ٿي تہ هُو پنهنجي وشيہ (موضوع) سان تعلق رکندڙ هجي، پر طريقہ ڪار جي باري ۾ ڪيس تمام گهٽ ڄاڻ هوندي آهي. اِهو ئي سبب آهي جو ڪيترين يونيورسٽين ۾ تحقيق جي طريقہ ڪار جي باري ۾ سکيا وٺڻ لازمي قرار ڏني وئي آهي. جتي اهڙو انتظام آهي، اُتي بہ محقق کي تحقيق جي طريقن جي باري ۾ صرف مٿاڇري ڄاڻ ئي ملندي آهي. باقي ڪنهن مخصوص وشيہ (موضوع) لاءِ خصوصي طريقن جي باري ۾ رهنمائيءَ جو طريقو اهڙو هئڻ گهرجي، جو محقق هڪ مشين نہ بڻجي پوي.

**مواد جي مقرري:** محقق کي مواد جي حاصلات لاءِ سمورو ڪم پاڻ ئي ڪرڻو پوندو آهي، پر ڪهڙو ڪهڙو مواد ڪتو ڪيو وڃي، اُن جي مقرريءَ لاءِ رهنما جي صلاح جي ضرورت پوندي آهي. رهنما سموري گڏ ڪيل يا ممڪن مواد کي مختلف حصن ۾ ورهائڻ لاءِ ضروري مشورا ڏيندو آهي، جنهن بعد وري اُن هر هڪ حصي واري مواد جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۾ بہ رهنمائيءَ جي ضرورت پوندي آهي. Statistics (انگن اکرن) وغيره جهڙن وشين لاءِ خصوصي طريقن جي باري ۾ ضروري ڄاڻ ڏيڻ ۽ اُن تي قاعدي سان عمل ڪرائڻ وغيره گهٽي ياڳي رهنما جي ذميواري هوندي اهي.

**پيشڪش:** آخر ۾ رهنما کيِ اهو ڏسڻو هوندو آهي تہ مليل مواد ۾ دليلن يا ثبوتن جو استعمال صحيح طريقي سان ٿيو آهي يا نہ. اِن مرحلي تي رهنما جي حيثيت هڪ نقاد جهڙي هوندي آهي. محقق جي لکٽيءَ کي مناسب لفظن جو استعمال، وزندار ۽ جاندار بڻائيندو آهي. اِن سلسلي ۾ خصوصي ۽ وشيہ (موضوع) سان واسطيدار اصطلاحي لفظن جي مقرري پهريائين ڪئي ويندي آهي، جنهن بعد پوري مقالي ۾ انهن لفظن کي بنا ڪنهن ڦيرڦار جي استعمال ڪرڻ ضروري هوندو آهي. رهنما انهن مان ڪن غيرضروري جزن کي ڪڍي بہ ڇڏيندو آهي. هڪ مقالي جي سڀ کان وڏي خصوصيت اُن جو اختصار يا تت ۽ پنهنجي وشيہ (موضوع) جي اردگرد ڪيل اُن جي اُپٽار هوندي آهي.

# باب چوٿون

## تحقيقي عمل جا مرحلا

تحقيق هڪ بامقصد وگيلنڪ (سائنسي) ۽ باضابطہ تخيلي يا سوچ ويچار وارو عمل ۽ اُن جي پيشڪش آهي. اِهو ڪم ڪجهہ خاص مرحلن ۾ انجام ڏنو ويندو آهي. جيئن وشيہ (موضوع) جي چونڊ، وشيہ (موضوع) جي وشالتا (وسعت) جي مقرري، مواد جي حاصلات ۽ اُن جي ڇنڊڇاڻ ۽ آخر ۾ اُن سموري عمل مان ڪي نتيجا حاصل ڪرڻ.

اُن سلسلي ۾ تحقيق جي ماهرن الڳ الڳ رايا ڏنا آهن. ڪن ماهرن اُنهن مرحلن جو تعداد وڌيڪ تہ ڪن گهٽ ٻڌايو آهي. بهرحال تحقيقي عمل جي باضابطہ تڪميل لاءِ مٿي ذڪر ڪيل مرحلن مان گذرڻو ئي پوندو آهي. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ مختلف ودوانن (ماهرن) اُنهن مان هر هڪ مرحلي کي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائي، اُنهن جو تعداد وڌائي ڇڏيو آهي. انهن مرحلن جا تفصيل هيٺينءَ ريت آهن:

**1. وشيہ (موضوع) جي چونڊ:** تحقيقي عمل جو هيءُ اولين ۽ اهم ترين مرحلو آهي. وشيہ (موضوع) جي صحيح چونڊ ڪرڻ سان محقق ۾ پنهنجي ڪم لاءِ دلچسپي ۽ جوش وڌندو رهندو آهي، جنهن سان ڪم ڪرڻ جي تحريڪ کي هٿي ملندي آهي. هر هڪ چونڊ ڪيل وشيہ (موضوع) جي پس منظر ۾ هڪ مسئلو لڪل هوندو آهي، جنهن کي حل ڪرڻ ئي محقق جو ڪم آهي. بهرحال هر هڪ مسئلي جو حل تلاش ڪرڻ ڪيترين حالتن ۾ مشڪل ئي هوندو آهي، پوءِ بہ محقق کي ان پوتر ڪم لاءِ وفاداري هئڻ ۽ پنهنجي فرض نڀائڻ ۾ ڪيس پوري ڌيان، همدرديءَ ۽ شوق سان محنت ڪرڻي پوندي آهي. مسئلي ۽ وشيہ (موضوع) جي چونڊ ڪرڻ وقت محقق کي پنهنجي دلچسپي ۽ رُچيءَ (پسند/لاڙي) کي هميشہ خيال ۾ رکڻ کپي. بعد ۾ پنهنجيءَ پسند جي هڪ وشيہ (موضوع) جي چوُنڊ کان پوءِ اُن سلسلي ۾ پنهنجي رهنما ۽ ٻين ماهرن کان صلاح مشورو وغيره ضرور وٺڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اُن وشيہ

(موضوع) جي صحيح روپ ريکا (خاڪو) تيار ٿي سگهندي، جنهن جو حل تلاش ڪرڻ لاءِ محقق کي ڪن اُصولن تي عمل ڪندي، وڏيڪ تڪليفن سان منهن ڏيڻو نه پوندو.

وشيه (موضوع) جي چونڊ ڪرڻ وقت اِن ڳالهه جو خاص طور تي ڌيان رکڻ گهرجي ته ان وشيه (موضوع) تي اڳ ۾ ڪم ڪيل نه هجي. هر حالت ۾ اهڙو وشيه (موضوع) چونڊڻ گهرجي، جنهن تي ٿيندڙ تحقيق جي نتيجن سان انساني علم جو دائرو وڌيڪ وشال ٿي سگهي. اجا به جيڪڏهن محقق اِهو ارادو رکي ٿو ته هُو ڪنهن وشيه (موضوع) تي ڪيل اڳئين تحقيق جي مخالف هيئنر وري نوان نتيجا حاصل ڪري پيش ڪري سگهي ٿو ته اهڙيءَ صورت ۾ اهو هڪ ڪارنامو ڪري ليکبو. اُن لاءِ هن کي پهريائين کان رائج ۽ مڃيل نتيجن جي خلاف زبردست وزندار ۽ ٺوس ثبوت پيش ڪرڻا پوندا. ڪيترا پيرا اڳين عالمن ۽ محققن جي حاصل ڪيل نتيجن ۾ ڪي وري نوان مسئلا به لڪل هوندا آهن، اُن لاءِ نوجوان محققن کي گهرجي ته هُو اهڙن وشين کي ڪڍي، اُنهن ئي تحقيقي عمل کي اڳتي وڌائين.

**وشيه (موضوع) جي مواد جا وسيلا:** تحقيقي عمل جا سمورا وشيه (موضوع) يا مسئلا ڪنهن ٻاهرينءَ تحريڪ يا دماغي هلچل مان جنم وٺندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته اوچتو ئي ڪو وشيه (موضوع) سامهون اچي ويندو آهي. اِن هوندي به وشيه (موضوع) جي چونڊ جو مرحلو محقق لاءِ مشڪل ئي هوندو آهي، پر جن ماڻهن کي پنهنجي مخصوص ميدان تي مڪمل عبور حاصل هوندو آهي، اُنهن کي هن مرحلي ۾ ڪافي آساني ٿيندي آهي. محقق کي گهرجي ته سندس ودياڳ (شعبي) ۾ جيڪو تحقيقي ڪم اڳواٽ ئي ٿي چڪو آهي، اُن جو ڌيان سان اڀياس ڪري، ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي ڪم لاءِ سڌو سنواٽو رستو قائم ڪري سگهندو ۽ ڪيس پنهنجي مواد جي حاصلات ۾ به مدد ملندي. هن کي اڳ ٿيل تحقيقي ڪمن جي اڀياس مان، پنهنجي وشيه (موضوع) جي چونڊ جي باري ۾ پڻ روشني ملي سگهندي آهي، جو ته جڏهن به ڪنهن ودياڳ ۾ تحقيقي عمل جو دائرو وڌندو ويندو آهي ته نوان نوان مسئلا جنم وٺندا رهندا آهن. هر هڪ تحقيقي عمل جتي ڪنهن مسئلي جو حل پيش ڪري

ٿو اُتي ئي هو نَون نَون مسئلن طرف اِشارا پڻ ڪري ٿو. ڪنهن بہ مسئلي جو حل، جو اڳواٽ پيش ٿي چڪو آهي، اُن کي آخرين سمجهڻ نہ گهرجي. اهڙين وشين (موضوعن) تي وري بيهر بہ ڪم ڪري سگهبو آهي. بهرحال وشيہ (موضوع) جي چونڊ لاءِ اڳ ٿيل تحقيقي ڪمن جو اڀياس انتهائي ضروري آهي. اهو ڪم هيٺين طريقن سان ڪري سگهبو آهي:

(1) پنهنجي تحقيقي وياڀ جي چنڊڇاڻ پنهنجي واسطيدار تاريخي ثبوتن سان گڏ ڪرڻ.

(2) پنهنجي وياڀ جي خالي جاين ۽ اڻ ڇاٽايل سلسلن جو جائزو.

(3) ان ڳالهہ جو جائزو وٺڻ تہ ان عمل ۾ مليل نتيجا رد ڪرڻ جوڳا تہ ڪين آهن. جيڪڏهن ائين آهي تہ انهن جي سڌاري لاءِ، تحقيق لائق هڪ نئون وشيہ (موضوع) پيدا ڪري سگهبو آهي.

(4) اڳ ٿيل ڪمن جي ممڪن نتيجن جي باري ۾ اشارن ۽ چوٽين جو جائزو وٺڻ.

اهڙيءَ طرح انهن مٿي ڏنل اصولن جي روشنيءَ ۾ وشيہ (موضوع) جي چونڊ آسانيءَ سان ڪري سگهبي آهي.

**دلچسپي ۽ ڪم جو شوق:** وشيہ (موضوع) جي چونڊ لاءِ محقق جي سياويڪ رُچي (فطري دلچسپي) تمام ضروري هوندي آهي. محقق، ڪنهن وشيہ (موضوع) جي چونڊ ڪندو ئي اُن لاءِ آهي تہ ان ۾ کيس دلچسپي هوندي آهي. ان طرح محقق، پنهنجي دلچسپيءَ جي بنياد تي چونڊ ڪيل وشيہ (موضوع) تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ۽ خبردار رهندو آهي. اهو ڪم ڪندي کيس مزو پڻ ايندو آهي، جو هن لاءِ اطمينان بخش ۽ سنتوش جنڪ (تسليءَ جوڳو) هوندو آهي. پر اِها دلچسپي بہ اڳواٽ ٿيل تحقيقي ڪمن جي اڀياس مان پيدا ٿيندي آهي.

وشيہ (موضوع) جي چونڊ ڪرڻ مهل ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ اُهو پنهنجي وسعت ۽ سيمائن (حدن) جي لحاظ کان ايترو ڦهليل نہ هجي، جو اُن تي باضابطہ تحقيقي عمل کي پورو يا مڪمل ڪرڻ انتهائي ڪٺن ٿي پوي. محقق کي گهرجي تہ وشيہ جي چونڊ کان پوءِ ان جي روپ ريکا جي سلسلي ۾ پنهنجي رهنما کان ضروري صلاح وٺي ۽ رهنما اُن جي هيئيت ۽ وسعت ۾ ضروري ڦيرڦار آڻي، اُن کي محقق جي تحقيقي عمل لاءِ آخرين طور منتخب

ڪري ڇڏي. رهنما جو اهو فرض آهي تہ هُو وشيہ جي باري ۾ صلاح ڏيڻ وقت محقق جي دلچسپيءَ ۽ اُن جي صلاحيت کي خيال ۾ رکي.

**وشيہ جي چونڊ جو معيار:**

(1) تحقيق ٿيندڙ وشيہ محقق جي دلچسپي ۽ سندس لاڙي مطابق هئڻ گهرجي.

(2) وشيہ نئون، بنيادي ۽ تحقيق جي قابل هئڻ گهرجي، جنهن تي اڳواٽ ڪم ٿيل نہ هجي ۽ نہ ئي ٿي رهيو هجي.

(3) تحقيق لاءِ چونڊ ڪيل وشيہ وگيانڪ (سائنسي) تحقيق جي قابل هئڻ گهرجي، چو تہ ساهتڪ (ادبي) تحقيق پڻ فلسفيانہ انداز ۾ نہ، پر وگيانڪ نموني هئڻ گهرجي.

(4) تحقيق ٿيندڙ وشيہ جي پنهنجي هڪ اهميت هئڻ گهرجي، جيڪو موجوده انساني علم ۾ ڪنهن حد تائين اِضافو آڻڻ جي صلاحيت رکندڙ هجي.

(5) تحقيق لاءِ چونڊ ڪيل وشيہ اهڙو هجي، جو اُن سلسلي ۾ ضروري مواد جو ملڻ ممڪن هجي ۽ اُن تحقيق کي پايہ تڪميل تي پهچائي سگهجي.

**وشيہ جي وسعت ۽ دائره عمل جي روپ ريکا:** تحقيق لاءِ وشيہ جي چونڊ ڪرڻ کان پوءِ اِهو طئہ ڪرڻ گهرجي تہ اُن هيٺ ڪهڙن ڪهڙن نقطن تي بحث ڪيو ويندو ۽ تحقيق جو دائرو ڪيتري قدر وشال (وسيع) هوندو. تحقيق جو دائره عمل تمام گهڻو محدود يا تمام گهڻو ڦهليل بہ نہ هئڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن وشيہ ۾ ڪا ڦيرڦار آڻڻ ضروري ٿي پوي تہ رهنما جي صلاح سان اُهي تبديليون عمل ۾ آنديون وڃن.

تحقيق ٿيندڙ وشيہ جي روپ ريکا تيار ڪرڻ تمام ضروري آهي، جنهن کان پوءِ ئي هڪ چِٽو ٿي تحقيقي عمل جو ڪم ڪري سگهبو آهي ۽ ان جي لاڙي جو بہ تعين ٿي سگهندو آهي. روپ ريکا قائم ڪرڻ سان گڏ اِهو بہ طئي ڪرڻ ضروري آهي تہ اُهو تحقيقي عمل خالص آهي يا اُصولي. ان تحقيق مان ساهتيہ (ادب) ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون نيون ڏارائون قائم ٿي سگهنديون.

وشيہ جي روپ ريکا يا تفصيلن جي مقرري، هيٺ ڏنل اُصولن موجب

ڪري سگھجي ٿي:
1. مول وشيہ (مکيہ موضوع) ۽ واسطيدار وشين (موضوعن) جي چونڊ ڇاڻ.
2. اڀياس جون سيمائون (حدون) ۽ دائره عمل جي روپ ريکا
3. وشيہ جا تفصيل:
(الف) تاريخي پسمنظر: ويجھڙائيءَ وارو ۽ اڳوڻو
(ب) اڳ ٿيل تحقيق ۽ واسطيدار اڀياس جا تفصيل
(ٻ) اڳ ٿيل اڀياس جي ڇنڊڇاڻ
(پ) چونڊ ڪيل تحقيق جو طريقو
(ت) ممڪن نتيجا
4. وشيہ جي اصليت
5. موجوده تحقيق جو طريقو
6. طئي ٿيل قياس آرائين جو بيان
7. واسطيدار وياڳ (شعبي) جي لاءِ ڪيل ڪم جو جائزو
8. واسطيدار لفظن جي ڀنڊار جي وضاحت

وشيہ (موضوع) جو بيان صاف ۽ واضح لفظن ۾ ڪرڻ گھرجي. ڪيترا محقق تحقيقي دائره عمل جو بيان تہ ڪري ڇڏيندا آهن, پر وشيہ جو واضح بيان ڪونہ ڪندا آهن. اِهو طريقو اڳتي هلي تڪليفون پيدا ڪندو آهي.

**2. تحقيقي عمل جي نموني جي روپ ريکا:** وشيہ جي چونڊ کان پوءِ تحقيقي عمل جي طريقي جي روپ ريکا تيار ڪئي ويندي آهي. ان سلسلي ۾ ڪجھہ مقرر اُصولن موجب ئي عمل ڪيو ويندو آهي. مواد جي حاصلات کان اڳ طريقي جي روپ ريکا تيار ڪري ڇڏڻ گھرجي, جنهن کان پوءِ ئي ضروري مواد جي فراهميءَ جو ڪم شروع ڪرڻ گھرجي. ابتدائي مواد جو اڀياس کان پوءِ ڪم ڪرڻ جي طريقي جي ضرورت وڌيڪ واضح ٿي سامهون اچي ويندي آهي.

**احتياط:** غلطين ۽ غلط فهمين کان بچڻ لاءِ اِهو بهتر ٿيندو تہ محقق پنهنجي ڪم جي لاءِ ڪيترن ئي طريقن جي روپ ريکا تيار ڪري. پوءِ اُن جو الڳ الڳ جائزو وٺي ۽ اُنهن مان جيڪو سڀ کان وڌيڪ وشواس جوڳو طريقو نظر

اچي، تنهن کي اپنائڻ گهرجي. جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ سان محنت ۽ وقت تہ وڌيڪ صرف ڪرڻو پوي ٿو پر محقق کي هڪ مناسب ۽ ڪارائتو نمونو هٿ اچي ٿو.

ان مناسب ۽ فائديمند نموني ۾ اِها خصوصيت هئڻ گهرجي تہ اُهو واسطيدار تحقيقي عمل لاءِ اثرائتو هجي ۽ اُن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي مواد جي صحيح صحيح ڇنڊڇاڻ ٿي سگهي. اُن کي محدود لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ۽ اُن جو آسانيءَ سان جائزو وٺي سگهجي. اهڙي نموني ۾ ڪجهہ لچڪ هئڻ گهرجي تہ جيئن ضرورت موجب اُن کي استعمال ڪري سگهجي.

**3.مواد جي حاصلات:** مواد ئي محقق جي سوچ ۽ ويچار جو بنياد هوندو آهي. نجي مواد جي شڪل ڪچي مال وانگر هوندي آهي، جنهن جي ڇنڊڇاڻ، درجي بندي ۽ تحقيق جي ذريعي نتيجا ڪڍيا ۽ عام اُصول ناهيا ويندا آهن. هڪ دفعو جڏهن اُهي اُصول مرتب ٿي ويا تہ اُهو مواد آئيندي جي لاءِ انداز فڪر ۽ سمورين حقيقتن جي حاصلات لاءِ محرڪ هوندو آهي.

مواد جي حاصلات جي عمل ۾ اُن جي مختلف قسمن جو جائزو اُن ذريعي حاصلات جي روپ ريکا ۽ صحيح حقيقتن تي ٻڌل مواد جي ڳولا ضروري آهي. مواد جي حاصلات ۾ محقق کي تمام گهڻو خبردار رهڻ کپي. جيڪڏهن وشيہ جي لحاظ کان فائديمند مواد هٿ نہ اچي، يا ان کي ڪنهن بہ سبب کان نظرانداز ڪيو ويندو تہ تحقيقي عمل جي تڪميل مشڪل ٿي پوندي ۽ اُن جا نتيجا شڪ شبهي وارا ۽ متضاد ٿي پوندا.

مواد جي فراهميءَ جي عمل ۾ صرف حقيقتن کي گڏ ڪرڻ ئي شامل نہ آهي، پر ان جي حاصلات سان گڏوگڏ ضروري مواد جي چونڊ جو عمل پڻ جاري رهندو آهي.

مواد ڪٺي ڪرڻ لاءِ محقق کي هڪ جاسوس جا فرض نڀائڻا پوندا آهن. اِئين ڪٽي ڇنڇجي تہ مکين جي ماناري مان ماکي ڪڍڻ جيڏي سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي. هن کي پنهنجي فائدي وارن ننڍن ننڍن نقطن ۽ حقيقتن کي نظرانداز نہ ڪرڻو آهي، جنهن لاءِ کيس تيزفهم ۽ گهرائيءَ واري نظر هئڻ کپي.

## مواد جا قسم

مواد ڪيترن ئي قسم جو ٿيندو آهي، جن مان ڪي خاص هيٺينءَ ريت آهن:

**1. انفرادي مواد:** هن مواد هيٺ محقق جون شخصي دلچسپيون، ماضيءَ ۾ ڪيل قياس آرائيون، الڳ الڳ ڏارائون ۽ اثر وغيره اچي وڃن ٿا. هن قسم جي مواد ۾ شخصي جداگانہ (peculiar) خيالن ۽ جذبن تي ٻڌل حقيقتون اچي وڃن ٿيون. ان لاءِ ضروري نہ آهي تہ هن قسم جي مواد جي بنياد تي سڀ محقق هڪ ئي نتيجي تي پهچن. هيءُ مواد وگيانڪ (سائنسي) مزاج ۽ منطق (logic) کان پري هوندو آهي. اهڙي مواد ۾ محقق جون پنهنجون شخصي دماغي ڪمزوريون بہ شامل ٿي سگهن ٿيون، تنهن ڪري هن مواد جي بنياد تي ڪيل تحقيق نامڪمل، اڌوري ۽ شڪ شبهن سان ڀريل هوندي آهي.

**2. معروضي مواد:** هن قسم جي مواد ۾ ڪنهن خاص فرد جي نہ، پر مجموعي وسيلن جي ڳولا ڪئي ويندي آهي. اهڙو مواد ڪنهن بہ ميدان ۾ ڇنڊڇاڻ جي بنياد تي گڏ ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن تخليق تي تحقيقي عمل ٿيڻو آهي تہ انگي حساب (Mathematics) واري طريقي سان انهن حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ ڪري نتيجا حاصل ڪيا ويندا آهن. اهڙي مواد جي بنياد تي تحقيق ڪرڻ کان پوءِ سڀ محقق هڪ ئي نتيجي تي پهچندا آهن، ڇو تہ هيءُ مواد بلڪل وگيانڪ طرز وارو هوندو آهي.

**3. علائقائي مواد:** اصل ۾ هيءُ مواد بہ معروضي مواد کان مختلف نہ هوندو آهي. جيتوڻيڪ اُن جي حاصلات هڪ فرد جي سطح تي ٿيندي آهي، پر اُن جو جائزو مجموعي سطح تي ورتو ويندو آهي. هيءُ بہ ڇنڊڇاڻ ۽ جائزي وسيلي سولائيءَ سان ملي سگهندو آهي ۽ اُهو ڪافي حد تائين برقرار رهندو آهي. مجموعي جائزو ئي علائقائي مواد کي وگيانڪ روپ عطا ڪندو آهي. ان وسيلي حاصل ڪيل نتيجا وڌيڪ معتبر ۽ ڀروسي جوڳا هوندا آهن.

**4. صفاتي مواد:** هن قسم جي مواد جي ڳولا، معروضي مواد جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ قدر ڏکي هوندي آهي، پر هيءُ عام طرح وڌيڪ هوندو آهي. ڪنهن شيءِ جي ٻاهرين روپ ريکا، اُن جي وصفن ذريعي ئي طئي ڪئي ويندي آهي، ۽ وصفن جي ڳولا لاءِ جيڪڏهن معروضي نمونو اپنايو ويندو تہ اُن مان حاصل ٿيندڙ نتيجا وگيانڪ (سائنسي) هوندا.

اڄ جي وگيانڪ (سائنسي) دور ۾ صفاتي مواد جي اهميت گهٽبي پئي وڃي ۽ اُن جي جاءِ تي معروضي مواد جو ئي استعمال ڪيو وڃي ٿو.

**ڪتابيات:** محقق کي پنهنجي وشيه سان واسطو رکندڙ مواد جي ڄاڻ هئڻ کپي. ان سلسلي ۾ اڪثر ڇپجندڙ ڪتابن جي فهرست جو اڀياس فائديمند ٿيندو آهي. محقق انهن جدا جدا فهرستن مان پنهنجي لاءِ حوالن جي هڪ فهرست تيار ڪري وٺندو آهي. ان کان پوءِ مختلف لائبررين ذريعي قلمي نسخا، خط و ڪتابت ۽ تحقيقي وسيلن جي ڳولا ڪري سگهبي آهي. ان سلسلي ۾ محقق کي پنهنجي وياڀ ۾ ڪم ڪندڙ ٻين محققن سان به رابطو قائم ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ کان سواءِ لکيل تحقيقي مقالن جو اڀياس پڻ ڪرڻ گهرجي.

## مواد جي حاصلات جا وسيلا

**لائبرري:** لائبرري، مواد جي فراهميءَ جو اهم ترين وسيلو آهي. لائبرري جيتري وڏي ۽ مڪمل هوندي، تحقيقي ڪم به اوترو ئي ڪامل ٿي سگهندو. اُن لاءِ لائبررين ۾ گهٽ ۾ گهٽ مواد ڪٺو ڪرڻ لاءِ هر سال ڪيترو ئي پيسو خرچ ڪيو ويندو آهي. عملي اڀياس لاءِ لائبررين جو استعمال ضروري هوندو آهي. مواد جي حاصلات جي سلسلي ۾ لائبرري هڪ مرڪزي ڪردار ادا ڪري ٿي. لائبرريءَ مان هيٺين قسمن جو مواد حاصل ٿي سگهندو آهي:

(i) دستاويز، اصل قلمي نسخا، هٿ لکيل نسخن جون ڪاپيون.

(ii) وشيه سان تعلق رکندڙ عالمانه اڀياس.

(iii) اهڙا ڪتاب ۽ مضمون، جن ۾ وشيه سان سنبنڌ رکندڙ چوٽيون وغيره پيش ڪيل هجن.

(iv) اهڙي قسم جو ٻيو گڏيل سڏيل مواد.

(v) يونيورسٽين ۾ تحقيقي ڊگرين لاءِ پيش ڪيل تحقيقي مقالن جا نقل.

(vi) حوالي جا ڪتاب، ٻين قسمن جا واسطيدار ڪتاب، تحقيقي مقالن جا مختصر جائزا، ڪتابن جي فهرست ۽ محقق لاءِ فائديمند ٻيا اوزار.

(vii) ناياب ڪتابن جا فوٽو اسٽيٽ نقل.

لائبرريءَ مان صرف ڪتاب ئي نه ملندا آهن، پر اُتان ٻيون سهوليتون به ميسر ٿي سگهنديون آهن. جهڙوڪ: محقق جي درخواست تي ٻين لائبررين مان ناياب ڪتاب گهرائي ڏنا ويندا آهن. فوٽو اسٽيٽ نقل ڪرائڻ جي سهوليت به لائبرري مان ملي سگهي ٿي.

**دائره عمل:** جهڙيءَ طرح محقق پنهنجو ضروري مواد لائبرريءَ ذريعي حاصل ڪندو آهي، ساڳيءَ طرح ڪجهه تحقيقي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڪيس پنهنجي عمل جي دائري مان به مواد ڪٺو ڪرڻو پوندو آهي. مواد جي فراهميءَ جو هيءُ هڪ بهترين وسيلو آهي. محقق پنهنجيءَ صلاحيت، سهوليت ۽ ضرورت موجب مواد جي حاصلات لاءِ هڪ مخصوص دائري جي چونڊ ڪندو آهي، جنهن علائقي جي قدرتي يا آرٿڪ (اقتصادي) حالتن سان تعلق رکندڙ انگ اکر گڏ ڪرڻ سندس مقصد هوندو آهي.

**تحقيقي رسالا:** تحقيقي رسالن ۾ ماضيءَ ۾ ڪيل تحقيق ۽ موجوده وقت ۾ ڪيل تحقيق جا تفصيل شايع ٿيندا رهندا آهن. انهن ۾ ڪيترن ئي عالمن جا تحقيقي مضمون پڙهڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن. تحقيقي وشين سان تعلق رکندڙ مواد جي باري ۾ معلومات به پيش ڪئي ويندي آهي. قلمي نسخن جو ذڪر به هوندو آهي ۽ الڳ الڳ جاين تي مختصر طور به شايع ٿيندا رهندا آهن.

**بنيادي ۽ ثانوي وسيلا:** ڪنهن به حوالي جي سڌي سنئين استعمال کي بنيادي وسيلو چيو ويندو آهي. ڪنهن ڪتاب يا مضمون جو حوالو ڏيڻو آهي ته اُن جو سڌو سنئون اڀياس ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي محقق اُن ڪتاب جي حقيقتن کي پنهنجي مقالي ۾ درج ڪيو آهي ۽ اُن مان اُهو متن حاصل ڪيو وڃي ته اُن کي ثانوي وسيلو ڪري سڏيو ويندو آهي. ثانوي وسيلي وارا حوالا ڪڏهن ڪڏهن شڪ شبهي وارا يا ماڳهين ئي غلط به ٿي سگهن ٿا. اُن لاءِ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي ته مواد کي بنيادي وسيلن مان ئي حاصل ڪيو وڃي. ايترو ضروري آهي ته ٻين مقالن جي اڀياس مان محقق کي ڪنهن وشيه جي وسيلن ۽ سرچشمن جي خبر پئجي سگهي ٿي.

هڪ ڪامياب محقق لاءِ پنهنجي وشيه سان تعلق رکندڙ مواد جي موجودگيءَ جي بنيادي وسيلن جي ڄاڻ هئڻ انتهائي ضروري آهي. هن کي ٻين محققن وسيلي استعمال ڪيل ڳالهين کي، ٻين لفظن ۾ وري دهرائڻ واريءَ بيماريءَ کان بچڻ گهرجي. بنيادي وسيلن مان مواد جي فراهميءَ دوران ڪڏهن ته ڪجهه اهڙو مواد به هٿ چڙهي سگهي ٿو جنهن کي اڄ تائين ڪنهن به محقق استعمال ئي نه ڪيو هجي. اهڙيءَ طرح نين نين حقيقتن کي پڌري پٽ آڻڻ سان محقق جي درجي ۽ اُن جي عظمت ۾ اضافو اچي ٿو.

**4. مواد جي درجي بندي:** مواد جي فراهمي کان پوءِ اُن جي درجي بنديءَ جو مرحلو ايندو آهي. اها درجي بندي، مواد جي هڪجهڙائيءَ ۽ مختلف هئڻ جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي. ائين ڪرڻ سان سوچ ويچار جو عمل آسان ٿي پوندو آهي. ان طرح وقت ۽ محنت جي بچت بہ ٿيندي آهي، ۽ ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ مونجهارا پڻ گهٽبا آهن. گڏ ڪيل مواد جي درجي بندي پنهنجي وشيہ جي مختلف ڀاڱن يا وڀاڳن جي بنياد تي ڪرڻ گهرجي، ۽ اُها مختلف جزن جي هڪجهڙائيءَ واري بنياد تي هئڻ گهرجي.

درجي بنديءَ سان هڪ فائدو اِهو بہ ٿيندو آهي تہ مواد جي انهن جزن جي بہ ڄاڻ پوندي آهي، جن جو تعلق مواد جي ڪنهن وڏي حصي سان نہ هوندو آهي، جي پنهنجي فطرت انوسار (مطابق) اڪيلا ئي هوندا آهن. اهڙن جزن کي استعمال جي قابل بنائڻ لاءِ يا تہ وڌيڪ مواد فراهم ڪرڻو پوندو آهي، يا اصل انهن جزن جي باري ۾ الڳ طور تحقيق ڪرڻي پوندي آهي.

**مواد جو جائزو:** درجي بنديءَ سان گڏوگڏ مواد جي ڇنڊڇاڻ جو مرحلو ايندو آهي. تحقيق هيٺ آيل وشيہ ۽ ان جي مخصوص طريقي موجب ئي مواد جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي آهي. ان عمل ۾ ڪجهہ غلطين جو امڪان رهندو آهي، تنهن لاءِ هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي:

(i) مواد جي ڇنڊڇاڻ وقت، محقق کي پنهنجو وشيہ واضح صورت ۾ پنهنجي سامهون رکڻ گهرجي.

(ii) وشيہ جي مختلف وڀاڳن (ڀاڱن) سان گڏ، پنهنجي مواد جو تعلق جوڙڻ ۾ ڪڏهن بہ غلطي نہ ڪرڻ گهرجي.

(iii) محقق کي مواد جي سيمائن (حدن) ڏانهن ضرور ڌيان ڏيڻ گهرجي. ممڪن آهي تہ موضوع جي ڪنهن خاص حصي جي پٺڀرائيءَ ۾ ضروري مواد ميسر ٿي نہ سگهيو هجي. اهڙيءَ صورت ۾ تحقيقي عمل هيٺ، وشيہ جو اُهو وڀاڳ (ڀاڱو) ڪمزور پئجي ويندو. اُن لاءِ جيڪڏهن ڇنڊڇاڻ ڪرڻ وقت وشيہ جي سيمائن ۽ حدن ڏانهن ڌيان ڇڪجي، تہ اُن کي نظر انداز ڪرڻ نہ گهرجي.

# باب پنجون

## تحقيق جو طريقہ ڪار

تحقيقي عمل جو اهم ترين حصو مواد جي حاصلات آهي، جو مختلف لائبررين ۾ پنهنجي دائره عمل مان حاصل ڪيو ويندو آهي. محقق کي پهريائين پنهنجيءَ ضرورت موجب مواد جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي ۽ اُن چونڊ جو مخصوص طريقو طئي ڪرڻو پوندو آهي. محقق کي لائبرريءَ جي استعمال ۽ پنهنجي وياڳ (شعبي) جي ڪم ۾ مهارت هئڻ گهرجي. ضروري مواد کي گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾، ٿوري ۾ ٿوري محنت سان ڪٺو ڪرڻ تمام ضروري آهي. جنهن بعد اُن گڏ ڪيل مواد کي، مقالي ۾ لکڻ جو طريقو بہ اهميت رکي ٿو.

**لائبرريءَ جو استعمال:** تحقيقي عمل جي ڪاميابيءَ ۽ تڪميل جو مدار لائبرريءَ جي مواد جي وسعت ۽ اُن جي هڪجهڙائيءَ تي هوندو آهي. اُن لاءِ محقق کي گهرجي تہ لائبرريءَ جي استعمال جي طريقي کان پوريءَ طرح واقف هجي. ائين ڪرڻ سان سندس وقت ۽ محنت جي بچت ٿيندي آهي.

**واسطيدار ادب جو جائزو:** محقق کي اِها پڪ ڪرڻ ضروري آهي تہ هُو ڪنهن خلا ۾ ڪم نہ ڪري رهيو آهي. هن کي اِهو بہ معلوم هوندو آهي تہ سندس پسنديده وشيہ (مضمون) واري وياڳ (شعبي) ۾ اُن سان تعلق وڌائڻ يا اُن جي توسيع ۽ ڦهلاءَ ڪرڻ ئي سندس تحقيقي عمل جو مقصد هوندو آهي، اُن ڪري واسطيدار ادب جو جائزو وٺڻ تحقيقي عمل جو هڪ لازمي جزو آهي.

وشيہ (مضمون) سان تعلق رکندڙ ادب جو مڪمل جائزو وٺڻ گهرجي، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ جيڪڏهن ڪا اهم ڪڙي رهجي ويندي تہ تحقيقي عمل مڪمل طور تي سنتوش جنڪ (اطمينان جوڳو) نہ ٿي سگهندو. اهڙيءَ ڇنڊڇاڻ مان بہ فائدا ٿيندا آهن، هڪ اِهو تہ محقق پنهنجي وشيہ (مضمون) جي سيمائن (حدن) کان واقف ٿي ويندو آهي. ٻيو تہ هُو پنهنجي مخصوص ڪم جي غير ضروري تڪرار کان بچي سگهندو آهي. هن کي اِهو بہ پوريءَ طرح معلوم ٿي ويندو آهي تہ سندس تحقيقي عمل جي اهميت ۽ مقام ڇا آهي. اِئين ڪرڻ سان هن جي مجموعي ڄاڻ ۾ پڻ اضافو ٿيندو رهندو آهي. اهڙي ڇنڊڇاڻ تحقيق جي هر هڪ مرحلي ۾، محقق جي مددڪندي آهي، جنهن لاءِ لائبررين جو استعمال انتهائي ضروري هوندو آهي.

وشيہ (مضمون) سان تعلق رکندڙ ادب جو جائزو لائبريريءَ جي ڪئٽلاگ (catalogue) ذريعي وٺي سگهجي ٿو جنهن ۾ ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب، واسطيدار مضمون، پيش ڪيل ۽ منظور ڪيل تحقيقي مقالا (جن مان ڪيترا اجا تائين اڻ ڇپيل هوندا آهن) وغيره جي داخلا مختلف فهرستن هيٺ رهندي آهي.

پهريائين محقق پنهنجي اڀياس ڪيل ڪتابن جي هڪ فهرست ٺاهيندو آهي، بعد ۾ لائبريريءَ جي فهرستن جي مدد سان، پنهنجي فهرست ۾ اجا بہ وڌيڪ اضافو آڻيندو آهي. اُن کان پوءِ هو لائبرريءَ جي رسالن ۽ مخزنن واري وڀاڱ (حصي) جي مدد سان پنهنجي لاءِ فائديمند مضمونن جي هڪ فهرست ٺاهيندو آهي، جنهن بعد هُو ڪنهن هڪ لائبرريءَ جي سهائتا (مدد) سان بين لائبررين مان پڻ مواد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

# باب ڇهون

## لائبريريءَ جو استعمال

محقق کي ان ڳالهه جي سموري ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ هن جي ڪم جا ڪتاب، لائبريريءَ جي ڪهڙي ڪهڙي ورڪ (ڀاڱي) مان ملي سگهن ٿا، تڏهن ئي هُو پنهنجو گهربل مواد سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهندو. اُن لاءِ کيس لائبريريءَ جي تنظيم (رٿا) ۽ اُن جي طريقہ ڪار جي پوري ڄاڻ هئڻ گهرجي. تنهن کان سواءِ ضرورت پوڻ تي هو ٻين لائبررين جي مدد پڻ حاصل ڪري سگهندو آهي. لائبريريءَ جي رٿا ۽ طريقو گهڻو ڪري هر هنڌ ساڳيو هوندو آهي.

لائبريريءَ مان ڪتاب وٺڻ کان پوءِ انهن جو تفصيلي اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي. اڀياس دوران ڪتاب جي اهم جزن (points) کي گڏوگڏ نوٽ ڪندو رهڻ گهرجي. ڪتابن مان ضروري حوالا گڏ ڪرڻ بہ هڪ فن آهي، جنهن ۾ محقق کي ماهر هئڻ جڳائي. حوالا ڪافي اهميت جوڳا ۽ مختصر هئڻ گهرجن. اجايا ۽ غيرضروري حوالا گڏ ڪرڻ، وقت ۽ محنت جو زيان آهي.

**ڪارڊن تي ڪتابن جي فهرست:** لائبريريءَ ۾ ٽن قسمن جو مواد هوندو آهي:

(i) ڪتاب

(ii) رسالا، گڏيل مواد ۽ مضمون

(iii) قلمي نسخا ۽ نقشا وغيره

انهن سڀني کان وڌيڪ تعداد ڇپيل ڪتابن جو هوندو آهي. ڪتابن جي درجي بندي انهن جي وشين جي لحاظ کان ڪئي ويندي آهي. هر ڪتاب گهڻو ڪري هڪ ئي وشيہ تي مشتمل هوندو آهي، تنهن ڪري محقق، ڪتاب کي پهرينءَ نظر ۾ ڏسندي ئي طئي ڪري وٺندو آهي تہ کيس اُهو ڪتاب تفصيل سان پڙهڻو آهي يا صرف اُن جا ڪجهہ چونڊ ٽڪرا ئي هن لاءِ فائديمند آهن. رسالن جو مواد، مختلف وشين تي مبني هوندو آهي، تنهن ڪري اُن جي مضمونن جي فهرست ڏسڻ سان اِها خبر پئجي سگهندي آهي تہ اُنهن مان ڪهڙا ڪهڙا مضمون ڪم جا آهن. رسالن کي لائبريريءَ ۾ عام طور، پبلشر يا اشاعت جي ترتيب سان رکيو ويندو آهي. انهن کي وشيہ جي لحاظ کان بہ مرتب ڪري سگهبو آهي. ان طرح گڏيل مواد مان بہ ساڳيءَ طرح چونڊ ڪئي ويندي آهي. پراڻن رسالن جا جلد ٺهيل فائيل بہ هوندا آهن، جن کي صرف لائبريريءَ اندر ئي ويهي استعمال ڪري سگهبو آهي.

جديد طرز جي لائبررين ۾ کليل ڪبٽن اندر ڪتاب ۽ رسالا رکيل هوندا اهن.
محقق پوريءَ آزاديءَ سان اُنهن ڪبٽن تائين پهچي سگهندو آهي.

انهن سمورين ڳالهين کان سواءِ ڪارڊن (Bin Cards) تي ڪتابن جي فهرست ناهڻ واقعي ئي ڏاڍو ڪارآمد طريقو آهي. هر هڪ ڪارڊ تي ڪتاب جو نالو ليکڪ جو نالو وشيه ۽ لائبريريءَ جو اشاراتي نمبر لکيل هوندو آهي. اُن اشاراتي نمبر مان اِها خبر پوندي آهي ته فلاڻو ڪتاب لائبريريءَ ۾ ڪهڙيءَ جاءِ تي رکيل آهي.

هر ڪتاب سان واسطيدار ٽن قسمن جا ڪارڊ ٺاهيا ويندا آهن: ليکڪ جي لحاظ کان، ڪتاب جي نالي جي لحاظ کان ۽ وشيه جي لحاظ کان. اهي ڪارڊ (Bin Cards) عام طور پنج انچ ويڪرا ۽ ٽي انچ ڊگها هوندا اهن. اُنهن ڪارڊن (Bin Cards) کي مٿين ٽنهي قسمن جي لحاظ کان الڳ الڳ ڪارڊن واري ريڪ (جاري) ۾ الف-ب وار حرفن جي سٽاءَ سان مرتب ڪيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ اِنهن ٽنهي نموني وارن ڪارڊن تي تفصيلَ ته ساڳيا ئي هوندا اهن، پر مختلف طرز جي ڪارڊن تي اُنهن ساڳين تفصيلن جي ترتيب بدلجي ويندي آهي. هر هڪ ڪارڊ تي هيٺيان تفصيل ڏنل هوندا آهن:

(1) ليکڪ جو نالو
(2) ڪتاب جو نالو
(3) ڇاپو يا اشاعت، جلد نمبر، پبلشر جو نالو ڇپائيءَ جي تاريخ
(4) ٻي معلومات، صفحن جو تعداد وغيره
(5) اشاراتي نمبر
(6) ڪال نمبر

هر هڪ لائبرري پنهنجو ڪال نمبر مختلف رکندي آهي، جيڪو ڪارڊ جي مٿئين حصي تي کاٻي پاسي درج ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو ڪتاب هڪ کان وڌيڪ ليکڪن الڳ الڳ لکيو آهي ته اُن ڪتاب جي سمپادڪي (ايڊيٽري) ڪندڙ جو نالو اُن ليکڪ واري ڪارڊ تي سولائيءَ سان ملندو آهي. ٻيءَ صورت ۾ معاون ليکڪن جي لحاظ کان الڳ الڳ ڪارڊ پڻ ٺاهيا ويندا آهن.

وشيه جي لحاظ کان ٺاهيل ڪارڊن جي درجي بندي هڪ کان وڌيڪ جاين تي به ٿي سگهندي آهي. وشيه جو نالو ڪارڊ جي مٿئين حصي تي عام طور ڳاڙهي مس سان لکيل هوندو آهي. وشيه، نظم، ناول ۽ مضمون وغيره ٿي سگهن ٿا. ڪتاب جي نالي واري ڪارڊ تي ڪتاب جو نالو ليکڪ جي نالي مٿان لکيل هوندو آهي. جڏهن

تـليڪ جي نالي واري خيال ڪان ناهيل ڪارڊ. ڪتابن جي نالن ۽ وشين جي لحاظ کان ناهيل ڪارڊن کان پهرين رکيل هوندا آهن.

**لائبرريءَ جي درجي بنديءَ جو اصول:** لائبرريءَ جو صحيح استعمال ڪرڻ لاءِ درجي بنديءَ جي اصول جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. ان اصول جي سمجهڻ کان پوءِ اها سولائيءَ سان خبر پئجي سگهندي آهي ته فلاڻو ڪتاب ڪهڙيءَ جاءِ تي رکيل آهي. گهڻين ئي لائبررين ۾ ڊيوي ڊيسيمل سسٽم (Dewey Decimal System) يا لائبرري ڪانگريس جي درجي بنديءَ وارن طريقن کي اپنايو ويندو آهي ۽ انهن جي ئي بنياد تي ڪارڊن کي اشاراتي نمبر لکيا ويندا آهن.

اِهي طريقا هيٺينءَ ريت آهن:

**ڊيوي ڊيسيمل سسٽم:**

هن طريقي موجب ڪتابن کي ڏهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويندو آهي:

| | |
|---|---|
| 000 | عام ڪتاب |
| 100 | فلسفو |
| 200 | مذهب |
| 300 | اقتصادي ڄاڻ |
| 400 | لسانيات |
| 500 | سائنس |
| 600 | اقتصادي هنر |
| 700 | فنون لطيفه |
| 800 | ادب |
| 900 | تاريخ |

**لائبرري ڪانگريس جي درجي بندي:** هن طريقي ۾ وشين (عنوانن) جا وڀاڳ (ڀاڱا) ۽ هيٺين وڀاڱن (ڀاڱن) جي روپ ريکا وڌيڪ وشالتا (وسعت) سان ڪئي ويندي آهي، اُن ڪري هيءُ طريقو وڌيڪ فائديمند آهي. هن نموني هيٺ ڪتابن جي ورهاست ويهن عنوان هيٺ ڪئي ويندي آهي. وڏين لائبررين ۾ هيءُ طريقو وڌيڪ مفيد سمجهيو ويندو آهي. هن جي ورهاست هيٺينءَ ريت ڪئي ويندي آهي:

| | |
|---|---|
| A | عام ڪتاب |
| B | فلسفو ۽ مذهب |
| C | عام تاريخ |

| | |
|---|---|
| D | روديشي تاريخ (پرڏيهي تاريخ) |
| E&F | آمريڪي تاريخ (يعني پنهنجي ملڪ جي تاريخ) |
| G | جاگرافي ۽ طبعي علم |
| H | آرٿڪ گيان (اقتصادي ڄاڻ) |
| J | سياست |
| K | قانون |
| L | تعليم |
| M | سنگيت |
| N | فنون لطيفہ |
| P | ساهتيہ ۽ ٻولي |
| Q | وگيان (سائنس) |
| R | دوائن جو علم |
| S | زراعت |
| T | ٽيڪنيڪي علم |
| U | فوجي قانون |
| V | سمنڊ جو علم |
| Z | لائبرري سائنس ۽ حوالي جا ڪتاب |

مٿي ذڪر ڪيل درجي بنديءَ کان سواءِ لائبريريءَ ۾ ڪنهن ڪتاب جي درجي بندي ان جي مخصوص وشيہ جي لحاظ سان بہ ڪئي ويندي آهي، جنهن موجب ’ڪلاس نمبر‘ ڏنو ويندو آهي. ڪارڊ تي مصنف جو نمبر بہ هوندو آهي، مثلاً: S/2/0. اهڙيءَ طرح عام وشيہ يا خصوصي وشيہ جي اظهار لاءِ ڪلاس نمبر ۽ اُن هيٺ ليکڪ جو نمبر بہ ڪارڊ تي لکيل هوندو آهي. اِهي ٽيئي اشاراتي عدد، لائبريريءَ ۾ موجود کھڙن بہ ٻن ڪتابن تي ڪڍهن بہ هڪجھڙا نہ ٿي سگهندا آهن. انهن انگن جي مدد سان ڪتاب جي رکڻ جي جاءِ آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهندي آهي.

**رسالا:** لائبررين ۾ رسالن ۽ مخزنن لاءِ الڳ ڪمرو يا وياڳ هوندو آهي. اِهو ضروري نہ آهي تہ سمورن رسالن جا سڀ شمارا ڪنهن تحقيقي وشيہ جي خيال کان اهم هجن. رسالن جي مختلف شمارن ۾ شايع ٿيل چند مضمون ئي ڪم جا ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري عام طور لائبررين ۾ رسالن جا مضمون ۽ انهن جي وشين جي فهرست تيار نہ ڪئي ويندي آهي. انهن جا ڪارڊ بہ نہ ٺاهيا ويندا آ هن. محقق کي پاڻ ئي

رسالن جي مضمونن جي فهرست جو اپياس ڪرڻو پوندو آهي. ڪيترا رسالا تہ پاڻ ئي سال جي آخر ۾ پنهنجي سموري سال جي شايع ٿيل مضمونن جي فهرست ڇاپيندا آهن. اُن طرح رسالن جي جلد ٿيل ساليانن فائيلن جي شروع يا آخر ۾ اهي فهرستون ملي سگهنديون آهن. انهن جي مدد سان پاڻ لاءِ فائديمند مواد جي فهرست ٺاهي سگهجي آهي.

جيڪڏهن رسالن ۾ ڇپيل ڪجهہ مضمون تمام ضروري آهن تہ انهن جون فوٽو ڪاپيون ڪرائي سگهبيون آهن، يا اُنهن کي ٽائيپ ڪرائي سگهبو آهي. اهڙيون سهوليتون ڪنهن بہ سٺيءَ لائبريريءَ ۾ مناسب اُجوري ادا ڪرڻ تي حاصل ڪري سگهبيون آهن. ڪتابن جي ڀيٽ ۾ رسالن جي اهميت ان لاءِ وڌيڪ هوندي آهي، ڇو تہ انهن جي ذريعي جديد ترين معلومات حاصل ٿي سگهندي آهي.

**لائبررين جي وچ ۾ ڪتابن جي وقتي مٽا سٽا:** جيڪو مواد ڪنهن هڪ لائبريريءَ ۾ نہ هوندو آهي تہ محقق جي درخواست تي، يا تحقيقي عمل جي ضرورت موجب اُها لائبريري، ٻين لائبررين کان اُهي ڪتاب اوڌر تي گهرائي سگهندي آهي. ان سهوليت جي ڄاڻ بہ محقق لاءِ ضروري آهي. اوڌر جو هيءُ سلسلو محقق ۽ ٻين لائبررين جي وچ ۾ نہ، پر ٻن لائبريرن جي وچ ۾ ٿيندو آهي. ان سلسلي ۾ صرف اُهي ڪتاب ئي ورتا ويندا آهن، جي بازار ۾ نہ ملي سگهندا آهن. اهڙا ڪتاب بلڪل ناياب ۽ زبردست اهميت جا حامل هوندا آهن. محقق کي اهڙا ڪتاب هٿ ڪرڻ لاءِ لائبرري ءَجي مدد وٺڻي ئي پوندي آهي.

ڪيتريون ئي لائبريريون پنهنجن سمورن موجود ڪتابن يا ممڪن طور ايندڙ نون ڪتابن جي فهرست پڻ شايع ڪرائي ڇڏينديون آهن؛ تنهن ڪري محقق، ضرورت پوڻ تي ٻين لائبررين سان خط ڪتابت ڪري بہ اهڙي معلومات حاصل ڪري سگهندو آهي.

**اپياس جو طريقو:** اڄڪلهہ هر هڪ تحقيقي وشيہ جي باري ۾ تمام گهڻي مقدار ۾ مواد ميسر ٿي سگهندو آهي. سوين مضمون ۽ ڪتاب شايع ٿيندا رهن ٿا. ان لاءِ تحقيقي عمل جي تقاضا اِها آهي تہ محقق، ان سموري مواد جو اپياس ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري، ان لاءِ هن کي تڪڙي اپياس ڪرڻ جي عادت هئڻ تمام ضروري آهي. هڪ هوشيار محقق پنهنجي گهريءَ ۽ تيز نظر سان تڪڙو تڪڙو پڙهندي بہ اُن جي اصلي معنيٰ کي نظرانداز ٿيڻ نہ ڏيندو آهي.

محقق، اپياس ڪندڙ ڪتاب جي هر هڪ صفحي تي نظر ڊوڙائي، اُن جي اهم ترين جزن کي سڃاڻي، انهن جي بہ اهم جملن جو اپياس ڪندو آهي ۽ غير ضروري

مواد کي هو چڏي ڏيندو آهي. تيز ۽ تڪڙي پڙهڻ جي عادت، وري وري پڙهڻ سان پڻ حاصل ڪري سگهبي آهي.

جيڪڏهن اپياس هيٺ آيل مواد، اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ آهي، جنهن کي محقق سمجهي نہ ٿو سگهي، جيئن: فرانسيسي، جرمن يا روسي وغيره، تہ ٻہ رستا آهن: يا تہ محقق اُن ٻوليءَ کي سکي يا اُن جي پروسي جوڳن ترجمن جو سهارو وٺي. بهتر ائين ٿيندو تہ محقق پنهنجيءَ ضرورت موجب انهن ٻولين جي ڄاڻ حاصل ڪري وٺي. ساهتيہ (ادب) جي محقق لاءِ انگريزيءَ کان سواءِ فرانسيسي ٻولي، سنڌيءَ کان سواءِ سنسڪرت، هندي، اردو عربيءَ ۽ فارسيءَ جي ڄاڻ پڻ فائديمند ٿي سگهندي آهي.

**حوالا گڏ ڪرڻ:** جڏهن محقق وٽ سمورو مواد حاصل ٿي ويندو آهي تہ سندس آڏو حوالا گڏ ڪرڻ جو مرحلو ايندو آهي. مختلف عالمن جي قولن، سچاين ۽ ٻيءَ ضروري معلومات وارن حوالن کي تحرير ڪرڻ ضروري هوندو آهي. حوالا ڪٺا ڪرڻ وقت محقق اِهو فيصلو ڪري نہ سگهندو آهي تہ انهن مان ڪهڙا حوالا هن لاءِ وڌيڪ اهميت ڀريا آهن، ڪهڙا گهٽ ۽ ڪهڙا ڇڏي سگهجن ٿا. اُن ڪري، ڪيس وڌ کان وڌ حوالن گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن محقق جا گڏ ڪيل حوالا، مڪمل ۽ وشيہ سان تعلق رکندڙ آهن تہ هُو انهن جو استعمال ڪنهن وقت بہ ڪري سگهندو.

ڪڏهن ڪڏهن حوالا گڏ ڪنديِ اِهو بہ امڪان رهندو آهي تہ محقق پنهنجي رستي کان غافل نہ ٿي وڃي: اُن لاءِ ڪيس گهرجي تہ هُو پنهنجي وشيہ سان تعلق رکندڙ حوالا ئي ڪٺا ڪري، ڇو تہ سندس لاشعور ۾ ڪيترا ئي جذبا ۽ ٻيون خصوصي دلچسپيون بہ ٿي سگهن ٿيون. اپياس دوران جڏهن اهڙين دلچسپين سان تعلق رکندڙ مواد هن جي سامهون ايندو آهي تہ هُو اُهو مواد بہ ڪٺي ڪرڻ جي لالچ ۾ اچي ويندو آهي. هُو سوچيندو آهي تہ اُهو مواد بعد ۾ ڪٿي بہ استعمال ۾ آڻي سگهبو. پر حقيقت ۾ اُهو عمل ڪيس پنهنجي رستي کان ڀٽڪائي ۽ غافل ڪري ڇڏيندو آهي.

حوالا گڏ ڪرڻ لاءِ جُلد ٿيل ڪاپيون يا رجسٽر مفيد نہ هوندا آهن. حوالا صرف ڪليل ڪاغذن تي ئي گڏ ڪرڻ گهرجن. هڪ ڪاغذ تي صرف هڪ ئي وشيہ متعلق حوالا لکڻ فائديمند ٿيندو. الڳ الڳ ڪاغذن تي لکيل حوالن جي درجي بندي آسان هوندي آهي. اهڙن ڪاغذن کي پنهنجي تحقيقي عمل جي مختلف بابن موجب الڳ الڳ فائيلن ۾ ڪنو ڪندو رهڻ گهرجي.

اڄ ڪلهہ حوالا گڏ ڪرڻ لاءِ ڪاغذ جي ننڍن ٽڪرن، سلپن يا ڪارڊن جو

استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪيترا ماڻهو وري ڪاپيءَ واريءَ ماپ جو ڪاغذ استعمال ڪندا اهن. بهرحال اِها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اُهي سڀ ڪاغذ هڪ ئي ماپ وارا هئڻ گهرجن.

ان ڳالهه جو خاص ڌيان رکڻ گهرجي تہ جيڪي حوالا گڏ ڪيا وڃن، اُهي مڪمل ۽ مفيد هئڻ گهرجن. جيڪڏهن حوالا نامڪمل آهن تہ اُنهن کي هڪ دفعو وري ڪتو ڪرڻ لاءِ محقق کي بيهر محنت ڪرڻي پوندي آهي.

حوالا لکڻ کان اڳ ۾ هڪ ڪارڊ تي اُن ڪتاب جي باري ۾ تفصيلَ بہ لکي ڇڏڻ گهرجن، جنهن مان اُهي حوالا ورتل هجن. جهڙوڪ: ليکڪ جو پورو نالو ڪتاب جو پورو نالو ڇپائيءَ جي جاءِ، سال ۽ ٻي ضروري معلومات وغيره. بعد ۾ جدا جدا ڪتابن مان ڪنا ڪيل حوالا الڳ الڳ ئاهي رکڻ گهرجن. اِهو پڻ ضروري آهي تہ اڳ وارن سيني ڪارڊن تي لکيل حوالن سان گڏ اُن ڪتاب سان واسطيدار صفحو نمبر پڻ درج ڪيو وڃي.

حوالا جمع ڪرڻ وقت پنهنجي مقالي جي مختلف وشين يا عنوانن هيٺ حوالا الڳ الڳ گڏ ڪرڻ گهرجن. بهتر تہ ائين ٿيندو تہ محقق پنهنجيءَ حاصلات کي پڙهي ۽ پوءِ ان جو سار يا تاتپرير (تتُ، اختصار) پنهنجن لفظن ۾ لکي. البت ڪتي ڪتي ليکڪ جي لفظن کي هُوبهو لکڻ جي بہ ضرورت پوندي آهي، اهڙيءَ جاءِ تي ليکڪ جي لفظن کي 'واڪ جي نشانين' (انورٽيڊ ڪاماز) ۾ لکي ڇڏڻ گهرجي.

باب ستون

# علائقائي تحقيق جو ڪم

ساهتيہ (ادب) جي ڪجھہ وياڱن (ياڱن)، جهڙوڪ لوڪ ادب ۽ ڀاشا وگيان (لسانيات) وغيره جي وشين تي ٿيندڙ تحقيق ۾ علائقائي ڪم جي وڏي اهميت هوندي آهي. ان سلسلي ۾ محقق کي اُن مخصوص علائقي جي پوري طرح واقفيت رکندڙ ڪنهن شخص جي مدد حاصل ڪرڻ لازمي هوندي آهي، جيڪو هن لاءِ فائديمند مواد حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿيندو آهي. اهڙي ڪم لاءِ محقق کي ڪڏهن اُن مخصوص علائقي ۾ پاڻ وڃڻو بہ پوندو آهي، تہ ڪڏهن هُو پنهنجي 'مددگار' يا 'خبر ڏيندڙ' کي پاڻ وٽ گهرائي بہ سگهندو آهي. ان جي باوجود هن قسم جي تحقيق ۾ علائقائي ڪم جي اهميت 'خانن (جدول) جي اندر ڪم ڪرڻ' يعني Table Work کان ڪجھہ وڌي ويندي آهي.

**ڀاشا وگيانڪ (لسانياتي) تحقيق ۾ علائقائي ڪم جي اهميت:** ڀاشا وگيانڪ (لسانياتي) تحقيق جا بہ پهلُو آهن:

(1) انساني پهلُو ۽ (2) نفسياتي پهلُو

**انساني پهلُو:** انساني پهلُوءَ جو تعلق محقق ۽ عوام سان هوندو آهي. عوام جي نمائندگي 'مددگار' يا 'ڄاڻ آڻيندڙ' ڪندو آهي. محقق کي پنهنجي مقالي جي تياريءَ لاءِ پنهنجي مخصوص علائقي جي ڀاشا وگيانڪ (لسانياتي) حالتن جو پورو پورو جائزو وٺڻو پوندو آهي. ان ڪم لاءِ کيس پنهنجي اطلاع ڪار (مددگار) سان گهرو ۽ ويجهڙائيءَ وارو ناتو رکڻو پوندو آهي، جنهن لاءِ کيس پوري پوري مهارت هئڻ گهرجي تہ هُو پنهنجي فائديمند مواد کي کهڙن کهڙن ذريعن سان ۽ کهڙيءَ طرح حاصل ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن هُو ان سلسلي ۾ پوري ڄاڻ ۽ مهارت نہ رکندو تہ سندس وقت ۽ محنت جو زيان ٿي سگهي ٿو.

محقق جنهن ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق ڪري رهيو آهي، کيس اُن جي سمورن زاوين ۽ هيئتن جو اڀياس اصولي طور ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي جي مخصوص قلمي نسخن جي باري ۾ تحقيق ڪرڻي آهي تہ محقق کي ان خاص لپيءَ جي پوري ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.

اهڙيءَ طرح لوڪ ادب جي چونڊچاڻ لاءِ بہ سکيا جي ضرورت هوندي آهي.

**عوام جي تهذيب جي ڄاڻ:** جيڪو بہ شخص جائزي وٺڻ جو ڪم ڪري، اُن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي مخصوص علائقي جي تهذيب، تمدن يا سڀيتا جي بہ ڄاڻ رکندڙ هجي. ائين ڪرڻ سان هن جا پنهنجي اطلاع ڪار يا مددگار سان ناتا بہ مضبوط ٿيندا ۽ مواد جي روپ ريکا ٺاهڻ ۾ بہ مدد ملندي. جيڪڏهن ڪنهن ڌارمڪ جاتيءَ (مذهبي برادريءَ) سان تعلق رکندڙ قلمي نسخن جو جائزو وٺڻو آهي تہ اُن ڌرم جي بنيادي اُصولن جي بہ کيس ڄاڻ هئڻ گهرجي. لوڪ ادب جي محقق لاءِ اِهو فائديمند ٿيندو تہ هو ڪجهہ ذاتين جي حقيقتن، رسمن رواجن ۽ سندن غلط عقيدن سان بہ دلچسپي رکندڙ هجي. محقق کي ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ هو جن ماڻهن جي وچ ۾ رهي تحقيق ڪري رهيو آهي، انهن سان سندن ڌارمڪ (مذهبي) عقيدن ۽ رسمن رواجن جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جو بحث نہ ڪري.

**نفسياتي پهلو:** ڪنهن بہ محقق ۾، علائقائي ڪم ڪرڻ لاءِ، هيٺين منووگيانڪ (نفسياتي) وصفن جو هئڻ ضروري آهي:

(1) کيس هر قسم جي ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي مهارت ۽ پرائي کي پنهنجي ڪرڻ جو فن پڻ اچڻ گهرجي.

(2) هُو جلد دوست بڻائڻ وارو ملنسار، نرم دل، ڪلمک، سياءَ ۾ گنڀير ۽ پنهنجي اطلاع ڪار کان سولائيءَ سان مواد حاصل ڪرڻ جو گڻ رکندڙ هجي.

(3) محقق جي حافظي جي سگهہ (يادگيريءَ جي شڪتي) تمام سٺي هئڻ گهرجي.

(4) تجربيڪار محقق، پنهنجي تجربي مان بہ فائدو وٺي سگهندو آهي ۽ اُن جي روشنيءَ ۾ هُو ضروري سڌارا پڻ ڪري سگهندو آهي.

(5) ڪنهن بہ ڳالهہ کي پڌي جلد فيصلو ڪرڻ مناسب نہ آهي ۽ پنهنجي فيصلي تي ٽڪ پڌي بيهڻ بہ صحيح نہ آهي.

اهڙيءَ طرح محقق ۾ اُهي سڀ صلاحيتون هئڻ گهرجن، جن جي وسيلي هُو پنهنجي 'سهايڪ' (مددگار) يا 'اطلاع ڪار' سان پر خلوص ناتا قائم ڪري سگهي.

**ضروري هدايتون:** محقق کي پنهنجي علائقي جي ڪنهن بااثر ماڻهوءَ سان تعلقات قائم ڪرڻ گهرجن تہ جيئن اُن مخصوص ايراضيءَ ۾ هن لاءِ پنهنجائپ وڌي سگهي. هن کي هڪ مفيد ۽ ڀروسي وارو 'سهڪاري' يا 'اطلاع ڪار' بہ حاصل ٿي سگهي. سهايڪ جو مطلب هتي اِهو نہ آهي تہ اُهو شخص، محقق جي تحقيقي ڪم ۾ مددگار ٿيندو پر هُو صرف اُن جي تحقيقي عمل سان تعلق رکندڙ ضروري ڄاڻ کيس ڏيندو رهندو. محقق جيڪي ڳالهيون پنهنجي علائقي ۾ رهي، قلمي نسخي مان

حاصل نہ ڪري سگهندو آهي، هُو انهن کي اُن مخصوص علائقي جي رهندڙ ڏيهي ماڻهن جي دماغ ۾ سمايل ڄاڻ وسيلي حاصل ڪري سگهندو آهي.

ان سلسلي ۾ محقق کي پنهنجيءَ مدد لاءِ ڪيترن ئي اطلاع ڪارن جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي، جيڪي قوم، ڌرم، عمر، جنس ۽ ڌنڌي جي لحاظ کان مختلف هجن ۽ محقق انهن سڀني جون ڳالهيون ٻڌي صحيح مواد تائين پهچي سگهي.

تحقيقي عمل ۾ مفيد ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ عورتن کان ڪم وٺڻ ڪجهہ قدر مشڪل هوندو آهي، پر ڀاشا وگيان يا ڪنهن مخصوص علائقي جي ٻوليءَ جي باري ۾ مڪمل تحقيق ڪرڻ لاءِ عورتن مان بہ ڪنهن جي مدد حاصل ڪرڻ ضروري هوندي آهي.

محقق تڪڙي ڄاڻ وٺڻ لاءِ ڪڏهن پاڻ بہ اطلاع ڪار جي گهر وڃي سگهندو آهي، ڪڏهن وري اُنهن کي پنهنجيءَ جاءِ تي يا ڪنهن عام جاءِ (public place) جهڙوڪ: باغيچي وغيره ۾ گهرائي، انهن سان ڳالهائي سگهندو آهي.

محقق کي گهرجي تہ جيترو ممڪن ٿي سگهي تہ هُو پنهنجن اطلاع ڪارن کي غير فطري ماحول کان پري رکي، نہ تہ اهڙيءَ صورت ۾ مليل سموري معلومات غير فطري يا اسپاويڪ ٿي سگهي ٿي: مثال طور جيڪڏهن 'مددگار' يا 'اطلاع ڪار' کي چيو وڃي تہ هُو ٽيپ رڪارڊر جي سامهون ڳالهائي تہ هن جي لهجي ۾ سندس زبان مان نڪرندڙ لفظن ۾ خودبخود هڪ غيرسپاويڪ (غير فطري) انداز پيدا ٿي پوندو. ها، جيڪڏهن پنهنجيءَ سهوليت لاءِ ٽيپ رڪارڊر جو استعمال ڪرڻو ئي آهي تہ اُهو اهڙي نموني ڪيو وڃي، جو اطلاع ڪار کي خبر ئي نہ پوي تہ سندس آواز رڪارڊ پيو ڪيو وڃي.

**اطلاع ڪار بابت ضروري معلومات:** اطلاع ڪار جو نالو ڄاءِ عمر، جنس ۽ ڌنڌو وغيره هڪ ڪاغذ تي چٽي نموني لکي ڇڏڻ گهرجي.

(1) هُو واسطيدار ڳوٺ جي هر هڪ ڏڻ، اُتسوءَ (تهوار) يا ميڙ ۾ بنا ڪنهن حجاب جي اُنهن ماڻهن سان رلي ملي وڃي.

(2) هر موقعي تي انتهائي باريڪ بينيءَ سان انهن جي سمورين ريتن رسمن ۽ طور طريقن کي سمجهي ۽ انهن ڳالهين کي لکندو رهي.

(3) ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڳالهہ اُتي ڪيس سمجهہ ۾ نہ اچي، تہ اُن کي ڄاڻو ماڻهوءَ وسيلي سمجهي.

(4) ڪهڙي بہ شخص کان جيڪڏهن پنهنجي ڪم جو مواد ملي سگهي تہ هو اُن شخص جو وشواس حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

(5) ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ جتان لوڪ ادب ملڻ جي اُميد هوندي آهي، اُهي ماڻهو ڪن نشيدار شين جا عادي هوندا آهن. اُن لاءِ ڪيس گهرجي تہ هُو کين پاڻ، سندن ٿي گهربل نشو ميسر ڪري ڏئي تہ جيئن اُهو واپراٽڻ کان پوءِ اهڙا شخص مُوڊ ۾ اچي سڀ جو سڀ مواد ٻڌائي ڇڏين.

(6) ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي پيسا ڏيڻ جي نوبت بہ اچي سگهي ٿي. اُتي بہ ڪيس اهڙين ڳالهين سان سمجهوتو ڪرڻ گهرجي.

(7) لوڪ گيتن کي گڏ ڪرڻ لاءِ پوئتي پيل جاتيءَ جي ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ تمام ضروري هوندو آهي.

(8) ڳوٺ جي شاگردن ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ جي چٽاپيٽي ڪرائڻ يا اسڪائوٽن جي ڪئمپ فائر (campfire) وغيره منعقد ڪرائڻ سان پڻ لوڪ ادب جي ڪافي چاڻ ملي سگهندي آهي.

محقق جي تحقيقي ڪم جا جيترا بہ الڳ الڳ پاسا آهن، انهن جي لحاظ کان ڪيس هر هڪ وياڳ لاءِ الڳ الڳ سهايڪ يا اطلاع ڪار جي ضرورت پوندي. خاص ڪري ڏيهي ٻولين ۽ سماجي ڀاشا وگيان (لسانيات) جي محقق کي هر حال ۾ هڪ کان وڌيڪ سهايڪن (مددگارن) جي ضرورت پوندي آهي.

**اطلاع ڪار لاءِ ضروري لياقت:** هڪ سهايڪ يا اطلاع ڪار ۾ هيٺيون لياقتون هئڻ گهرجن:

(1) اطلاع ڪار لاءِ ضروري آهي تہ هُو جنهن علائقي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، ان علائقي جي ٻولي ٿي سندس ڀهرين ٻولي يا ماتر ڀاشا (مادري زبان) هئڻ گهرجي.

(2) اُن جا اُچار صحيح ۽ سياويڪ هئڻ گهرجن.

(3) هُو گفتگو ڪرڻ، ڪهاڻي ٻڌائڻ، محاورن جي استعمال ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ ماهر هئڻ گهرجي.

(4) هو اُن مخصوص علائقي جو دائمي رهندڙ هجي، ۽ وچ وچ ۾ وڏي عرصي لاءِ ٻاهر ويل نہ هجي.

(5) ان وٽ اطلاع ڪار جا فرض نڀائڻ ۽ مواد حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب وقت ۽ فرصت هئڻ گهرجي.

(6) هو هڪ جوابدار ۽ ذميوار شخص هئڻ گهرجي.

**اُجورو:** جڏهن سهايڪ يا اطلاع ڪار کي پئسن، سامان سڙي، سوڪڙيءَ پاڪڙيءَ يا ڪنهن بہ ٻئي روپ ۾ پنهنجين خدمتن جو اُجورو ملندو آهي تہ هُو خوشيءَ سان پنهنجا فرض بجا آڻيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪم ڪندي ڪندي، هن کي پڻ

پنهنجي ڪم ۾ مزو اچڻ لڳندو آهي ۽ محقق سلڻ سنڌس دوستي تي ويندي آهي. اهڙيءَ صورت ۾ ڪڏهن ته هو ماڻهين ڪوبہ اُجورو وٺڻ قبول نہ ڪندو آهي. ڪيترا ڀيرا اُن مخصوص علائقي جا ماڻهو محقق کي شڪ شبهي جي نگاهہ سان پڻ ڏسندا آهن ۽ اُجورو ملڻ جي باوجود بہ ڪيس ڪيترو ئي مواد ٻڌائڻ کان لنوائي ويندا آهن. ڪجهہ علائقن جا وري اڻ پڙهيل يا گهٽ تعليم يافتہ ماڻهو محقق کي سرڪار جو عيوضي يا جاسوس سمجهڻ لڳندا آهن ۽ هن جي سرگرمين کي هرويرو بہ پنهنجي لاءِ نقصان ڪار سمجهندا آهن.

ڪٿي وري ڪجهہ اطلاع ڪار ظاهري طرح ڪنهن بہ قسم جو اُجورو وٺڻ گهٽتائي سمجهندا آهن. اهڙيءَ صورت ۾ ڪين ڪنهن سامان يا سوکڙيءَ پاکڙيءَ جي روپ ۾ ڪجهہ گهرو ۽ قابل استعمال شيون تحفي ۾ ڏيڻ گهرجن.

**اطلاع ڪار لاءِ سکيا:** جڏهن بہ ڪو شخص اطلاع ڪاريءَ جي ڪم ۾ پهريون ڀيرو ڪنيو ويو هجي، تہ ڪيس سنڌس ڪم لاءِ تربيت ڏيڻ ضروري آهي. محقق جو اِهو فرض آهي تہ هُو پنهنجي اِطلاع ڪار کي اِهو چڱيءَ طرح سمجهائي ڇڏي تہ ڪيس ڇا ڪرڻو آهي. اهو سڀ ڪجهہ اهڙيءَ طرح هئڻ گهرجي، جو اطلاع ڪار ۾ پنهنجي ڪم لاءِ چاهہ پيدا ٿئي. هن کي پاڻ سان گڏ هر ممڪن مدد ڏيڻ لاءِ ذهني طور تيار ڪرڻ گهرجي. هن کي دماغي طور ان قابل بڻائجي، جيئن هو وشيہ جي باري ۾ پاڻ بہ محقق واري انداز ۾ سوچ ويچار ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح اطلاع ڪار کي پنهنجي ڪم جو مقصد ۽ اهميت بلڪل چٽيءَ طرح سمجهائي ڇڏڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ لوڪ ادب ۽ ڀاشا وگيان (لسانيات) جي تحقيق واري سلسلي ۾ محقق جا فرض هڪ جهڙا هوندا آهن، پوءِ بہ لوڪ ادب جي ميدان ۾ اطلاع ڪار جون صلاحيتون ڪجهہ مختلف هئڻ گهرجن، ڇو تہ لوڪ ادب لاءِ اطلاع ڪار کان ڪجهہ الڳ قسم جي مواد وٺڻ جي ضرورت هوندي آهي.

## باب اٺون

# مواد جي حاصلات جا طريقا

مٿي بيان ڪيل وصفن جو مالڪ جڏهن اطلاع ڪار جي روپ ۾ ملي ويندو آهي تہ اُن کان پوءِ مواد جي حاصلات جو مرحلو ايندو آهي. صحيح ۽ بامقصد مواد حاصل ڪرڻ وارن طريقن جي زبردست اهميت آهي. تحقيق واري ڪم لاءِ مڪمل مواد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ تمام ضروري آهي تہ مواد جي حاصلات جا طريقا صحيح ۽ وگيانڪ (سائنسي) هئڻ گهرجن. اُن سان وقت جو مناسب استعمال ۽ بچت پڻ ٿيندي آهي. ان سلسلي ۾ ڪي اصول مقرر ڪري سگهجن ٿا:

**تحقيق واري ڪم لاءِ وقت جي مقرري:** ان سلسلي ۾ محقق کي اطلاع ڪار سان گڏ باقاعدي ڪيترين ئي بيٺڪون ڪرڻيون پونديون آهن. جيڪي مناسب ماحول ۾ جاءِ تي هئڻ گهرجن. هر بيٺڪ جي مدت مقرر هئڻ گهرجي. جيڪا نہ تمام مختصر ۽ نہ تمام گهڻي طويل هجي. بيٺڪ جي جاءِ، ماحول ۽ وقت جي مقرري اطلاع ڪار جي سهوليت موجب طئي ڪئي ويندي آهي. ان هوندي بہ اُهي بيٺڪون اهڙيءَ جاءِ تي هئڻ گهرجن. جتي غير ضروري ماڻهو اچي ڪم ۾ رنڊڪ نہ وجهن. ان سلسلي ۾ اِهو بہ ضروري آهي تہ بيٺڪ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ وقت اطلاع ڪار تي ڪنهن بہ قسم جو دٻاءُ نہ هئڻ گهرجي ۽ نہ ڪيس تمام گهڻي محنت ئي ڪرڻي پوي. بيٺڪ دوران اطلاع ڪار لاءِ شڪر ادائي ڪبي گهرجي ۽ سندس احسان مڃڻ گهرجي تہ جيئن ڪم ۾ سندس دلچسپي وڌندي رهي.

**ڀاشا وگيان ۽ تحقيق هيٺ مواد جا قسم:** ڀاشا وگيانڪ (لسانياتي) تحقيق ۾ عام طور ٽن قسمن جو مواد فراهم ڪيو ويندو آهي: لفظن جو ڀنڊار، محاورا ۽ مختلف نمونن وارا جملا. تنهن کان سواءِ هڪ يا اُن کان وڌيڪ ڪهاڻيون يا تقريرون وغيره. جنهن مواد تي تحقيق جي تڪميل جو دارومدار هوندو آهي.

**لفظن جو ذخيرو** (Vocabulary): لفظن جي ڀنڊار ۾ انهن لفظن جي حاصلات ضروري آهي، جيڪي اطلاع ڪار جي ٻوليءَ ۽ محقق جي ٻوليءَ سان هم معنيٰ هجن. اهڙن لفظن جو استعمال صوتيات (Phonetics) جي ڇنڊڇاڻ لاءِ قاعدن ۽ اصولن جي مقرريءَ واري سلسلي ۾ پڻ ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهن:

(i) لفظن جو ذخيرو وسيع کان وسيع تر هئڻ گهرجي، جنهن ۾ زندگيءَ جي سمورن جزن جي نمائندگي هئڻ گهرجي. سموري بدن جي عضون جي نالن، رڌڻي ۾ ڳالهائيجندڙ لفظن، خانگي لفظن، واسطيدار ماڻهن جي خصوصي ڏنڌي ڌاڙيءَ

متعلق لفظن، وڻن، جانورن، زراعت، آب هوا، وقت جي ماپن، طرفن، زمين جي قسمن، مختلف قسم جي ڏنڌن ۽ الڳ الڳ رنگن جي نالن وغيره سان تعلق رکندڙ لفظن جي فهرست تيار ڪرڻ گهرجي. اِها فهرست پنج سؤ کان وٺي ٻن هزار لفظن تي مشتمل ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ عام آوازن ۽ صوتيات سان واسطو رکندڙ لفظ پڻ اچي وڃڻ گهرجن.

(ii) گڏ ڪيل لفظن کي مڪمل حد تائين وڏ ۾ وڏ حوالن سان گڏ استعمال ڪري ڏسڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اُنهن جي معنيٰ واري گهرائي بہ ظاهر ٿيندي ۽ اِهو پڻ طئي ٿي ويندو تہ اصولي لحاظ کان اُنهن لفظن جي ڪهڙي جاءِ آهي.

(iii) لفظن جي فهرست ڪوشش ڪري اُن ٻوليءَ ۾ تيار ڪجي، جا اطلاع ڪار جي ماتر ڀاشا (مادري زبان) هجي. اُن لاءِ ضروري آهي تہ محقق، هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڄاڻندو هجي. جيڪڏهن ائين مناسب نہ هجي تہ اشارن وغيره جي مدد سان هن جي لفظن کي سمجهي سگهجي ٿو.

(iv) گڏ ڪيل لفظن جي ذخيري ۾ ضرورت موجب گهٽ وڌائي ڪرڻ جي گنجائش هئڻ گهرجي.

(v) ان ڳالهہ جو خاص خيال رکجي تہ هڪ ئي لفظ الڳ الڳ اطلاع ڪارن جي زبان مان ٻڌڻ جي صورت ۾ سندن تلفظ جو فرق ٿي سگهي ٿو اُن ڪري صحيح اُچار جو فيصلو گهڻائيءَ جي استعمال واري بنياد تي ڪرڻ گهرجي.

(vi) ڪنهن علائقي جي الڳ الڳ جاين تي هڪ ئي لفظ جا ڪيترائي هم معنيٰ لفظ بہ ملي سگهن ٿا. انهن مختلف جاين کي الڳ الڳ ٻولين وارا علائقا سمجهڻ گهرجي.

**جملن جي فهرست:** لفظن سان گڏوگڏ جملن جو استعمال پڻ ٿيندو رهندو آهي. لفظن کي جملن جي مختلف روپن ۾ رکي ڏسڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان جملن جي لحاظ کان لفظن جو پاڻ ۾ تعلق ۽ جملي ۾ ان جو مقام (فاعل، مفعول، فعل، حرف ندا وغيره) ظاهر ٿي پوندا آهن. اهڙيءَ فهرست ۾ هر قسم جا جملا مفرد ۽ مرڪب ٻئي شامل هئڻ گهرجن.

**ڪهاڻي يا تقرير:** صرف لفظن ۽ جملن سان ئي ٻوليءَ جي تڪميل ڪانہ ٿي ٿئي، پر ان لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ ڪا اهڙي ڪهاڻي، جا عام ماڻهن جي زبان تي هجي، اُها يا ڪا مشهور تقرير ڪٺي، اُن جو جائزو ورتو وڃي؛ ڇو تہ اهڙين ڳالهين ۽ واقعن ۾ ڪيترين ئي جاين تي لفظن ۽ جملن جو استعمال سياويڪ ۽ بروقت ٿيندو آهي. انهن جي ڪجهہ الڳ ئي معنيٰ صاف ۽ واضح ٿي سامهون ايندي آهي. ان طرح ٻوليءَ جي وشالتا (وسعت) ۽ هڪجهڙائيءَ جي خبر پوندي آهي.

**ڀاشا وگيانڪ مواد جي قلم بندي:** ڀاشا وگيانڪ مواد کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ٻہ طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن:

(1) هٿ سان لکڻ ۽ (2) ٽيپ وغيره تي رڪارڊ ڪرڻ.

**دستي تحرير لاءِ گهربل سامان:** ڀاشاوگيانڪ (لسانيات جي) محقق لاءِ سني قسم جو ڪاغذ ۽ پينسل انتهائي ضروري آهي. ڪاغذ جا ننڍا ننڍا ٽڪرا اندازي طور 3+5 انچ ۽ 8+11 انچ جي ماپ جا هئڻ گهرجن. هڪ اڌ ننڍيءَ سائيز جي ڪاپي بہ هئڻ گهرجي، جنهن تي عام قسم جي معلومات، جيڪا جتي بہ گهمندي ڦرندي ملي وڃي، تنهن کي درج ڪرڻ کپي. بعد ۾ اُن جي تصديق، اطلاع ڪار کان ڪرائي وڃي.

جائزي دوران گڏ ڪيل مواد، شروع ۾ ئي مستقل نہ سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري ان کي پينسل سان لکڻ ئي بهتر ٿيندو آهي تہ جيئن ربڙ وغيره استعمال ڪري اُن مواد ۾ ضروري رد و بدل آڻي سگهجي. دستي تحرير يا هٿ سان لکڻ جي بجاءِ ٽائيپ رائيٽر کان بہ ڪم وٺي سگهجي ٿو. ٽائيپ واري عام لکت بدران ڪيترين ٻولين ۾ شارٽ هئنڊ کان ڪم وٺڻ وڌيڪ مفيد هوندو آهي.

**مواد جي تحرير لاءِ خاص رسم الخط:** گڏ ڪيل مواد کي لکت جو روپ ڏيڻ يا قلمبند ڪرڻ لاءِ گهڻا ئي طريقا آهن. انهن مان سڀ کان وڌيڪ مقبول عام نمونو آهي: 'انٽر راشٽريہ (انٽرنيشنل) صوتياتي الف-ب' (International Phonetic Alphabet) يا I.P.A. هيءُ رسم الخط ڪجهہ مخصوص نشانين ۽ صوتياتي اشارن تي ٻڌل اهي. وقت بہ وقت انهن نشانين ۽ اشارن ۾ ڪي ضروري تبديليون بہ ايندیون رهنديون آهن. ان رسم الخط جو ويجهڙائيءَ سان اڀياس ڪرڻ ۽ ان ۾ ٿوري ئي مشق پچائڻ سان ان کي وڌيءَ سهوليت سان استعمال ڪري سگهجي ٿو.

**ٽيپ رڪارڊر:** جيتوڻيڪ اڄڪلهہ تحقيقي عمل ۾ ٽيپ رڪارڊر جو استعمال وڌيڪ ٿيڻ لڳو آهي، پوءِ بہ اُهو دستي تحرير جي برابري نہ ڪري سگهندو ڇو تہ لفظن جون باريڪيون جيڪي تحرير ۾ نمايان هونديون آهن، ٽيپ رڪارڊر جي ڀريل آواز ۾ انهن جو اظهار ڪونہ ٿي سگهندو آهي. ان هوندي بہ ڪيترين جاين تي ٽيپ رڪارڊر جو استعمال تمام ضروري ۽ مفيد هوندو آهي. ان لاءِ تحقيقي عمل دوران دستي تحرير سان گڏ ٽيپ رڪارڊر کي بہ استعمال ۾ آندو وڃي تہ ڪا خرابي ڪانہ آهي. هن مشين جو هڪ وڏو فائدو تہ اهو ٿيندو تہ ان ۾ ڀريل آواز کي جيترا ڀيرا بہ چاهيون، ٻڌي سگهون ٿا. ان ۾ گهٽ ڪري اطلاع ڪار کان مليل معلومات کي ئي گڏ ڪيو ويندو آهي تہ جيئن هن جي غيرموجودگيءَ ۾ بہ اُن آواز مان فائدو وٺي سگهجي. هونئن بہ دستي تحرير، اطلاع ڪار جي ڳالهائڻ جي رفتار جو ساٿ ڏئي نہ سگهندي آهي. اُن جي باوجود هن قسم جي مشين جي استعمال ۾ ڪجهہ

خاميون آهن. جن مان اهم ترين خامي اِها آهي تہ ان جي استعمال ۾ ڪافي رقم خرچ ڪرڻي پوي ٿي. ٻيو اهو تہ ٽيپ ۾ صرف اطلاع ڪار جو آواز ئي ٻري سگهجي ٿو پر ڳالهائڻ وقت سندس چهري جي تاثرن ۾ جزبن ڪي آڻي نہ سگهبو آهي. بهرحال اڄ جي دور ۾ ٽيپ رڪارڊر جو استعمال تحقيقي عمل لاءِ لازمي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي، ڇو تہ اُن جي مدد سان ٿوري ئي وقت ۾ وڌيڪ مواد ڪٺو ڪري سگهجي ٿو. معلومات جي تصديق ڪرڻ لاءِ سندس آواز کي ٻيهر بہ ٻڌي سگهجي ٿو. ڏيري ڏيري ختم ٿيندڙ ڪيترين ٻولين کي زنده رکڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊر هڪ نعمت ثابت ٿيو آهي. ٽيپ رڪارڊر جي استعمال لاءِ اُن جي مختلف پرزن ۾ ٻين جزن جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. ان جو استعمال ڪرڻ وقت هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي:

(1) **آواز جو مقدار (Volume):** جيڪڏهن ٽيپ رڪارڊر جو استعمال ڪنهن کليءَ جاءِ ۾ ڪيو پيو وڃي تہ آواز وڌيڪ رکڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اُن کي ڪنهن آفيس يا ڪمري اندر استعمال ڪرڻو آهي تہ آواز گهٽ ڪرڻ گهرجي. آواز گهٽ رکڻ سان هڪ فائدو اِهو ٿيندو تہ ٻيا غير ضروري آواز اُن ۾ گهٽ شامل ٿي سگهندا آهن. جيڪڏهن اطلاع ڪار وڏي آواز ۾ ڳالهائي رهيو آهي تہ ٽيپ رڪارڊر جي آواز قبول ڪرڻ جي صلاحيت يعني واليوم گهٽ رکڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن هُو آهستي آواز ۾ ڳالهائي رهيو آهي تہ واليوم وڌائي ڇڏڻ گهرجي. ان ڳالهہ جو پڻ خيال رکجي تہ رڪارڊنگ ڪندي جلدي جلدي واليوم بدلائڻ نہ گهرجي.

(2) آواز ٽيپ ڪرڻ وقت ماحول بلڪل پرسڪون ۽ خاموش هئڻ گهرجي. پڪين ديوارين ۽ ڇتين سبب آواز جي گونج تمام گهٽي ٿيندي آهي، اُن لاءِ رڪارڊنگ ڪرڻ مهل گاهہ جي ڇت يا ڪچو گهر وڌيڪ مناسب هوندو آهي.

(3) ڪڏهن ڪڏهن خود ٽيپ رڪارڊر جي خرابيءَ سبب ڪي غير ضروري اندروني آواز نڪرڻ لڳندا آهن. ان لاءِ بهتر آهي تہ اُن کي جلد ئي ٺهرائي ڇڏڻ گهرجي.

(4) مائڪروفون، ڳالهائڻ واري جي منهن کان 8، 10 انچ پري رکڻ گهرجي.

(5) ٽيپ رڪارڊر جي رفتار پنهنجي مواد جي نوعيت جي لحاظ کان گهٽائي يا وڌائي ڇڏڻ گهرجي.

## باب ٽائون

# لوڪ ادب جي تحقيق

لوڪ ادب جي تحقيق واري ميدان ۾ هڪ اطلاع ڪار يا سهايڪ، محقق لاءِ ڪارگر ۽ فائديمند مواد ميسر ڪري سگهي ٿو.

**لوڪ ادب جا اطلاع ڪار:** ڏيهي ٻولي يا ڀاشا وگيان جي تحقيق ۾ اطلاع ڪار انهيءَ ئي ورياڳ يا علائقي سان تعلق رکندڙ ڪير بہ شخص ٿي سگهي ٿو پر لوڪ ادب يا لوڪ گيتن جي باري ۾ تحقيق جي عمل لاءِ يا اُنهن کي گڏ ڪرڻ جي عمل ۾ اطلاع ڪار صرف اُهو شخص ٿي سگهي ٿو جو سنگيت ڪلا جي اُن مخصوص طبقي سان تعلق رکندڙ هجي. لوڪ ڪلاڪار کي بہ پنهنجي ورياڳ (شعبي) جي معلومات ميسر ڪرڻ ۾ ڪي دشواريون پيش ايندڙيون آهن. مثال طور:

(i) اطلاع ڪار کي پنهنجو مواد هميشہ بروقت ياد نہ رهندو آهي. اڪثر ڳائڻ جي انداز ۾ ئي اهڙو مواد سندس حافظي ۾ تازو ٿيندو آهي.

(ii) جيڪڏهن هُو بنا ڳائيندي پنهنجو مواد لکڻ سان وچ وچ ۾ پلجي پوندو آهي، تہ پنهنجي مواد کي ياد ڪرڻ لاءِ کيس آهستي آهستي ڳائڻو پوندو آهي.

(iii) ڪيترا ڪلاڪار پنهنجي ڪلا کي صرف پاڻ تائين ئي محدود رکڻ چاهيندا آهن. اهڙا شخص پنهنجو مواد ٻين کي ڏيڻ ۾ پڻ ڪنجوسائيءَ کان ڪم وٺندا آهن.

(iv) ڪيترا لوڪ گيت اهڙا ٿيندا آهن، جيڪي مجموعي صورت ۾ ڳايا ويندا آهن. اهڙن گيتن جو متن لکائيندي، اڪيلو ماڻهو تڪليف محسوس ڪندو آهي.

لوڪ گيتن جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ ادب ڪٺو ڪرڻ نسبتاً آسان هوندو آهي. ان لاءِ محقق کي اطلاع ڪار سان گڏ رهڻو پوندو آهي. جڏهن بہ هُو ڪنهن پروگرام هيٺ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو آهي تہ محقق اُن مواد کي اُتي ئي قلمبند يا ٽيپ تي رڪارڊ ڪري ڇڏيندو آهي.

لوڪ ادب کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(1) لوڪ گيت، (2) لوڪ ڪهاڻيون، ۽ (3) متفرق مواد.

ان ٽئين ورياڳ ۾ ننڍيون ڪهاڻيون، طويل ڪهاڻيون، لطيفا، نظم ۽ نثر تي مشتمل گڏيل ڪهاڻيون، اخلاقي محاورا ۽ ڳجهارتون وغيره اچي وڃن ٿيون.

لوڪ ادب جي نوعيت ۽ قسمن جي لحاظ کان اُن جي اطلاع ڪارن جي چونڊ ڪري سگهبي آهي. لوڪ ادب جو تعلق مرد ۽ عورت، ٻنهي سان هوندو آهي، تنهن

ڪري ٻنهي جنسن مان اطلاع ڪارن جي چونڊ ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ ڪجهه اِشارا هيٺ ڏجن ٿا:

(الف) هڪ ڀيڙي عورت يا عورتون، جي ٻار جي پيدائش، شاديءَ ۽ قضيي وغيره جي رسمن جي باري ۾ ڄاڻ ڏئي سگهن. اِهي عورتون وڏ گهراڻي ۽ غريب، ٻنهي طبقن مان کڻڻ گهرجن.

(ب) ڪي نوجوان ڇوڪريون، جن کان راند روند وغيره بابت نج تفريحي لوڪ گيت ڪٺا ڪري سگهجن.

(ج) ڪجهه مرد گايڪ (فنڪار)، جن جي لاءِ ڳائڻ ڌنڌو نه آهي، پر اهي تفريح لاءِ ڳائيندا آهن. جهڙوڪ: قوال ۽ لوڪ گايڪ وغيره.

(د) ڪي اهڙا مرد، جي ڌارمڪ (مذهبي) نموني وارا گيت ۽ تقريرون وغيره پيش ڪندا آهن. جيئن واعظ ڪرڻ، ستسنگ ڪرڻ ۽ اُپديش (نصيحت) ڏيڻ وارا.

(هه) ڪي اهڙا فقير وغيره، جي دان گهرڻ مهل ڪجهه ڌارمڪ (مذهبي) ۽ اخلاقي گيت ڳائيندا هجن.

(و) ڪجهه اهڙا شخص، جي ڳوٺ يا پاڙي جي پنچايتن جا ميمبر هوندا آهن. انهن وٽ اخلاقيات تي مبني ڪجهه اهڙين ڪهاڻين وغيره جو ذڪر هوندو آهي، جن جي مدد سان هُو پنچايتن ۾ ماڻهن جا فيصلا ڪندا آهن.

(ز) اهڙا فقير، جيڪي رومانوي مثنويون وغيره ڳائيندا آهن.

(ح) ڪي اهڙا تجربيڪار ڪڙمي ۽ سنڌن عورتون، جي کيتيءَ ٻاڙيءَ جي ڌنڌي سان وابسته لوڪ ادب جي ڄاڻ رکندڙ هجن.

محقق، لوڪ ادب جي ميدان ۾ پنهنجن اطلاع ڪارن کان مواد وٺڻ کان سواءِ، پاڻ به شخصي طور پنهنجي خصوصي علائقي جي ڪنڊ ڪڙڇ جو دورو ڪري، اُتان جي ماحول ۽ پسگردائيءَ ۾ رچيل لوڪ ادب جون جهلڪيون قلمبند ڪرڻ يا ٽيپ تي رڪارڊ ڪرڻ جو ڪم ڪندا آهن.

جنهن اطلاع ڪار کان معلومات حاصل ڪئي وڃي، تنهن جو پورو تعارف يا اُن جي شخصيت جي باري ۾ مڪمل تفصيل هڪ هنڌ نوٽ ڪري رکڻ گهرجن، جن جي وسيلي آخرين نتيجا حاصل ڪرڻ ۽ اصولن جي وضاحت ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي.

**جائزي وٺڻ لاءِ مخصوص سوال:** سڀ کان اڳ جنهن جاءِ يا ڳوٺ جي رهندڙ اطلاع ڪار کان مواد ورتو آهي، اُن جي باري ۾ سوال ڪرڻ گهرجن. جهڙوڪ:

(i) ڳوٺ جو نالو
(ii) ڳوٺ جي تاريخ
(iii) ڳوٺ ۾ رهندڙ مختلف ذاتين جي باري ۾ تفصيل
(iv) ڳوٺ جا خاص ڪلاڪار لوڪ ادب جا روح رَوان وغيره ڪير ڪير آهن.
(v) ڳوٺ جي باري ۾ ماڻهن ۾ رائج ڪهاڻيون.

ان کان پوءِ مواد ڪٺي ڪرڻ وقت پنهنجي فنڪار ۽ اطلاع ڪار کان هيٺيان سوال پڇڻ گهرجن:

(1) حاصل ٿيل مواد جو نالو (گيت، ڪهاڻي وغيره)
(2) ڳوٺ يا شهر جو نالو جتي اُهي عام طور استعمال ۾ آندا پيا وڃن.
(3) ذات يا جاتي (برادري)، جنهن سان اُن مواد جو خصوصي تعلق آهي.
(4) موقعو جڏهن اُن مواد جو استعمال عام طور ڪيو ويندو آهي.
(5) سماج (مرد يا عورت) جنهن سان اُن جو تعلق آهي.
(6) پيشڪش، انفرادي يا مجموعي صورت ۾.
(7) ملڻ جو ذريعو.
(8) اطلاع ڪار جو تعارف.
(9) جيڪڏهن اُن مواد جو تخليقڪار (تخليقڪار) ڪو لوڪ شاعر آهي ته اُن جو تعارف.
(10) مواد جي روپ ريکا.
(11) حاصل ڪيل مواد يا اُن جي تخليقڪار (تخليق ڪار) سان تعلق رکندڙ عوام جا تاثر.
(12) اطلاع ڪار کي اُهو مواد ڪٿان مليو؟
(13) اُن مواد مان پوندڙ تاثرات سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا خيال.
(14) ٻي ڪا به خصوصي معلومات
(15) مواد جي حاصلات جي تاريخ ۽ ڏينهن.
(16) جيڪڏهن ڳالهائڻ وقت اُن مواد جو ڪو حصو يا جملو سمجهه ۾ نه اچي ته اُن جي سمجهاڻي.
(17) اُن مواد ۾ آيل لفظن ۽ ڪردارن جي باري ۾ ضرورت موجب سوال.

**لوڪ ادب جي لکٽي:** لوڪ ادب واري مواد کي هٿ سان لکي سگهجي ٿو ۽ ٽيپ تي به رڪارڊ ڪري سگهبو آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه اشارا هتي ڏجن ٿا:

(1) ڪھاڻيڪار يا ڳائڻ وارو پنھنجيءَ ڪھاڻيءَ يا گيت کي پنھنجي سياويڪ انداز ۾ پڙھندو رھي ۽ اُن ئي رفتار سان محقق ان کي لکندو وڃي يا ٽيپ ۾ رڪارڊ ڪندو رھي، تڏھن ئي بھترين نتيجا حاصل ٿيندا. جيڪڏھن گائڪ جي رفتار سان اڳتي وڌي نہ سگھجي تہ کيس آھستي ڳائڻ لاءِ عرض ڪجي.

(2) ڪلاڪار جيئن جيئن ڳالھائيندو وڃي، اُن جي مواد کي ساڳيءَ صورت ۾ نوٽ ڪيو وڃي. جيڪڏھن وچ ۾ ڪجھہ سمجھہ ۾ نہ اچي تہ کيس ٽوڪيو نہ وڃي، پر آخر ۾ پنھنجي تمام شڪ شبھن کي دور ڪيو وڃي. محقق کي ھر ڳالھہ بلڪل اُنھيءَ صورت ۾ لکڻ گھرجي، جنھن انداز ۾ اطلاع ڪار اھا ٻڌائي آھي، توڙي اُھا ڳالھہ ڪيتري بہ ناممڪن ۽ متروڪ ڇو نہ لڳي.

(3) ڪھاڻي يا گيت جي روپ ريکا ۽ ممڪن تاريخ جي باري ۾ پڻ معلومات حاصل ڪري، حاشيي ۾ داخل ڪرڻ گھرجي.

(4) تحرير پوري ٿي وڃڻ کان پوءِ اُن مواد کي اطلاع ڪار جي سامھون ھيو ھيرو پڙھي کيس ٻڌائڻ گھرجي. ان مرحلي تي ڏسجي تہ جيڪڏھن ڪجھہ گھٽ وڌائي سرزد ٿي وئي آھي تہ اُن کي سڌاريو وڃي.

(5) ڪھاڻيءَ يا گيت کي اُن ئي زبان يا ٻوليءَ ۾ لکڻ گھرجي، جيڪا اطلاع ڪار ڳالھائيندو ھجي.

(6) مخصوص آوازن ۽ صوتياتي اشارن جي لکڻيءَ تي خصوصي ڌيان ڏيڻ گھرجي. اطلاع ڪار جي تلفظ کي بہ ھُوبھو نقل ڪري ڇڏڻ گھرجي.

(7) جيڪڏھن اطلاع ڪار جي ٻوليءَ کي حرف بہ حرف انھيءَ صورت ۾ لکڻ ممڪن نہ ھجي، تہ اھڙيءَ صورت ۾ اُن کي پنھنجن لفظن ۾ لکي ڇڏڻ گھرجي، يا وري اُن لاءِ ٽيپ رڪارڊر استعمال ڪرڻ گھرجي. جيڪڏھن لوڪ ادب جي ٻوليءَ تي ڪم ڪرڻو آھي تہ اُن ٻوليءَ کي اُنھيءَ صورت ۾ ئي تحرير ڪرڻو پوندو.

## باب ڏھون

# ادبي تحقيق جو جائزو

ٻاشاوگيان (لسانيات) ۽ لوڪ ادب جي وياڳ (شعبي) ۾ تہ جائزہ ڪاريءَ کي پنهنجي مخصوص جاءِ آهي ئي، پر نج ادب جي تحقيق واري سلسلي ۾ بہ جائزہ ڪاريءَ جو استعمال ڪري سگهبو آهي. ڪنهن خاص لاڙي ادبي مسئلي، ڪنهن مخصوص دور واري شاعر يا ڪن بہ ٻن شاعرن جي ڀيٽ وغيرہ سان تعلق رکندڙ تحقيقي عمل لاءِ جائزہ ڪاريءَ کان ڪم وٺي سگهجي ٿو. ملڪ جي مشهور ۽ معروف عالمن ۽ ودوانن (ماهرن) سان ملاقات (انٽرويو) يا غير ملڪي عالمن سان خط ڪتابت ڪري انهن کان گهربل مواد حاصل ڪري سگهبو آهي. اهڙي بنياد تي ئي ڪنهن وگيانڪ (سائنسي) نتيجي تي پهچڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو.

ائين تہ سڀني وياڳن (شعبن) جي اڀياس ۾ انگ اکر ڪٺا ڪرڻ ضروري هوندا آهن، پر نج ادب جي تحقيق ۾ تہ اُنهن جي اهميت اجا بہ ڪجهہ وڌيڪ هوندي آهي. ڪنهن مخصوص مسئلي تي مختلف ودوانن جا خيالَ گڏ ڪرڻ ۽ انهن جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪندي ڪو نتيجو حاصل ڪرڻ، تحقيقي عمل جو هڪ اهم جزو آهي. اِهو ڪم ٻن طريقن سان ٿي سگهي ٿو. هڪ اِهو تہ انهن ودوانن سان سڌو سنئون ملاقات ڪئي وڃي، ٻيو اِهو تہ انهن کي پنهنجا تاهيل ضروري سوالناما موڪلي، سندن جواب ڏيڻ لاءِ کين عرض ڪيو وڃي.

**ملاقات** (Interview): هيءَ عمل ڪيترن ئي خيالن کان ڪامياب ثابت ٿيندو آهي. بظاهر انٽرويو هڪ انتهائي سولو نمونو لڳندو آهي، پر حقيقت ۾ هيءَ هڪ نهايت پيچيدو ۽ مشڪل عمل آهي.

انٽرويوءَ جي ڪاميابيءَ جو پهريون شرط اِهو آهي تہ پهريائين ملاقاتي، سوالن جي جواب ڏيندڙ شخص جو مڪمل وشواس (اعتماد) ۽ سهايتا (مدد) حاصل ڪري. انٽرويوءَ لاءِ ضروري آهي تہ گهربل ودوان (عالم) کان اڳواٽ وقت ۽ تاريخ مقرر ڪرائي وڃي. ٻي ضرورت اِها آهي تہ انٽرويو ڪرڻ کان اڳ هڪ خاڪو تيار ڪيو وڃي ۽ جيڪي بہ سوال پڇڻا هجن، سي اول ئي تيار ڪيل هجن. سوال ڇپي ڇٽي نہ، پر ڪليل لفظن ۾ ڪرڻ گهرجن. هر هڪ ودوان کان انٽرويو وٺڻ وقت ساڳين ئي سوالن کي دهرايو وڃي. انهن مان ڪن جا ثانوي سوال ڪٿي ڪٿي مختلف بہ ٿي

سگهن ٿا. ضرورت هجي ته اُهي سوال لکي ڇڏڻ گهرجن ۽ انٽرويوءَ وقت انهن کي پڙهندو رهڻ گهرجي.

اِهو تمام ضروري آهي ته انٽرويوءَ وقت محقق، اُن ودوان وٽ اڪيلو هجي، نه ته ڪنهن به ٽئين ماڻهوءَ جي موجودگيءَ سان ڪم ۾ رنڊڪ پئجي سگهي ٿي. محقق کي گهرجي ته هُو اُن عالم کي پنهنجي انٽرويوءَ جو مقصد اڳواٽ ئي واضح نموني ٻڌائي ڇڏي ۽ اِهو پڻ ٻڌائي ته هُو اُن سلسلي ۾ ڪهڙن ڪهڙن ودوانن کان انٽرويو ڪرڻ چاهي ٿو يا ڪري چڪو آهي. محقق کي پنهنجا سوال بلڪل صاف ۽ ڪليل انداز ۾ پيش ڪرڻ گهرجن ته جيئن تعلق ۾ ايندڙ عالم، سوالن جو صحيح مفهوم سمجهي، اُنهن جا صحيح جواب ڏيئي سگهي.

نفسياتي خيال کان اِهو به ضروري آهي ته محقق، پنهنجن سوالن جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڪنهن به صورت ۾ ظاهر نه ڪري، ڇو ته ٿي سگهي ٿو ته واسطيدار عالم، محقق جي خيال کان متاثر ٿي، ڪيس صحيح مواد ڏئي نه سگهي. سوال جو نمونو ئي اهڙو هئڻ گهرجي، جو اُن جي لفظن ۾ محقق جي پنهنجن ويچارن جو اظهار نه ٿئي. اهڙا سوال به نه پڇڻ گهرجن، جن جا جواب ڪنهن لاءِ مخالفت يا آلوچنا (تنقيد) جي صورت اختيار ڪن. ان سلسلي ۾ محقق کي پوريءَ ايمانداريءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح حاصل ٿيل جوابن/ڪي تمام خبرداريءَ سان تحرير هيٺ آڻڻ گهرجي ۽ اُهي جواب ڏيندڙ جي لفظن ۾ ئي لکڻ گهرجن. ان تحرير کان پوءِ به تصحيح خاطر هڪ دفعو ٻيهر وري واسطيدار عالم کي ڏيکارڻ ضروري هوندو آهي.

## انٽرويوءَ جا قسم

انٽرويو ٻن نمونن جا ٿيندا آهن: (1) صحافت سان تعلق رکندڙ انٽرويو ۽ (2) ادبي انٽرويو.

ادبي انٽرويو به وري ٻن نمونن جا ٿي سگهن ٿا:

**تنقيدي ۽ تحقيقي:** حقيقت ۾ تنقيد ۽ تحقيق، هنن ٻنهي قسمن ۾ ڪو بنيادي فرق نه آهي. صرف انهن جي معيار ۽ مقصد جي لحاظ کان ٿورو فرق رهندو آهي. ادبي انٽرويوءَ ۾ دراصل اُن شاعر يا ساهتڪار (اديب) جي شخصيت جي گهراين تائين پهچڻ مقصود هوندو آهي، جنهن جي باري ۾ تحقيق ڪئي وڃي ٿي. محقق کي شاعر يا ليکڪ جي داخلي ۽ خارجي عملن واري وسيلي جي ڳولا رهندي آهي. هُو اُنهن محرڪن کي رچنائن (تخليقن) ۾ تبديل هئڻ جي عمل کي به ڏسڻ چاهيندو آهي.

ان طرح شخصيت ۽ سندس تصنيفن جو اڀياس، انٽرويوءَ جي ٻنهي قسمن جي پيش نظر ضروري هوندو آهي.

تنقيدي انٽرويو پنهنجي روپ ريکا جي لحاظ کان هڪ ئي نموني جو ٿيندو آهي، پر تحقيقي انٽرويو ڪنهن مخصوص مسئلي کي سامهون رکي ڪيو ويندو آهي. انٽرويو دراصل ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي، جنهن ذريعي معلومات حاصل ڪري، اُن کي انگن اکرن جي روشنيءَ ۾ جاچي ۽ پرکي، وگيانڪ (سائنسي) نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. تحقيقي عمل جي سلسلي ۾ هيءَ ڪارروائي انتهائي گنڀير نموني ڪئي ويندي آهي.

**انٽرويوءَ لاءِ گهربل وقت:** ڪنهن ادبي مسئلي کي حل ڪرڻ يا ڪنهن ودوان سان ڳالهائڻ ۽ انٽرويو وٺڻ جو وقت الڳ الڳ ٿي سگهندو آهي. ڪيترا ڀيرا صرف چند منٽن ۾ ڪو انٽرويو ختم ڪري سگهبو آهي ته ڪڏهن ڪجهه ڪلاڪ به لڳي ويندا آهن. اڪثر ائين به ٿيو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ودوان (عالم) سان بهتر تعلقات آهن، ته به ٿي ڏينهن لڳاتار اُن سان گڏ رهي، اُن وچ ۾ جڏهن به مناسب وقت ملي، پنهنجي مسئلي جي باري ۾ گفتگو ڪري، مڪمل طور مطمئن ٿيڻ کان پوءِ، اُن کان موڪلايو ويندو آهي.

**سوالنامو:** ڪنهن ودوان (عالم) کان شخصي طور انٽرويو ڪرڻ بجاءِ، هڪ تيار ٿيل سوالنامو موڪلي به اُن جا جواب حاصل ڪري سگهبا آهن. تحقيقي وڀاڳ (شعبي) جا شاگرد ۽ اُستاد صاحبان پوسٽ، ڪوريئر سروس يا ڪنهن شخص جي وسلي هڪ وڏي جاگرافيائي خطي ۾ پنهنجا سوالناما آسانيءَ سان موڪلي سگهندا آهن. سوالنامي ذريعي معلومات حاصل ڪرڻ جو هيءُ طريقو سولو سستو ۽ آسان آهي. پر اُن ۾ اُها تڪليف اچي سگهي ٿي ته اِهو سامهون واري ودوان (عالم) تي ڇڏيل آهي ته هو اسان جي سوالنامي جا جواب ڏئي يا نه ڏئي. سڀ جا سڀ جواب حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪونه هوندي آهي. تنهن کان سواءِ جواب ملڻ کان پوءِ به وري جڏهن هر هڪ جو الڳ جائزو وٺبو آهي ته ضمني سوال دماغ ۾ پيدا ٿيندا آهن، جن سان اصل جوابن مان پيدا ٿيل غلط فهمين کي درست ڪري سگهبو آهي.

تحريري سوالنامي ۾ اُهي سڀ سوال شامل هوندا آهن، جي روبرو ڪيل گفتگوءَ ۾ پڇي سگهبا آهن. پر سوالنامي ۾ اُهي سوال ڪجهه وڌيڪ خبرداريءَ سان لکيا ويندا آهن. ڇو ته جواب ڏيندڙ شخص اکين سامهون نه هوندو آهي ۽ سوال جي سمجهاڻي زباني نه ڏئي سگهبي آهي. سوالنامو ڇپيل، ٽائيپ ڪيل يا سائيڪلو اسٽائيل ٿيل هوندو آهي. سوالنامي سان گڏ مٿان هڪ واسطيدار خط پڻ هوندو

آهي، جنهن ۾ تحقيق جو وشيہ (عنوان) ۽ اُن جو مقصد واضح ڪيل هوندو آهي. اُن سان گڏ پنهنجي ائڊريس لکيل هڪ جوابي لفافو بہ شامل ڪبو آهي تہ جيئن اُن ۾ واپسي جواب اچي سگهي.

سوالنامو ٺاهڻ لاءِ هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي:

(1) سوال ممڪن حد تائين مختصر هئڻ گهرجن.

(2) سوالن جي وسيلي جيڪا معلومات حاصل ڪرڻ آهي، اُها ڪنهن ٻئي نموني سان ملڻ ممڪن ڪونہ هجي.

(3) جنهن وشيہ (موضوع) تي سوال پڇيا وڃن، اُهي تمام اهم هئڻ گهرجن. گهٽ ۾ گهٽ ڪري معروضي قسم جا سوال پڇڻ گهرجن.

(4) سوالن جي ٻولي بلڪل سولي ۽ عام فهم هئڻ گهرجي. ٻٽي معنيٰ وارن لفظن کان ڪنارو ڪرڻ کپي.

(5) سوالن جي ترتيب ۽ اُنهن جي روپ ريکا دليلن تي ٻڌل هئڻ گهرجي. هر هڪ سوال، ايندڙ سوال لاءِ ميدان تيار ڪندڙ هجي.

(6) جواب ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل وقت جي باري ۾ تفصيل واضح نموني ٻڌائڻ گهرجي.

سوال ٻن قسمن جا ٿيندا آهن:

تفصيلي (Theoretical) ۽ (2) رمزيہ (Objective).

تفصيلي سوالن جي باري ۾ جواب ڏيندڙ آزاد هوندو آهي تہ هُو پنهنجن لفظن ۾ ڪهڙو بہ تفصيلي جواب ڏئي، پر رمزيہ سوالن جا ڪجهہ ممڪن جواب اڳ ئي سوالنامي ۾ درج ڪري ڇڏيا آهن ۽ اهو لکيو ويندو آهي تہ جواب ڏيڻ واري جي نظر ۾ جيڪو بہ جواب صحيح هجي، هُو اُن تي مخصوص نشاني لڳائي. اهڙن ڪجهہ سوالن جا جواب 'ها' يا 'نہ' ۾ ٿي سگهندا آهن. تنهن کان سواءِ هڪ ٽيون ممڪن جواب بہ لکي ڇڏڻ مناسب ٿيندو آهي: 'غير مقرره' يا 'غير متعينہ' يا اهڙو ٻيو ڪو واسطيدار جواب وغيره.

سوالنامو تيار ڪرڻ مهل، تحقيق جو وشيہ (عنوان)، محقق جي رُچي (دلچسپي)، تحقيق سان تعلق رکندڙ زمان ۽ دور کي مدنظر رکڻ گهرجي ۽ جواب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن واسطيدار ودوان (عالم) جي چونڊ.

**تجرباتي طريقڪار:** تجربو هڪ امتحاني طريقہ ڪار آهي. هٿرادو يا فرضي حالتن ۾ تحقيق هيٺ وشيہ (عنوان) جي الڳ الڳ رد عمل واريءَ حالتن جو امتحان وٺندي، عمل ۽ سبب جي سلسلي کي قائم ڪري سگهبو آهي.

# باب يارهون

## مقالي جي پيشڪش

ڪهڙي به تحقيقي مقالي جي پيشڪش واري سلسلي ۾ هيٺين ڳالهين ڪي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي:

**تحقيقي عمل جي شروعات:** تحقيقي عمل جا طريقا الڳ الڳ ٿي سگهن ٿا، ۽ اُن بابت ڪجهه الڳ الڳ رايا آهن. جيتوڻيڪ اُن باري ۾ ڪو مقرر ٿيل فارمولا ته طئي ٿيل ڪونه آهي، پوءِ به ڪجهه صلاحون محقق لاءِ مددگار ۽ فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿيون.

تحقيقي عمل دوران وشيه (عنوان) جي چونڊ کان وٺي نتيجن حاصل ڪرڻ ۽ اُصولن جي تدوين ۽ وضاحت، سمورن مرحلن جو عڪس موجود هوندو آهي. اِهي سڀ مرحلا تحقيق واري عمل دوران مشين وانگر پنهنجو پاڻهي طئي ٿيندا رهندا آهن.

تحقيق جو وشيه (عنوان) ڪيترو به اهم ڇو نه هجي، پر جيڪڏهن اُن جي پيشڪش مناسب نموني نه ٿيندي ته تحقيقي عمل اڻپورو ٿي رهجي ويندو.

**مقالي جي تحرير:** (تحقيقي حاصلات کي لکت جي دائري ۾ آڻڻ): جڏهن اڀياس ۽ ڇنڊڇاڻ جو عمل مڪمل ٿي ويندو آهي ته اُن کي مقالي جي صورت ۾ پيش ڪرڻ جو مرحلو ايندو آهي. اُصولي طور اڀياس ختم ڪرڻ کان پوءِ ئي مقالو لکڻ جو ڪم شروع ٿيندو آهي. اڀياس ۽ مقالي ۾ هڪ سنڌو سنئون تعلق ٿيندو آهي، پر اِهي ٻئي ڳالهيون هڪ نه هونديون آهن. مقالو اڀياس جي وسيلن جي اظهار ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي، جنهن ذريعي محقق پنهنجا حاصل ڪيل نتيجا ٻين ودوانن تائين پهچائيندو آهي. اِن طرح هُو پنهنجي تحقيقي عمل جي طريقي ۽ گڏ ڪيل دليلن جو نماءُ پڻ ڪندو آهي.

مقالي جي تحرير جو مقصد تفريح ڪونه آهي. ان خيال کان مقالو افساني نويسي، يا سمورن فنونِ لطيفه (للت ڪلائن) کان مختلف نوعيت رکندڙ آهن. اُن جو هڪ ئي ڪم آهي: مواد، طريقه ڪار ۽ نتيجن جي باري ۾ معلومات ڏيڻ ۽ ڄاڻ پهچائڻ، جنهن وسيلي علم ۽ گيان جو دائرو وسيع ٿئي ٿو. ان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته مقالي جي تحرير جو ڪم پورو ڪندڙ دل ڪَجائيندڙ بي مزي ۽ بي جان هوندو آهي. پر اُهو هر رُچي (دلچسپي) رکندڙ پاٺڪ لاءِ دلچسپ ئي هوندو آهي. پوءِ به مقالي نگاريءَ ۾ النڪارن (صنعتن) پر تڪلف عبارت ۽ مقفيٰ يا مسجع نثر جي

ڪابہ گنجائش نہ هوندي آهي.

تحقيق جو وشيہ (عنوان) خشڪ ۽ مخصوص مزاج جو ٿي سگهي ٿو. تنهن لاءِ محقق کي گهرجي تہ هُو پنهنجيءَ تحرير وسيلي اُن کي وڌيڪ غير دلچسپ ۽ بي مزي نہ بڻاڪي، ڇو تہ محقق کي مقالي نگاريءَ ذريعي پنهنجيءَ گهريءَ ڄاڻ جو اظهار ڪرڻ بہ مقصود نہ هوندو آهي. مقالي جي ٻولي سادي سلوڻي، عام فهم، دلچسپ ۽ پرڪشش هئڻ گهرجي. طرز تحرير مڪمل، پر اختصار واري هئڻ گهرجي. محقق کي گهرجي تہ هُو بنا ڪنهن الجهاءَ يا ڍڪ پردي جي اِها ڳالهہ صاف صاف ٻڌائي ڇڏي تہ سندس تحقيقي عمل جو مقصد ڇا آهي ۽ اُن مان هن ڪهڙا ڪهڙا نتيجا حاصل ڪيا آهن.

**مقالي جي تحرير جا اصول:** مقالي جي تحرير جي شروعات سڌو سنئون پنهنجي وشيہ (عنوان/موضوع) سان ڪرڻ ئي بهتر سمجهيو ويندو آهي. جهوني زماني ۾ هڪ لمبي مهاڳ ۽ آلوچنا (تنقيد) سان گڏ مقالي جي شروعات ڪرڻ جو طريقو رائج هو. هينئر سڌو سنئون پنهنجي وشيہ تي اچڻ ئي وگيانڪ طريقو سمجهيو وڃي ٿو ڇو تہ مقالي جو وڏاءُ بہ هڪ عيب ڪري ليکيو ويندو آهي. مقالي جو معيار اِن ڳالهہ مان ڪونہ پرکبو آهي تہ محقق پنهنجي وشيہ جي باري ۾ ڪيترو ڇيو آهي، پر اِهو ڏٺو ويندو آهي تہ هن ڇا ڇيو آهي ۽ ڪهڙي نموني ڇيو آهي. ڪي محقق بظاهر خوبصورت، پر وشيہ سان غير متعلق بيان ۽ غير ضروري معلومات پنهنجي مقالي ۾ شامل ڪري، اُن جو وزن تہ وڌائي ڇڏيندا آهن، پر واضح نموني ڪنهن اهم نتيجي تي پهچي نہ سگهندا آهن. اُن لاءِ مقالي نگاريءَ جو پهريون اصول اهو آهي تہ اُن کي سڌو سنئون وشيہ سان ئي شروع ڪرڻ گهرجي.

دراصل هر محقق پنهنجي تحقيقي عمل واري وياڳ (شعبي) جي باري ۾ ڪافي ڄاڻ رکندو آهي، جنهن تي ئي هُو پنهنجي وشيہ ۽ تحقيقي عمل جو بنياد رکندو آهي. پر اُن سموريءَ معلومات جو مقالي ۾ شامل هئڻ ضروري نہ آهي. محقق پنهنجي ڄاڻ جي بنياد تي جيڪو نقطہ نظر طئي ڪيو آهي، صرف اُن جي وضاحت ڪرڻ گهرجي، ۽ پنهنجي حاصل ڪيل نتيجن ۽ تاثرات کي پوري خلوص ۽ اختصار سان پيش ڪرڻ گهرجي. پنهنجي قياس آرائين جي پٺڀرائيءَ ۾ ڪيس ٺوس ثبوت ڏيڻ گهرجن. اهڙيءَ طرح مقالي جي پيشڪش واري سلسلي ۾ محقق کي پنهنجي وشيہ (موضوع) جي مڪمل، صحتمند ۽ غير ڪتابي ڄاڻ جو حامل هئڻ ضروري آهي، جنهن سان مقالي ۾ غير ضروري وڏاءُ پڻ نہ ايندو.

مقالي نگاريءَ جي ٽئين اصول ۾ گڏ ڪيل مواد جي ڪاٽ ڪُوٽ ۽ اُن جي سٽاءَ يا رٿا اچي وڃي ٿي. محقق کي گهرجي تہ هُو پنهنجن خيالن ۽ علم جو هڪ خاڪو تيار ڪري. ان عمل ۾ سندس سوچيل سمجهيل رٿابندي ۽ اُن سان تعلق رکندڙ دليلن جو دخل رهندو آهي. ان طرح حاصل ڪيل مواد مان ملندڙ ثبوتن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي وشيہ (موضوع) يا مسئلي جو حل ڳوليو ويندو آهي.

ان سلسلي ۾ ائين ڪرڻ بهتر ٿيندو تہ محقق پهرين تحريري صورت ۾ هڪ خاڪو تيار ڪري. جنهن سان سندس دماغ ۾ اڀياس جي صورتحال واضح ٿي ويندي ۽ اُن موجب هُو پنهنجي مواد کي خوبصورت نموني پيش ڪري سگهندو. ان تحريري خاڪي ۾اهي ڳالهيون ضرور شامل هئڻ گهرجن تہ حاصل ڪيل مواد جي رٿا ڪهڙي نموني ڪئي وئي آهي. اُن مواد مان ڪهڙا ڪهڙا دليل ڪهڙي نموني ملندا رهيا ۽ انهن مان ڪهڙا ڪهڙا نتيجا نڪتا. اِن مان اِهو فائدو ٿيندو تہ مقالي جي الڳ الڳ جزن جو تعلق واضح ٿي پوندو آهي. مقالي جو هر هڪ ڀاڱو پاڻ ۾ هڪٻئي سان ڳنڍيل هئڻ گهرجي، تڏهن ئي اُن کي صحيح معنيٰ ۾ مقالو چئي سگهبو.

**مقالي جو مقدار:** ان سلسلي ۾ ڪوبہ اصول مقرر ٿيل ڪونہ آهي. اُن جي ننڍي هجڻ يا وڏي هجڻ جو مدار وشيہ (موضوع) جي نوعيت تي وڌيڪ ٿيندو آهي. جيڪڏهن وشيہ (موضوع) تاريخي، ڇنڊڇاڻ وارو يا تقابلي ۽ ٽُلنائيڪ (ڀيٽاڀيٽي) اڀياس وارو آهي تہ مقالي جي ضخامت سياويڪ طور وڌيڪ ٿي ٿيندي. اُن جي مقابلي ۾ تجرباتي يا رچناتمڪ (تخليقي) وشيہ وارو مقالو نسبتي طور ننڍو هوندو آهي. محقق کي مقالي جي محدود ڪرڻ جو شعور هئڻ لازمي آهي. هن کي گهرجي تہ هُو پنهنجي مقالي کي وڌ کان وڌ مختصر ۽ وڌ ۾ وڌ مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

ڪنهن بہ ادبي مقالي جي لمبائيءَ جا هيٺيان سبب ٿي سگهندا آهن:

(1) وڌ ۾ وڌ ۽ لمبا لمبا حوالا ڏيڻ.

(2) حوالي جي ڪتابن جا ڪيترا ئي تاتپريہ (نتيجا/تت) بيان ڪرڻ.

(3) سموري گڏ ڪيل مواد کي ڪنهن نموني مقالي ۾ جاءِ ڏيڻ.

(4) تاريخي ۽ سماجي حالتن جا ڊگها ڊگها تفصيل گڏ ڪرڻ.

(5) ضروري ڇنڊڇاڻ کان سواءِ ئي ادبي اصولن يا فلسفي جي ڪتابن بابت تفصيلي بيان ڏيڻ.

محقق کي انهن ذڪر ڪيل ڳالهين کان پاڻ کي بچائڻ تمام ضروري آهي. جڏهن تہ مقالي جي مواد کي محددو بنائڻ لاءِ هيٺين اصولن تي عمل ڪرڻ لازمي آهي:

(1) ڊگها حوالا ڏيڻ بجاءِ پنهنجن لفظن ۾ اُن جو تاتپريہ (تت) ڏيڻ گهرجي ۽ حوالي واري ڪتاب جو نالو صفحي جي پڇاڙيءَ ۾ هيٺئين طرف ڏئي ڇڏڻ گهرجي.

(2) تفصيلي حوالن بجاءِ تصويري خاڪا، گراف ۽ انگن اکرن وارا طريقا استعمال ڪيا وڃن.

(3) واسطيدار دور جو جائزو وٺڻ لاءِ ٻاهرين شاهدين بدران ساهتيہ (ادب) جي اندروني شاهدين کان وڌيڪ مدد ورتي وڃي.

(4) ڪتابن، رسالن يا حوالن جو سار (تت) اُن جاءِ تي ئي ڏيڻ کپي، جتي ضروري هجي.

محقق کي اُن ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ مقالي جي قدر ۽ قيمت جو مدار مقالي جي صفحن جي تعداد تي نہ، پر تحقيقي مواد جي اظهار ڪرڻ جي طريقي ۽ نتيجن جي ٺوس ثبوتن جي بنياد تي هوندو آهي.

**بيانن يا حقيقتن جو اظهار:** مقالي ۾ عام طور تي چئن قسمن جا بيان ڏنا ويندا آهن:

(i) حقيقتن جو بيان

(ii) بنيادي قياس آرائيون

(iii) وياڳ (شعبي) جي عالمن جي راءِ

(iv) خود محقق جي پنهنجي راءِ

جيڪڏهن حقيقتن جي باري ۾ ٻڌائڻو آهي تہ اِهو واضح ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ اُهو نقطو ڪٿان حاصل ٿيو. شخصي طور جائزي وٺڻ سان، ڪنهن ڪتاب مان، ڪنهن انٽرويوءَ ذريعي، قلمي نسخي مان يا تجربي وسيلي. صفحي جي هيٺان ان نقطي جي حاصلات وارو وسيلو بہ ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي. انهن وسيلن جي ئي بنياد تي ممتحن يا ڪو پڙهندڙ حقيقتن جي وزنائتي هئڻ جو اندازو لڳائي سگهندو آهي. محقق کي ڪنهن بہ حقيقت ۽ ڪنهن بہ راءِ جي فرق کي چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي. ڪنهن حقيقت کي پنهنجي مقالي ۾ بيان ڪرڻ وقت ڪيئن لکڻ کپي،

"فلاڻي ودوان (عالم) اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ...."

۽ ڪنهن جي شخصي راءِ کي تحرير ڪندي ڪيئن لکڻ گهرجي،

"فلاڻي ودوان جو هيءُ خيال آهي تہ......"

بنيادي قياس آرائيءَ جي حيثيت هڪ قبول ٿيل حقيقت يا هڪ اُصول جهڙي هوندي آهي. اُن جي مقبوليت ايتري قدر عام ٿي ويندي آهي، جو پوءِ اُن جي لاءِ

ڪنهن بہ ثبوت جي ڪا ضرورت ئي ڪانہ رهندي آهي، مثلاً: اها چوڻي تہ 'ساهتيہ لفظن جو هڪ خصوصي ڪاروبار آهي'، ڪنهن بہ ثبوت جو محتاج نہ آهي، اِها عام طور تسليم ٿيل حقيقت يا اُصول آهي، جنهن جي سچائيءَ تي ڪو بہ گمان ڪري نٿو سگهجي. ان قسم جون بنيادي قياس آرائيون هر هڪ مقالي ۾ استعمال ڪيون وينديون آهن.

محقق کي اِهو خيال رکڻ گهرجي تہ تحقيق جي دائري ۾ صرف حقيقتن ۽ سچاين جي ئي اهميت هوندي آهي. ڪنهن جي شخصي قول يا اُن جي راءِ جي اهميت تمام گهٽ ٿيندي آهي. ڪنهن رايي جي وشواس (ويساهہ) جوڳي هئڻ جو مدار اِن ڳالهہ تي هوندو آهي تہ اُن جو پيش ڪندڙ ڪيترو اعتماد جوڳو آهي.

جيتري قدر محقق جي پنهنجي راءِ جو سوال آهي تہ وڌيڪ بهتر ائين ٿيندو تہ هُو ڪنهن بہ قسم جي راءِ ڏيڻ کان ڪناره ڪشي ڪري. جيڪڏهن هرويرو ضروري هجي تہ اُن کي مختصر صورت ۾ notes طور ڏيئي سگهبو آهي. قياس آرائين جو بنياد ڪنهن ٺوس ثبوت تي نہ، پر ڪنهن تاثر تي هوندو آهي، ۽ تاثر جي لاءِ تحقيقي مقالي ۾ ڪا بہ گنجائش ڪانہ هوندي آهي، ڇو تہ اُن جي بنياد تي وشواس جوڳا نتيجا حاصل نہ ڪري سگهبا آهن. محقق جي شخصي راءِ ڏيڻ سان مقالي ۾ هڪ انفرادي پڻو اچي وڃي ٿو جنهن کان مقالي کي بچائڻ گهرجي. محقق جي پنهنجي راءِ جو صرف هڪ ئي فائدو آهي، ۽ اُهو هيءَ تہ اُن جي بنياد تي مقالي جي رٿابندي ڪري سگهبي آهي.

**مقالو ۽ پاٺڪ (پڙهندڙ):** محقق کي اِها صلاح ڏني ويندي آهي تہ هُو مقالي لکڻ وقت اُن جي پڙهندڙن کي هميشہ ڌيان ۾ رکي. ان طرح کيس پنهنجي ڪم ۾ منظم رهڻ جي تحريڪ ملندي آهي ۽ هُو اِهو سوچيندو رهندو آهي تہ هڪ ڳنڀير ۽ ذهين پاٺڪ، سندس مقالي مان ڪهڙيون اميدون رکي ٿو. محقق کي اِهو خيال رکڻ گهرجي تہ اُن جو پڙهندڙ ڪو وچولي درجي وارو يا عام شخص نہ، پر يقيني طور اُهو علم ۽ گيان جي لحاظ کان هڪ ممتاز شخصيت هوندو. هو اُن ميدان بابت ڪافي ڪجهہ ڄاڻ بہ رکندو هوندو. اهڙيءَ طرح پاٺڪ اُن وشيہ (موضوع) جو صرف ڄاڻندڙ ئي نہ، پر خاص ماهر بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو پيش ڪيل مقالي کي انتهائي باريڪ بينيءَ سان پڙهي، اُن جي معيار بابت ڪو فيصلو بہ ڏئي سگهي ٿو. محقق کي پاٺڪ جي دماغ ۾ پيدا ٿيندڙ سوالن ۽ اُن جي تجسس کي بہ ڌيان ۾ رکڻو آهي، ۽ ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اُن جي مقالي ۾ پاٺڪ جي ذهن ۾ آيل مناسب سوالن ۽ سندس تجسس جو واجب جواب بہ کيس ملي سگهي.

**ادبي مقالن جون ڪجهه عام خاميون:** ڪجهه تحقيقي مقالن ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي خامي اها نظر ايندي آهي تہ اُن ۾ ڪي اهڙا تہ هلڪڙا بيان ڏنا ويندا آهن، جن جي پُٺڀرائيءَ ۾ ڪي ضروري شاهديون يا دليل پيش ئي ڪونہ ٿيل هوندا آهن. اهڙن بيانن سبب پاٺڪ (پڙهندڙ) ۽ کوجنيڪ (محقق)، ٻئي مونجهاري ۾ پئجي سگهندا آهن.

مقالي جي ٻي خامي اِها ٿي سگهي ٿي تہ پيش ڪيل بيانن جو پاڻ ۾ ڪو تعلق يا رابطو ئي نہ هوندو آهي. ان سلسلي ۾ محقق کي اِهو ڏسڻ گهرجي تہ هُو چوڻ ڇا ٿو چاهي؟ تنهن ڪان سواءِ هُو پنهنجي ڳالهہ صحيح نموني ۾ چئي سگهيو آهي يا نہ؟

ٽيون نقص دليلن ۽ مواد جي رٿا يا تنظيم بابت ٿي سگهندو آهي. ان سلسلي ۾ محقق کي پنهنجي مقالي جي روپ ريکا جي پوري پوري رٿابندي اڳواٽ ئي ڪري ڇڏڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح اڳواٽ ڪيل رٿابنديءَ کان سواءِ مقالو لکڻ نامناسب آهي.

ڪڏهن ڪڏهن اِها پڻ خامي نظر ايندي آهي تہ محقق پنهنجي پاٺڪ (پڙهندڙ) کي مقالي جي روپ ريکا جي طريقہ ڪار کان پوريءَ طرح واقف ئي نہ ڪندو آهي. اُن لاءِ کيس گهرجي تہ هُو پاٺڪ کي پنهنجي طريقہ ڪار بابت مشڪوڪ ٿيڻ نہ ڏئي.

تنهن ڪان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن محقق پاڻ ئي پنهنجو وشيہ ۽ اُن مقصد کي صحيح نموني نہ سمجهي سگهڻ ڪري بہ ڪجهہ خرابيون پيدا ڪري سگهندو آهي. محقق جو فرض آهي تہ هُو اهڙي قسم جي ڪنهن بہ خاميءَ کي پنهنجي مقالي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏئي.

## باب ٻارهون

# مقالي جا مختلف جزا ۽ روپ ريکا

جيئنتوڻيڪ وشيہ (موضوع/مضمون) جي لحاظ کان ئي مقالي جي جزن کي مقرر ڪيو ويندو آهي، پوءِ بہ انهن ۾ هڪ عام هڪجهڙائي هيٺينءَ ريت ٿي سگهي ٿي:

**1. مقالي جو شروعاتي حصو:**

(الف) سرورق

(ب) مهاڳ ۽ شڪريي ادائي

(ٻ) ترتيب

(پ) اشارن (symbols) يا نشانين جي فهرست ۽ خاڪا يا تصويرون وغيره.

**2. مقالي جو خصوصي حصو:**

(الف) وشيہ (موضوع/مضمون) جو تعارف

(ب) وشيہ (موضوع/مضمون) جي مختلف بابن جي وضاحت

(ٻ) نتيجا

**3. مقالي جو آخري حصو:**

(الف) مددي ڪتابن جي ياداشت

(ب) ٻيو مددگار مواد ۽ تصويرون وغيره

(ٻ) پڇاڙي

## 1. مقالي جو شروعاتي حصو

**سرورق ۽ سرو:** سرورق تي سڀ کان خاص ڳالهہ سرو يا عنوان هوندو آهي. اُن کان سواءِ ٻي ڪجهہ چاڻ بہ هيٺينءَ ريت هوندي آهي:

(i) يونيورسٽيءَ جو نالو جنهن ۾ مقالو پيش ڪيو ويو آهي.

(ii) سال جو ذڪر ڪيل هجي، جڏهن مقالي جي تڪميل ۽ پيشڪ ٿيل هجي.

(iii) ڊگري يا سند، جنهن لاءِ اُن مقالي کي پيش ڪيو ويو آهي.

(iv) محقق جو نالو.

(v) رهنما جو نالو.

اِنهن ڳالهين جي باري ۾ ڪنهن تفصيل پيش ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. باقي صرف سري يا عنوان بابت مختصر طور اظهار خيال ڪيو ويندو آهي.

سرو سرورق جي مٿئين حصي تي وڏن اکرن سان لکيو ويندو آهي. جيڪڏهن سرو ننڍو آهي ته هڪ سٽ ۾ ئي اچي پوندو آهي ۽ جيڪڏهن سرو ڊگهو آهي ته اُن کي هڪ کان وڌيڪ سٽن ۾ به لکي سگهبو آهي. عام طور مڃيل اُصول هيءَ آهي ته سري جي پهرين سٽ ڪجهه وڏي ۽ ٻي سٽ ڪجهه ننڍي هئڻ گهرجي. ان طرح سرورق جي خوبصورتي تي قائم رهندي آهي. ڪجهه مقالن ۾ سرو سرورق تي مٿئين حصي کان ساڄي پاسي ڏانهن به ملندو آهي، پر اُن جو وچ ۾ هئڻ ئي وڌيڪ مناسب لڳندو آهي.

مقالي جو سرو وشيه (موضوع) يا مسئلي جو اظهار ڪري ٿو. اُن جون هي به خصوصيتون هئڻ کپن ته اُهو وڏ ۾ وڏ مختصر هجي ۽ مسئلي کي پوريءَ طرح واضح ڪري سگهي. سرو تحقيق هيٺ آيل وشيه (موضوع/مضمون) جو سار هوندو آهي. ٿورن کان ٿورن لفظن تي مشتمل عنوان بهتر سمجهيو ويندو آهي. اِهو ضروري نه آهي ته سرو هڪ جملي جي صورت ۾ هجي. سرو عام طور ڪنهن جملي جي شڪل ۾ ڪونه هوندو آهي، يعني اُن ۾ فعل شامل ڪونه هوندو آهي. سِري جي وسيلي وشيه (موضوع/مضمون) جي وضاحت ته ٿيندي آهي، پر اُن سان گڏوگڏ ضرورت موجب وشيه (موضوع) جي حدبندي پڻ ڪئي ويندي آهي. سري جي وسيلي تحقيقي عمل جي طريقه ڪار جو ذڪر پڻ ڪري سگهبو آهي. مثلاً:

- "...... ۽ ...... جو تقابلي اڀياس"
- "...... جو تنقيدي اڀياس"
- "...... جو تجزياتي اڀياس" وغيره

**مهاڳ:** مقالي جي اصل مواد شروع ٿيڻ کان اڳ مهاڳ ايندو آهي، جنهن ۾ محقق انهن عملن جو خاص طور ذڪر ڪندو آهي، جن ميٿ هن اهو مقالو لکيو آهي. ان سان گڏوگڏ هُو مقالي جي الڳ الڳ بابن جي ورهاست ۽ انهن جا سبب ٻڌائيندو آهي ۽ آخر ۾ شڪريي ادائي وغيره به ڪندو آهي. جيتوڻيڪ هيءُ حصو تمام مختصر هوندو آهي، پوءِ به ان سلسلي ۾ هيٺين عنوانن تي غور ڪيل هوندو آهي:

**تحريڪ جا وسيلا:** محقق پنهنجي تحقيقي عمل لاءِ وشيه جي چونڊ ڪنهن مضبوط تحريڪ يا هلچل جي بنياد تي ڪندو آهي. ان تحريڪ جا هيٺيان وسيلا ٿي سگهن ٿا:

(i) وشيه (موضوع) جو بلڪل نئون، يا ڪنهن وڏي حد تائين نئون هجڻ، جنهن تي اڃا تائين ڪم ٿيل نه هجي.

(ii) جيڪڏهن اُن وشيه (موضوع) تي ڪجهه ڪم ٿيو آهي ته اُن کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت، امڪان ۽ مقصد هجي.

جيتوڻيڪ مقالي جي سرو پٽهنجي وشيہ طرف اِشارو تہ ڪندو آهي، پوءِ بہ اُن جو تفصيلي ذڪر مقالي جي شروع ۾ ئي ڪري ڇڏڻ گهرجي. وشيہ جو بيان ايترو واضح ۽ مڪمل هئڻ گهرجي، جو پاٺڪ جي دماغ ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبهو پيدا ئي نہ ٿئي.

وشيہ جي وضاحت سان گڏ اُن جي وشالتا جو ذڪر بہ ضروري هوندو آهي. اِهو سڀ ڪجهہ پوري وشواس (اعتماد) سان ۽ انتهائي متاثر ڪندڙ انداز ۾ بيان ڪرڻ گهرجي. وشيہ جي بيان سان اِها ڄاڻ پوندي آهي تہ مسئلي جي حل لاءِ ڪهڙو مواد فائديمند ۽ ضروري ٿيندو. مسئلي جي حل جو طريقہ ڪار بہ اُن ۾ واضح ڪيو ويندو آهي. مسئلي جو ذڪر سڌو سنئون ئي ڪرڻ گهرجي. اِهو بلڪل ڪلليل نموني پڌائڻ گهرجي تہ اُن ۾ ڪهڙو مواد استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ڪهڙو مواد نظر انداز ڪيل آهي.

پنهنجي مسئلي ڪي جن بنيادي قياس آرائين جي روشنيءَ ۾ حل ڪيو ويو آهي، اُنهن جو ذڪر بہ هئڻ گهرجي. بنيادي قياس آرائيون مسئلي جي حل جي بنياد طرف اشارو ڪنديون. آخر ۾ ممتحن يا پاٺڪ لاءِ اِها ڳالهہ واضح ٿيڻ گهرجي تہ اُن وشيہ جي ڪيتري اهميت آهي ۽ اُن کي چونڊ ڪرڻ جو سبب ڪهڙو آهي.

**اڳ ليل تحقيقات جو جائزو:** مقالي جي شروع ۾ اُن وشيہ متعلق اڳ ڪيل سمورين تحقيقن (ڪوجنائن) جو هڪ جائزو بہ پيش ڪرڻ گهرجي، جن جي روشنيءَ ۾ زيرنظر مقالي جي وشيہ جي ارتقاء، ان مقالي جي ضرورت ۽ اهميت جو نقطہ نظر سمجهائي سگهجي ٿو.

ان جائزي کي بہ اڀياس جي مرحلن موجب هيٺين وشين ۾ ورهائي سگهجي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح مقالي جي روپ ريکا جي وضاحت پڻ ٿي ويندي. اڀياس ڪيل ڪتابن جي سلسلي ۾ انهن جي مختلف دورن جي فهرست پيش ڪرڻ سان اهو جائزو مڪمل ڪونہ ٿو ٿئي، پر اُن ڪم ۾ وڌ کان وڌ ڇنڊڇاڻ ۽ تنقيد جي ضرورت آهي. تنقيد جو نقطہ نظر انهن مقالن جي خامين وغيره کي واضح ڪندو آهي. اڀياس سان حاصل ڪيل مقصد ۽ اُن جي سببن جي قدر ۽ قيمت، صحيح ۽ مختصر نموني ڪرڻ گهرجي. محقق کي پنهنجي استعمال ڪيل وسيلن جو ذڪر تفصيل سان ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اُن جي روشنيءَ ۾ ممتحن يا پاٺڪ واسطيدار مقالي کي چڱيءَ طرح پرکي سگهي.

مقالي جو هيءُ حصو سياويڪ طور تفصيل پسند هوندو آهي. اُن لاءِ محقق کي اهو احتياط رکڻ گهرجي تہ اُهو تفصيل تمام گهڻو وڌي نہ وڃي، پر صرف بنيادي نقطا

واضح طور تي سامهون اچڻ گهرجن. اِهو بہ ضروري نہ آهي تہ ڪو ان ڪان اڳ لکيل سمورن مقالن جو اپياس ۽ ذڪر ڪيو وڃي، پر هتي صرف چند اهم مقالن کي سامهون رکي، انهن جو تنقيدي بيان ڏنو وڃي. تحقيق جي هن حصي ۾ محقق پنهنجيءَ سموريءَ چاڻ جي اظهار واري لالچ ۾ پئجي سگهي ٿو. جنهن کان پاڻ بچائيندي، ان حصي کي ضرورت کان وڌيڪ مفصل ٿيڻ نہ ڏجي.

**مسئلي جي حل جو بيان:** مسئلي کي واضح طور بيان ڪرڻ کان پوءِ اُن جي حل جو ذڪر اچڻ گهرجي. هيءُ مقرر ٿيل رٿابنديءَ جو آخرين حصو آهي. جيڪڏهن اُن ستاء جو ڪو حصو رد ٿيل يا نظر انداز ڪيل هجي ۽ ان سلسلي ۾ ڪجهہ دليلن کي پيش ڪرڻ ضروري هجي تہ مختصر نموني انهن ڏانهن اشارو ڪيو وڃي. مواد جي ذڪر ڪرڻ کان اڳ ئي حل يا فيصلي جو بيان ڪرڻ مفيد هوندو آهي. پاٺڪ، مسئلي ۽ اُن جي حل جي روشنيءَ ۾ دليلن کي سٺي نموني سمجهي سگهندو آهي. محقق، پنهنجي حل کي آخر تائين لڪائي پاٺڪ (پڙهندڙ) کي وڌيڪ تجسس يا انتظار ۾ رکڻ نہ چاهيندو آهي. هُو پنهنجي حل جو بيان ان ڪري پهريائين ئي ڪري ڇڏيندو آهي تہ جيئن پاٺڪ (پڙهندڙ)، سندس سوچ جي رفتار ۽ دليلن جي وضاحت کان وقت بہ وقت واقف ٿيندو رهي.

حل جو ذڪر رٿابنديءَ سان ڪيو ويندو آهي، جنهن کي محقق پنهنجي تحقيق جي مختلف طريقن ۽ عمل جي ذريعي پنهنجي مقالي ۾ ثابت ڪندو آهي.

**طريقہ ڪار جو بيان:** مقالي جي مهاڳ واري حصي ۾ تحقيق جي طريقہ ڪار جو بہ واضح هئڻ ضروري آهي. جيڪڏهن تحقيق جو طريقو اٽپورو ۽ غير وگيانڪ (غير سائنسي) هوندو تہ نتيجا بہ ناقص ۽ ناقابل وشواس هوندا. هڪ ممتحن يا ڪو هوشيار پاٺڪ، مقالي جي ان ڳالهہ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪندو آهي. تہ جيڪو طريقہ ڪار استعمال ڪيو ويندو آهي، اُهو وگيانڪ (سائنسي) آهي يا نہ. مسئلي توڙي وشيہ جي مناسبت سان ان جي ڪهڙي ۽ ڪيتري اهميت آهي. طريقہ ڪار جو ذڪر ڪندي سڀ کان پهرين هڪ عام اشارو ڏيڻ گهرجي. جيئن تہ: تاريخي طريقہ ڪار، تفصيلي طريقہ ڪار يا عملي طريقہ ڪار وغيره. جنهن کان پوءِ اُن جا مرحلا بيان ڪرڻ بہ ضروري آهن. مقالي جو معيار جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ اُن جو طريقہ ڪار ئي هڪ بنياد آهي. طريقہ ڪار جي بيان سان گڏ مواد ۽ معلومات جي وسيلن جو ذڪر بہ ڪرڻ گهرجي، جهڙوڪ: اُن مواد کي ڪهڙيءَ طرح حاصل ڪيو ويو؟ گڏ ڪيل مواد جي درجي بندي ۽ اُن جي ڇنڊڇاڻ ڪهڙي طريقي سان ڪيل آهي؟ ان قسم جي سوالن جو جواب، مقالي جي مهاڳ واري حصي ۾ ئي ملي وڃڻ گهرجي.

(1) مڪمل مواد (2) مواد جي چند چاڻ ۽ (3) مواد مان پيدا ٿيل دليل.

ڪنهن به مقالي ۾ صرف مواد جا تفصيل پيش ڪرڻ بي معنيٰ هوندو آهي، چو ته اُن سان گڏوگڏ ضروري چنڊڇاڻ وسيلي اهو پڻ واضح ٿيڻ گهرجي ته مواد جي بنياد تي ڪهڙا ثبوت ۽ شاهديون ملن ٿيون. مواد جي بنياد تي محقق جا حاصل ڪيل حوالا ثوس ۽ مضبوط هئڻ گهرجن ۽ انهن جو تعلق رٿابنديءَ سان هئڻ گهرجي.

**بابن جي سٽه يا ترتيب:** مقالي جو مرڪزي حصو مختلف بابن ۾ ورهايل هوندو آهي. انهن جي جدا جدا بابن ۾ مواد ۽ انهن سان تعلق رکندڙ حوالا مختلف مرحلن ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. انهن بابن جو پاڻ ۾ به وري هڪ رابطو هئڻ گهرجي. هڪ باب، جنهن نقطي تي ختم ٿئي، ايندڙ باب اُنهيءَ نقطي کان شروع ٿيڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ائين به چئي سگهجي ٿو ته مقالي جي تنظيم ڪنهن رزميه نظم جي مختلف حصن وانگر هوندي آهي، جن مان هر هڪ باب کي، گذريل باب مان هڪ تحريڪ ملڻ گهرجي ۽ اُن کي ايندڙ باب جي شروعات سان مناسبت رکندڙ هجن. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن شاعر جي باري ۾ تحقيق ڪئي وئي آهي ته اُن جي بابن جي ترتيب هن ريت هئڻ کپي: دور، شخصيت، تصنيفون وغيره. مطلب ته بابن جي ترتيب هڪ مقرر اُصول موجب هئڻ گهرجي. جيئن اُها ورهاست سپاويڪ لڳي. هر هڪ باب پنهنجيءَ جاءِ تي مڪمل ته هئڻ ئي گهرجي، پر ان ۾ ڪجهه اهڙو تجسس به باقي رهڻ گهرجي، جو ايندڙ باب جي اڀياس جو به سبب بڻجي سگهي. اِن طرح بابن جي صحيح ترتيب تي ئي مقالي جي مجموعيت جو مدار هوندو آهي.

## 3. مقالي جو آخري حصو

**نتيجن جي روپ ريکا:** هيءُ مقالي جو آخري حصو هوندو آهي، جنهن ۾ سموري اڀياس جي اهم پاسن جو جائزو ڏنو ويندو آهي. اُن جائزي جي بنياد تي ئي تحقيقي نتيجن جو تعين ڪيو ويندو آهي. ڪنهن به مقالي ۾ هيءُ حصو انتهائي خبرداريءَ سان لکڻ گهرجي، چو ته هيءُ ئي حصو ممتحن کي مقالي جي معيار جاچڻ ۾ مدد ڪندو آهي، ۽ پاڻڪ (پڙهندڙ) به هن باب ۾ ٿوري ئي وقت ۾ مقالي جو سار (تَتُ) سمجهڻ جي اُميد رکندو آهي.

هن حصي ۾ جن نتيجن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، اُنهن مان اِها به خبر پوندي آهي ته انسان جي سموري علم کي وڌائڻ لاءِ اُنهن نتيجن جو ڪهڙو يوگدان (contribution) رهيو آهي. هيءُ حصو تمام جامع ۽ مختصر هئڻ گهرجي. نتيجا بڌائڻ جو مقصد اِهو هوندو آهي ته ان تحقيقي عمل ڇا ايجاد ڪيو آهي؟ وشيه جو

ذڪر ڪرڻ مهل جيڪي سوال ڪنيا ويا هئا، اُنهن جو مختصر جواب هنَ ئي حصي ۾ ڏنو ويندو آهي.

نتيجن جو تعداد جيڪڏهن وڌيڪ هجي تہ اُنهن جي درجي بندي ڪري، هر هڪ حصي کي واضح صورت ۾ پيش ڪرڻ گهرجي. هر هڪ نتيجو پاڻ کان اڳ واري نتيجي ۽ ايندڙ نتيجي سان رابطو رکندڙ هجي. هن حصي ۾ ڪنهن بہ قسم جو تضاد نہ هئڻ گهرجي، ڇو تہ اُلجهيل نتيجا بي معنيٰ هوندا آهن. جيڪڏهن نتيجن کي پيش ڪرڻ ۾ ڪا دشواري محسوس ٿئي تہ ائين سمجهڻ کپي تہ محقق، پاڻ پنهنجي ئي تلاش ۾ واضح ۽ مطمئن ڪونہ آهي. اهڙن نتيجن تي ٻيهر نظر ثاني ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي.

پنهنجي حاصل ڪيل نتيجن جي باري ۾ اندروني رابطو تہ هئڻ ئي گهرجي، پر اُنهن نتيجن جو ٻين محققن جي حاصلات سان بہ ضرورت مطابق تعلق ڏيکارڻ گهرجي. هڪ ڳالهہ جو خاص خيال رکجي تہ محقق کي پنهنجي شخصي ڇنڊڇاڻ ۽ حاصلات تائين محدود رهڻ گهرجي، ۽ نتيجن جي صورت ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن بہ نہ ڏيڻ کپن، جن جي ڇنڊڇاڻ مقالي ۾ ٿيل ئي نہ هجي. ان طرح محقق کي هر وقت پنهنجي سيمائن (حدن) جو احساس هئڻ کپي. محقق کي خود پنهنجو پاڻ کان سوال ڪرڻ گهرجي تہ انهن نتيجن کي پيش ڪرڻ وقت سندس آتم وشواس تہ ڪمزور ڪونہ ٿو ٿئي! جيڪڏهن ائين هجي تہ کيس پنهنجي ڪم تي وري نظرثاني ڪرڻ گهرجي.

مقالي جي آخري حصي ۾ نتيجا پيش ڪرڻ وقت اِهو پڻ خيال رکجي تہ اُن ۾ ڪا نئين ڳالهہ نہ ڇيل هجي؛ پر سموري مقالي ۾ جيڪي ڳالهيون تفصيل سان ڇيل آهن، صرف اُنهن جو ئي سار (تت) هن حصي ۾ اختصار سان ڏيڻ گهرجي.

هن حصي کي پڙهڻ سان اِهو واضح ٿيڻ گهرجي تہ پيش ڪيل مقالي ڇا ثابت ڪيو آهي. هيءَ حصو ڪيترو ڊگهو هجي، تنهن جي باري ۾ ڪو بہ اُصول مقرر ٿيل ڪونہ آهي. اُن جون حدون، وشيہ ۽ مقالي جي وشالتا (وسعت) تي مدار رکن ٿيون. عام طور تي ادبي مقالن ۾ هيءَ حصو ڏهن صفحن کان وڌيڪ ڪونہ هوندو آهي.

**مقالي جي پڇاڙي:**

(الف) سمورا پڙهيل ڪتاب، جن مان مدد ورتي وئي، يا حوالا اخذ ڪيا ويا، اُنهن جي فهرست 'ڪتابن جي يادداشت' واري عنوان هيٺ ڏيڻ گهرجي.

(ب) ڪهڙو ٻيو مددگار مواد، تصويرون، يا خاڪا وغيره جيڪي مقالي ۾ ڪم آندل هجن، اُنهن کي جدا جدا ضميمي (Appendix) هيٺ ڏيڻ کپي.

## باب تيرهون

# تحرير جي لحاظ کان مقالي جي روپ ريکا

**بابن جا عنوان:** مقالي جي عنوان جون خصوصيتون، بابن جي عنوان ۾ بہ هئڻ کپن، ڇو تہ عنوان ئي پوري باب جو علامتي نمائندو هوندو آهي عنوان کان اڳ، اُن مخصوص باب جو ڳڻپ نمبر هوندو آهي. بابن جي فهرست، مهاڳ يا مقدمي کان اڳ بہ ڏيئي سگهبي آهي. هر عنوان صفحي جي مٿئين حصي کان بہ ٽي انچ هيٺ لکڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ ٽائيپ جي ٻن ٽن سٽن جي جاءِ ڇڏي، باب جو متن شروع ڪرڻ گهرجي.

**بابن جا اندريان عنوان:** بابن جو متن بہ مختلف عنوانن هيٺ ورهائي سگهجي ٿو. عنوان جي هيٺيان ليڪ ڪڍڻ گهرجي ۽ اُن سٽ کي ڇڏي، هيٺينءَ سٽ کان متن شروع ڪرڻ گهجي. بابن جي اندرين عنوانن هيٺان ليڪ ڏيڻ ضروري نہ آهي ۽ اندرين عنوانن لکڻ کان پوءِ، اُنهيءَ سٽ واري رهيل جاءِ کان ئي متن لکڻ گهرجي. اِن طرح سمورن عنوانن جي ترتيب ۾ لکڻ جي سٽاءُ پوري باب ۾ ئي نہ، پر سموري مقالي ۾ هڪجهڙي هئڻ ضروري آهي.

**حاشيو:** هر صفحي تي ساڄي پاسي، 3/4 انچ ۽ کاٻي پاسي 1/2 انچ جو حاشيو ڇڏڻ جو اُصول آهي. هر صفحي جي آخري سٽ صفحي جي هيٺئين حصي کان هڪ انچ مٿي تائين هئڻ گهرجي. هر شروع ٿيندڙ نئين باب جي عنوان واري صفحي تي، صفحو نمبر نہ ڏنو ويندو آهي، باقي سمورن صفحن تي. صفحو نمبر اُن جي کاٻي پاسي، مٿئين حصي کان عام طور هڪ انچ هيٺ هئڻ گهرجي. اُهو صفحو نمبر کاٻي پاسي کان 1/2 انچ اندر جي طرف لکڻ گهرجي

**صفحن جي تعداد جي ڳڻپ:** شروعات واري صفحي کان وٺي آخر تائين، صفحن جو عدد لڳاتار ڳڻپ ۾ نہ هئڻ گهرجي. اڄڪلهہ مهاڳ واري حصي ۾ ٻين اهم حصن وارن صفحن کي الڳ ڪري ڳڻڻ جو طريقو مروج آهي. انهن کي الڳ ڪري ڳڻڻ لاءِ مهاڳ واري حصي ۾ صفحن جو نمبر اکرن ۾ يعني: الف ب، ت يا رومن انگن II، III وغيره ۾ ڪري ڏيڻ گهرجي. باب جي عنوان وارو صفحو اُنهن اُصولن کان آجو هوندو آهي ۽ اُن تي ڪوبہ صفحو نمبر ڪونہ ڏنو ويندو آهي، پر اُن کي ڳڻپ ۾ ضرور آندو ويندو آهي. مقالي جو سرورق نہ تہ ڳڻيو ويندو آهي ۽ نہ ئي اُن تي ڪو نمبر ئي لکيو ويندو آهي.

**مددي ڪتابن جي فهرست:** مقالي ۾ مددي ڪتابن جي يادداشت کي هڪ اهم مقام حاصل هوندو آهي، ممتحن ۽ پڙهندڙ کي اُن جي وسيلي اها ڄاڻ پوندي آهي تہ محقق لاءِ سموريون حقيقتون ۽ معلومات حاصل ڪرڻ جا وسيلا ڪهڙا هئا. ان لاءِ هر مقالي ۾ مددي ڪتابن جي فهرست لازمي طور ڏني ويندي آهي. ان ۾ انهن سمورن ڪتابن جا نالا شامل هئڻ گهرجن، جن جو اُن مقالي سان سڌو سنئون تعلق هجي.

مقالي ۾ مددي ڪتابن جي فهرست عام طور ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل هوندي آهي، 'ڪتاب' ۽ 'رسالا'. جيڪڏهن ضرورت هجي تہ 'قلمي نسخن' جي نالي سان ٽيون ڀاڱو بہ ٺاهي سگهبو آهي. انهن حصن کي ٻوليءَ جي لحاظ کان پڻ ورهايو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو مقالو پيٽ ڪندڙ موضوع يا تقابلي نوعيت جو آهي تہ سامهون واري ٻوليءَ جي مددي ڪتابن جي فهرست سان چوٿون ڀاڱو بہ قائم ڪري سگهبو آهي.

ڪجهہ مقالن ۾ مددي ڪتابن جي فهرست، مقالي جي شروعات ۾ ئي ڏني ويندي آهي. ڪجهہ مقالن ۾ هر هڪ باب جي پڇاڙيءَ ۾ انهن ڪتابن جي فهرست ڏني ويندي آهي، جن جا حوالا اُن باب ۾ استعمال ٿيل هوندا آهن. پر عام طور اصول اِهو آهي تہ مددي ڪتابن جي فهرست، مقالي جي آخر ۾ ئي ڏني وڃي.

مددي ڪتابن جي فهرست ۾ پهريائين ليکڪ جو نالو پوءِ ڪتاب جو نالو پوءِ اشاعت واري هنڌ ۽ ڇپائيءَ جي سال جو ذڪر هوندو آهي. مصنف يا مؤلف جي نالن جي لحاظ کان ڪتابن جي فهرست کي صورتخطيءَ واري هجي (الف ـ ب) جي ترتيب سان لکڻ گهرجي.

رسالن جي فهرست ۾ مهيني، سال، جلد، ۽ مضمون جي سري جو ذڪر هئڻ گهرجي. مهينو سال ۽ جلد نمبر ڏنگين ۾ ڏئي سگهبو آهي.

**ضميمو:** ضميمي ۾ عام طور اهڙي مواد جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، جيڪو پيش ڪيل مقالي سان تعلق رکندڙ ۽ ان لاءِ مفيد تہ هوندو آهي، پر جيڪڏهن ان کي مقالي جي متن ۾ شامل ڪيو وڃي تہ مقالي جي پيشڪش جو طريقو نامناسب ڀاسڻ لڳندو آهي. فرض ڪريو تہ ڪو مقالو ڪنهن همعصر اديب يا شاعر جي باري ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. محقق ان ليکڪ يا شاعر کان انٽرويو ڪري پنهنجن سوالن جا جواب حاصل ڪري ورتا. اهڙن سوالن جوابن کي صرف ضميمي (Annexure) ۾ ئي ڏئي سگهبو آهي. اهڙيءَ طرح وشيہ سان تعلق رکندڙ وڌايل مواد بہ ضميمي ۾ شامل ڪري سگهبو آهي. اختصار يا تاتپريہ، تصويرون، خاڪا ۽ ٻيون ضروري

تقابلي جدولون بہ ضميمي طور ڏيئي سگهبيون آهن. جي مقالي جي ڇنڊڇاڻ لاءِ ضروري هونديون آهن. ضميمو شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ صفحو خالي ڇڏڻ گهرجي، جنهن تي لفظ 'ضميمو' لکيل هئڻ گهرجي.

**ذيلي اشارا** (Footnotes): اهو طئي ٿيل اُصول آهي تہ جنهن بہ ذريعي کان مواد حاصل ڪيو ويو آهي، توڙي اُهو مواد ساڳئي جو ساڳيو ورتل هجي يا ان جو صرف تاتپريہ ئي مقالي ۾ استعمال ڪيل هجي، مقالي ۾ اُن جو ذڪر اچڻ ضروري آهي. حوالن متعلق اُهو بيان 'ذيلي اشارن' (Footnotes) جي صورت ۾ ڪيو ويندو آهي. مقالي جي متن ۾ اهڙن حوالن يا اقتباس (quotations) تي، هر صفحي تي الڳ الڳ ڳڻپ نمبر لڳايا ويندا آهن ۽ اُنهن جي لحاظ کان صفحي جي سمورن قولن ۽ اقتباسن جا حوالا، اُن ئي صفحي جي هيٺئين حصي تي سلسليوار تحرير ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن هر هڪ صفحي جي هيٺئين حصي ۾ حوالن جي تحرير نہ هوندي آهي تہ پوءِ پوري باب ۾ ڏارين چوٽين يا اقتباسن کي ڳڻپ نمبر لڳاتار ڏنا ويندا آهن. جيڪي هڪ صفحي کان پوءِ ٻئي صفحي تي بہ ساڳئي ئي ڳڻپ نمبر کي جاري رکندا آهن. اُها ڳڻپ سموري باب تائين جاري رهندي آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن پوري باب ۾ انگن جي ترتيب هڪ ئي هوندي تہ پوءِ باب پوري ٿيڻ کان پوءِ آخر ۾ انهن حوالن وارن سمورن نمبرن جا سلسليوار تفصيل ڏنل هوندا آهن. ڪڏهن تہ وري حوالن جي انگن جي اِها ڳڻپ، باب پوري ٿيڻ کان پوءِ بہ تبديل ڪانہ ٿيندي آهي ۽ ايندڙ باب ۾ بہ ساڳئي ئي سلسلي کي جاري رکيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح پوري مقالي ۾ هڪ ئي ترتيب سان اُهي حوالا نمبر ڏنل هوندا آهن.

ان طرح ذيلي اشارن يا حوالن جي سلسلي ۾ ٽي طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن: پهريون اِهو تہ هر صفحي جي متن ۾ آيل اشارن جي وضاحت اُن ئي صفحي جي هيٺئين حصي ۾ ڪئي ويندي آهي. ڪڏهن پوري باب جي آخر ۾ ٿيل هوندي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن وري پوري مقالي جي اشارن جي وضاحت، مقالي جي آخر ۾ باب ۽ صفحي نمبر جي حوالي سان ڪئي ويندي آهي.

اشارن جي وضاحت ۾ صرف ليکڪ جو نالو ڪتاب جو نالو ۽ صفحو نمبر ڏنو ويندو آهي. جڏهن تہ اشاعت جي جاءِ سال وغيره ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ آهي، جو مددي ڪتابن جي فهرست ۾ اُها ڄاڻ ڏني ئي ويندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مقالي ۾ ڪنهن اڻ ڇپيل مقالي يا قلمي نسخي جو حوالو بہ ڏيڻو پوندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ مقالي جو ليکڪ مقالي جو عنوان (اڻ ڇپيل)، يونيورسٽيءَ جو نالو ۽ اُن جي پيشڪش جو سال بيان ڪرڻ ڪافي

آهي. قلمي نسخي جي باري ۾ ان لائبرريءَ جو نالو جتان اُهو نسخو ملي سگهي ۽ اُن لائبرريءَ ۾ اُن ڪتاب جي نمبر جو ذڪر ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

اشارن جي وضاحت جو هڪ جديد ترين طريقو بہ آهي: پنهنجن سمورن مددي ڪتابن جي فهرست، انگن جي ڪُلپ جي لحاظ کان مقالي جي شروع يا آخر ۾ ڏني ويندي آهي. پوءِ اُن مان هڪ مخصوص ڪتاب جا حوالا، پوري مقالي ۾ جنهن جنهن هنڌ تي ورتا ويا آهن، اُتي اُن ڪتاب جو ڪُلپ نمبر (Code No) ۽ صفحو نمبر درج ڪيو ويندو آهي. هيءُ طريقو بلڪل آسان ۽ سهوليت پريو آهي.

**روايتون يا حوالا** (Quotations): مقالي ۾ ڪنهن بہ ڪتاب جا طويل ۽ مڪمل اقتباس درج ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. انهن چوٽين يا قولن پيش ڪرڻ جو سبب ۽ ضرورت هيٺين صورتن ۾ پيدا ٿيندي آهي:

(i) جڏهن ڪنهن ليکڪ جي نقطہ نظر جي ڇنڊڇاڻ ڪري اُن کي رد ڏيڻ جو مقصد هجي.

(ii) جڏهن ٻن متضاد يا الڳ الڳ خيالن جي جزوي ڀيٽ ڪرڻي هجي.

(iii) جڏهن ڪا چوٽي ايتري بهترين هجي، جو اُن سان مقالي جي سونهن ۽ معيار وڌڻ جي اُميد هجي.

بهرحال جيڪڏهن اقتباسَ ڏيڻ تمام ضروري ٿي پون تہ انهن کي جيتري قدر ٿي سگهي، مختصر صورت ۾ ڏيڻ گهرجي. اُن جي شروع ۽ پڇاڙيءَ ۾...... (ان طرح جي نقطن) جو استعمال ڪرڻ گهرجي. اهڙين چوٽين ۽ اقتباسن جي حاصلات جو ذڪر، هيٺ ڏنل اشارن جي صورت ۾ ڪرڻ گهرجي.

## باب چوڏهون

# مقالي جو اندازِ تحرير

**اثر:** ڪنهن به مقالي لاءِ اُن جو انداز تحرير يا لکڻ جو نمونو هر هڪ شخص ۽ وشيه جي لحاظ کان تبديل ٿيندو رهندو آهي. اِهو هڪ مڃيل اُصول آهي ته مقالي جي طرز تحرير وڌ ۾ وڌ غير شخصي هُئڻ گهرجي. اُن ۾ هڪ سائنسدان جهڙي انفراديت هئڻ گهرجي. مقالي نگار کي پنهنجي هڪ الڳ امتيازي سڃاڻپ هئڻ گهرجي. اهڙيءَ طرز تحرير ۾ تڪميل، انفراديت ۽ وضاحت وغيره کي شامل ڪري سگهبو آهي. پر موضوع جي سنجيدگي ۽ اُن کي قلمبند ڪرڻ جو اثر موجود هجي. هڪ ڪمزور طرز تحرير ۾ ملبوس سچائيءَ جي معنيٰ ئي ختم ٿيو وڃي ٿي. اُها صداقت هڪ مضبوط طرز تحرير جي ذريعي ئي اثرائتي بڻبي آهي. حقيقتن جي اهڙي وضاحت، جنهن ۾ شڪ شبهي جي ڪابه گنجائش نه هجي، تنهن لاءِ طرز تحرير ۾ وضاحت ڪرڻ جو گڻ هئڻ به ضروري آهي. اجائي لفظن جي ڀرمار به طرز تحرير کي خراب ڪري ڇڏيندي آهي. اُن لاءِ محقق کي لفظن جي استعمال ۾ بلڪل احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي. ان جو اِهو مطلب هرگز نه آهي ته وشيه کي عام فهم بڻائڻ لاءِ هروڀرو هلڪڙا لفظ استعمال ڪيا وڃن ۽ ضروري يامعياري لفظن کان ڪنارا ڪشي ڪئي وڃي، پر لفظن کي ائين تڪ تور ڪري استعمال ڪرڻ گهرجي، جو اُن ۾ غير ضروري لفظ اچي موضوع جي مقصد کي ڪا ضرب نه پهچائين. تحقيقي مقالي جي ٻولي، قاعدي ۽ اُصول جي پابندين جي محتاج ڪانه هوندي آهي.

مقالي جي ٻوليءَ کي صنايع بدايع ۽ النڪارن (صنعتن) وغيره کان بچائڻ گهرجي. اهڙي ڳوري ۽ دير هضم ٻولي، مقالي جي ضرورت جي پيش نظر بي اثر هوندي آهي. اهڙي ٻولي، مقالي جي وگيانڪ (سائنسي) ۽ ذهني عمل جو ساٿ نه ڏيئي سگهندي آهي.

محقق کي طرز تحرير جي باري ۾ پاڻ ئي ڄاڻُو ۽ محتاط هئڻ کپي. هيءَ اُهو وياڳ (ياڱو) آهي، جنهن ۾ سندس رهنما به سندس مدد نه ڪري سگهندو آهي. مدد ڪرڻ جو مطلب اِهو ٿيندو ته ان مقالي کي هڪ دفعو ٻيهر لکيو وڃي. جتي جتي پيشڪش ڪمزور هوندي، اُتي رهنما ڪيس اُن حصي کي هڪ دفعو وري لکڻ جي صلاح ڏيندو. دراصل اصلاح پوءِ به محقق کي ئي ڪرڻي پوندي.

محقق کي پنهنجو مقالو لکڻ کان اڳ، ٻين عالمن جي تصنيفن پڙهڻ جو موقعو

(iii) جيڪڏهن انگريزيءَ يا ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جي اصطلاحي لفظن جو ترجمو ڪيو ويو هجي، تہ ڏنگين ۾ يا مهاڳ واري حصي ۾ اُنهن جي اصلي صورت جو اظهار ڪرڻ مناسب ٿيندو آهي.

(iv) جيڪڏهن اصطلاحي لفظن جي استعمال ڪرڻ کان سواءِ ئي ڪنهن ڳالهہ جو بيان ممڪن هجي تہ ڪوشش ڪري اصطلاحي لفظن کان پرهيز ئي ڪرڻ گهرجي.

ان طرح لفظن جي استعمال جي باري ۾ اها صلاح ڏني ويندي آهي تہ جديد نموني وارا ٺاهيل لفظ تخليقي ادب ۾ پلي ڪيتري بہ اهميت ڇو نہ رکندا هجن، پر تحقيقي مقالي ۾ انهن جو استعمال هڪ نقص ئي ڪري ليکيو ويندو آهي. مقالي ۾ علائقائي ۽ بازاري قسم جي لفظن جو استعمال بہ پسند نہ ڪيو ويندو آهي، ڇو تہ انهن جي استعمال سان ٻوليءَ جي ڳنڀيرتا ختم ٿي ويندي آهي.

• • •

# ببليوگرافي (BIBLIOGRAPHY)


1. Alderm Mortimer J., 'How to read a Book', New York, Simon and Schuster, 1940
2. Almach, John C., 'Research and Thesis Writing', Boston. Houghton Mifflin Co., 1930
3. Adnerson, Surston, Poole, 'Thesis and Assignment Writing', Wiley Eastern Ltd., New Delhi, Bangalore, Bombay, Calcutta, 1970
4. A.M. Lawin Robinson, 'Systematic Bibliography', Clive Bingley London, K.G. Saur Munich, New York, Paris, 1979
5. Best, John W., 'Research, in Education', Sixth Printing, Englewood Cliffs, N.J. Prentice-Hall, Inc. 1961
6. Cole, Arthur H. and Bigelow, Ka. IW, 'A Manual of Thesis Writing', Eighth Printing, New York, Joh Wiley & Sons, Inc., 1956
7. Dewey John, 'The quest for Certainty', London, George Allen and Urwin Ltd., 1930
8. Encyclopedia Britannica, Vol. I-XXII, Chicago, William Benton, 1960
9. Gatner, Elliot S.M., and Cordasco, Francesco, 'Research and Report Writing', Eighth Printing, New York, Barnes and Boble, Inc., 1960
10. God, Carter V. and Scates, Doughlas E., 'Methods of Research', New York, Appellation Century-Crafts, Inc. 1954
11. Hall, F.W. 'A Companion to Classical Tests', Oxford, Clarendon Press, 1913
12. Kartre, S.M., 'Introduction to Indian Textual Criticism', Bombay, Karnatak Publishing House, 1941
13. Khandelwal, 'Research Methodology' (A Symposium) Sardar Vallabhbhai University, Vallabh Vidyanagar, Gujarat.
14. Nick Moore, 'How to do Research', LA, The Library Association, London, 1983
15. Sharma, Prasad Etc., 'Research Methods in Social Sciences'
16. University of Oxford, Members of the Faculty of English Language and Literature, 'Notes on the Presentation of Thesis Literary Subjects', Second Edition, London, Rupal Hart-Davis, 1958
17. Webster's New International Dictionary of the English Language, Second Edition, Springfield, Mass. U.S.A.G., & C. Merriam Co., 1948
18. Whitney, Frederick; Lamson, 'The Elements of Research', First Indian Edition, Bombay, Asia Publishing House, 1961
19. Williams, Cecil B. and Stevenson, Allan H.A., 'Research Manual', First Edition, New York, Harper and Brothers, 1940 Revised Edition, New York, Harper and E. others, 1951.

ISBN 978-9-6962507-6-0